# سُورَةُ البقرة

هن سورت جو نالو البقرة آهي. يعني اها سورت جنهن ۾ ڳئونءَ جو ذڪر ٿيل آهي. عربي زبان ۾ ”البقرة“ ڳئونءَ کي چوندا آهن. هيءَ سورة مدينه منوره ۾ نازل ٿي. هجرت کان اڳ مڪه مڪرمه ۾ گهڻو ڪري مخاطب مشرڪين عرب هيا، پر مدينہ منوره ۾ يهودين سان واسطو پيو، جيڪي موسىٰ عليه السلام جي دين جا پيرو ڪار هيا ۽ توحيد رسالت وحي آخرت ۽ فرشتن جا قائل هئا، پر اصل دين ۾ سندن رسمون ۽ رواج داخل ٿي چڪا هئا. موسىٰ عليه السلام کي گذرئي تقريباً 19 سؤ سال ٿي چڪا هئا. ان ڪري اصل دين ڪافي مسخ ٿي چڪو هو. دين موسوي جو حقيقي روح باقي نہ رهيو هو. سندن علماء، مشائخ ۽ قومي سردارن جي اعتقادي، اخلاقي ۽ عملي حالت بگڙي چڪي هئي. سادن لفظن ۾ تہ هو بگڙيل مسلمان هئا. هنن دين کي پنهنجي اسرائيلي نسل جي وارثت بڻائي ڇڏيو هو ۽ يهودي هجڻ ئي سندن ديناداري هئي. سورة البقره جي شروعاتي پندرهن سورنهن رڪوعن جو موضوع اهي يهودي ئي آهن، جن ۾ سندن تاريخي حقيقت، اخلاقي ۽ مذهبي حالت، مٿن خدائي انعامات ۽ سندن ناشڪري ۽ هٺ ڌرمي سبب اصل دين کان دوريءَ تي بحث ٿيل آهي.

مدينه منوره ۾ اسلامي رياست جو بنياد پئجي چڪو هو. ان ڪري سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي، عائلي ۽ ذارين قومن قبيلن سان واسطو رکندڙ اصول ۽ هدايتون ملڻ شروع ٿي ويون هيون. هجرت کان اڳ مڪه مڪرمه ۾ مسلمان پنهنجي پنهنجي گهر ۾ عبادت يا تبليغ دين جو ڪم ڪندا هئا ۽ ڪافرن جي بيحد تشدد، ظلم ۽ زيادتي جا شڪار هوندا هئا. پر مدينه منوره ۾ سندن ننڍڙي اسلامي رياست جو بنياد پئجي چڪو هو، ان ڪري هت سندن اجتماعي جدوجهد سان تبليغ دين جو دور شروع ٿيو تہ پورو عرب، ان جا طاقتور قبيلا، سردار، مشرڪ يهودي سمورا دين اسلام ۽ مسلمانن جي هن ننڍڙي، پر پُرعزم جماعت جي خلاف صف آرا ٿي ويا. مدينه منوره جي هن ننڍڙي اسلامي

رياست ۾ مسلمانن دين جي تبليغ، مخالفن کي دليلن ۽ برهان سان قائل ڪرڻ، صبر ۽ استقامت سان مخالفن جو مقابلو ڪرڻ ۽ پنهنجي بي سرو ساماني، فقر و فاقه، هر وقت بدامني ۽ بي اطميناني واري زندگيءَ کي نهايت همت جرئت ۽ دليري سان پنهنجي حق ۾ آندو، جنهن ۾ حضور خاتم النبيين ﷺ جن جي قائدانہ صلاحيت، تربيت ۽ قرآن حڪيم جي نازل ٿيندڙ آيتن جي هدايت ۽ رهنمائي کين ناقابل تسخير بڻائي ڇڏيو. هو رات جو فرشتا ۽ ڏينهن جو گجگوڙيندڙ شينهن هئا.

اسلام جو روز بروز زور وٺندڙ ماحول ڏسي ڪجهہ ماڻهن ظاهري طور تي اسلام قبول ڪيو، پر اندر ئي اندر ۾ اهي ساڳيا ڪافر رهيا. اهڙن منافق ماڻهن جا مختلف گروهہ بڻجي ويا، جيڪي هڪ طرف دين اسلام ۽ مسلمانن کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪافرن سان مليل هئا تہ وري مسلمانن کي فتوحات حاصل ٿيڻ ۽ مال غنيمت ملڻ ۾ انهن سان همنوا ٿيڻ ۾ بہ شامل رهيا. ان ڪري مسلمانن کي هڪ طرف پنهنجي ظاهري دشمنن ڪافرن ۽ يهودين سان مقابلو ڪرڻو ٿي پيو تہ ٻئي طرف وري منافقن جي اندروني سازشن جو سامهون ڪرڻو ٿي پيو. هن سورت سڄوري ۾ انهن معاملن جي بيان سان گڏ معاشي، معاشرتي ۽ عائلي احڪامات جو بيان بہ موجود آهي.

حديث شريف ۾ آهي تہ جنهن گهر ۾ سورت بقره پڙهي وڃي تہ ان گهر مان شيطان ڀڄي وڃي ٿو. حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ جن جو ارشاد گرامي آهي:

لَا تَجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ مَقَابِرَ اِنَّ الشَّيْطَانَ يَنْفِرُ مِنَ الْبَيْتِ الَّذِيْ تُقْرَأُ فِيْهِ سُوْرَةُ الْبَقَرَةِ

ترجمو: پنهنجي گهرن کي قبرستان نہ بڻايو (پر قرآن جي تلاوت جاري رکو) هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جنهن گهر ۾ سورت بقره پڙهي وڃي ٿي ان گهر مان شطان ڀڄي وڃي ٿو.

سورة البقره جي تعليمات ۽ اصلاحات سبب اهو گهر فتني ۽ فساد کان محفوظ، امن و سڪون جو گهوارو هجي ٿو.

———●●●———

الجزء ١

آيتون ٢٨٦ سورة البقره (مدني سورت) رکوع ٤٠

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓمّٓ ۚ ﴿١﴾ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ ۛۚ فِيۡهِ ۛۚ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ ۙ﴿٢﴾

معانقة

**الله جي (بابرڪت) نالي سان شروع جيڪو تمام گهڻو مهربان ۽ لڳاتار رحم ڪرڻ وارو آهي.**

**الف لام ميم - يا الله عليم ۽ حڪيم جو ارشاد گرامي آهي ته هي عظيم ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش نه آهي. هي متقي ماڻهن (خدا ترس انسانن) لاءِ هدايت آهي.**

تنوير المقباس تفسير ابن عباس جي مفسر "بِسۡمِ" ۾ "ب" مان مراد باري، "س" مان سميع ۽ "م" ڪان مجيد مراد ورتو آهي.

الف_لام_ ميم. الله عليم ۽ حڪيم جو ارشاد گرامي آهي ته هي وڏي شان وارو ڪتاب جنهن جي الله طرفان نازل ٿيڻ (السجده:2/32) ۽ حق و صداقت جي شاهڪار هجڻ ۾ ڪو به شڪ ناهي. (الحجر: 9/15) اهو انهن انسانن ڪي پنهنجي منزل مقصود تي پهچائي ٿو، جيڪي دل و جان سان راهه حق جا متلاشي ۽ غلط راهروي جي خطرن ڪان پاڻ ڪي بچائڻ گهرن ٿا. اِنَّ هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ يَهۡدِىۡ لِلَّتِىۡ هِىَ اَقۡوَمُ وَيُبَشِّرُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ الَّذِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمۡ اَجۡرًا كَبِيۡرًا۝ (بني سرائيل 9/17) هي قرآن انهيءَ واٽ تي هلائي ٿو جيڪا نهايت سڌي آهي ۽ اهي اهل ايمان جيڪي چڱا ڪم ڪن ٿا، انهن ڪي ڪاميابيءَ جي بشارت ڏئي ٿو ۽ يقين ڏياري ٿو ته انهن لاءِ اجر عظيم آهي. "وَنُنَزِّلُ مِنَ الۡقُرۡاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحۡمَةٌ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۙ وَلَا يَزِيۡدُ الظّٰلِمِيۡنَ اِلَّا خَسَارًا" (بني اسرائيل: 82/17) هيءُ قرآن عمل پيرا ٿيندڙ

مؤمنن لاءِ شفاء ۽ رحمت آهي پر (ضد ۽ هٺ ۾) انڪار ڪندڙن جي خساري جي خبر ڏيندڙ آهي.

قرآن شريف جون اٺٽيهه اهڙيون سورتون آهن، جن جي شروعات سورت بقره وانگر حروف مقطعات سان ڪئي وئي آهي. الٓمّٓ ۽ ٻيا سمورا حروف مقطعات سِرٌّ بَيۡنَ اللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ يعني هي اهي راز آهن جيڪي الله ۽ الله جو رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيۡنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ جي درميان آهن.

ميانِ عاشق و معشوق رمزيست
كرامًا كاتبين را زو خبر نيست

يعني: مُحِبُّ ۽ محبوب ۾ اهڙا راز آهن، جن جي ڪرامن ڪاتبين کي بہ خبر ناهي. جن جو مفهوم بارگاهِ رسالت مان اولياءَ الله تائين پهچي ٿو.

بلڪل هي اهوئي ڪتاب آهي، جنهن جي نازل ڪرڻ جو وعدو اسان هن کان اڳ توريت ۽ انجيل ۾ ڪري چڪا آهيون. هن ڪتاب جا دليل واضح ۽ برهان روشن آهن. هيءُ ڪتاب دراصل ”لَا رَيۡبَ فِيۡهِ“، ”فِيۡهِ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ“ آهي. يعني ”فِيۡهِ“ جي نسبت ”اَلۡكِتٰبُ“ ۽ ”مُتَّقِيۡنَ“ ٻنهي ڏانهن آهي.

حضرت مخدوم نوح سرور رحمۃ اللہ علیہ الٓمّٓ جو ترجمو ”منم خدائی کہ می دانم“ يعني مان اهو الله آهيان، جو عليم و خبير آهيان، سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو“ ڪيو آهي. تنوير المقباس تفسير ابن عباس ۾ آهي: ”اَنَا اللّٰهُ اَعۡلَمُ“ يا ”اَنَا اللّٰهُ اُقۡسِمُ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ“.

الٓمّٓ ۾ الف هڪ حرف، لام هڪ حرف ۽ ميم هڪ حرف آهي. حضور خَاتَمُ النَّبِيِّيۡنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ جن فرمايو تہ الله جي ڪتاب مان جنهن بہ هڪ حرف پڙهيو ان لاءِ هڪ نيڪي آهي ۽ هن نيڪي جو اجر ڏهوڻو آهي. (جامع ترمذي) ڪجهہ تفسيرن الٓمّٓ ۽ باقي حروف مقطعات لاءِ وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمُرَادِهٖ چئي (يعني الله کي ئي انهن جو مفهوم معلوم آهي) معنىٰ نہ لکي آهي پر ڪجهہ تفسيرن ۾ مناسب معنىٰ بيان ٿيل آهي. (مخدوم نوح سرور رحمۃ اللہ علیہ جو فارسي زبان ۾ قرآن ڪريم جو ترجمو ۽ ٻيا تفسير) سورة الفاتحه ۾ اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ چئي سڌي رستي تي هلڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي. ان جي جواب ۾ ارشاد رباني آهي تہ هي قرآن هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ آهي. توڙي ڪٿي قرآن هُدًى لِّلنَّاسِ يعني تمام انسانن لاءِ هدايت ۽ رهبري جو روشن مينار آهي، پر ان مان اصل فائدو صرف متقي انسان ئي حاصل

ڪري سگهن ٿا. انسانن ۾ ڪجھ ماڻھو محتاط طبيعت جا هوندا آهن ته بعض وري بلڪل بي پرواھ ۽ غير محتاط، احتياط ڪرڻ وارا انسان پلي بري، نفعي نقصان، حق ناحق، حلال حرام جو خيال رکي سوچي سمجهي سنيالي سنيالي قدم کڻندا آهن. سڌي ۽ سچائي واري رستي تي هلڻ وارن ۽ غلط رستن تي قدم رکڻ جي خطرن کان پاڻ کي بچائي رهڻ وارن کي قرآن متقي يا صاحب تقوىٰ سڏيو آهي. اهڙي طرح زندگيءَ گذاريندڙ متقين جون ڪجھ صفتون ايندڙ آيتن ۾ بيان ڪيون ويون آهن. اهڙن نيڪوڪار ماڻهن جي ابتڙ بي پرواھ انسان هوندا آهن، جيڪي حلال حرام، جائز ناجائز، حق ناحق، غلط ۽ صحيح جو خيال نه رکندي بي لغام ۽ ڇڙواڳ زندگيءَ گذاريندا آهن. اهي ئي گمراھ، پٽڪيل، حق ۽ سچائي کان محروم ماڻهو آهن.

ياد رهي ته هر بادشاھ جو هڪ ممنوعه چراگاھ هوندو آهي، جتي No Entry ۽ Protected area لکيل هوندو آهي، جتي وڃڻ ممنوع آهي. اهڙيءَ طرح خدا جا ممنوعه علائقا محارم آهن، جن جي ويجهو وڃڻ کان به روڪيو ويو آهي. ”وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰٓى“ (بني اسرائيل: 39/17) هر ڪامل متقي ولايت جو ممتاز مقام ماڻي ٿو. ”تقوىٰ“ جي معنىٰ آهي ڪنهن شيءِ جي حفاظت ڪرڻ، نگهباني ۽ نگهداشت ڪرڻ. مُضرّ ۽ تڪليف ڏيندڙ شين کان بچڻ. قرآن مجيد ۾ سورة الرعد: 13 / 37 جي آيت ” مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ“ ۾ لفظ بچائڻ وارو“ جي معنىٰ ۾ آيو آهي. اهڙيءَ طرح ” فَاتَّقُوا النَّارَ“ (البقره: 2/ 24) ۾ ”پاڻ کي عذابِ آتش کان محفوظ رکو“ ۽ (سوره آل عمران: 3 /101) ۾ ”يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ “ ۾ ”خدا جي حڪمن آڏو مڪمل جهڪڻ“ آيو آهي. ” اتَّقُوا اللّٰهَ“ جو مفهوم آهي ”خدا جي قانون (قرآن حڪيم) سان هم آهنگ رهڻ، جنهن سان خدا جي عذاب کان بچي وڃجي. سوره ص: 35 /28 ۾ ”متقين“ لاءِ قرآن سان چنبڙيل ۽ ”فجار“ لاءِ ڇڙوڇڙ ٿيل آيو آهي. ”فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا“ (الشمس: 91/8) انسان جي اختيار ۾ آهي ته الله جي قانون کي پڪڙي رکي يا ان کان ڇڙوڇڙ ٿي وڃي.

تقوىٰ قرآن ڪريم جو خاص اصطلاح آهي، جنهن جو ترجمو آيت جي مضمون مطابق هوندو. هڪ ترجمو ممڪن نه آهي. خدا کان ڊڄڻ جو مفهوم به اهوئي آهي. ”تقوىٰ“ خدا ۽ سندس رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي حڪمن جي اطاعت ڪري، زندگيءَ جي تباھ ڪن نتيجن

ڪان بچڻ آهي. (الحجرات:: 13/49، الحشر: 18/59 ۽ 19) اهي آيتون مٿيئين مضمون جي وضاحت آهن.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه حضرت اُبيّ بن ڪعب رضي الله تعاليٰ عنه کان پڇيو تہ تقويٰ ڇا آهي ؟ جنهن تي هن وراڻيو تہ مَا سَلَكْتَ طَرِيْقًا ذَا شَوْكٍ؟ ڇا تون اهڙي رستي تي ڪڏهن نہ هليو آهين جنهن ۾ ڪنڊا هجن؟ چيائين تہ هائو. پوءِ پڇيائين تہ فَمَا فَعَلْتَ؟ پوءِ تو ڇا ڪيو؟ جواب ڏنائين تہ شَمَّرْتُ وَاجْتَهَدْتُ مون ور ڪنيا ۽ ڪوشش ڪئي تہ (ڪنڊن ڪان) پاڻ کي بچائي سگهان، جنهن تي هن چيو تہ فَذَالِكَ التَّقْوٰى اهائي تہ تقويٰ آهي. يعني متقي اهي محتاط انسان آهن، جيڪي زندگيءَ جي تباهہ ڪن نتيجن واري غلط روش کان پاڻ کي بچائي احڪام خداوندي سان هم آهنگي اختيار ڪن جن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هر هنڌ ڏنو ويو آهي. (المائده: 93/5) تقويٰ اهو روح ۽ اها قوت محرڪه آهي، جيڪا انسان کي نيڪيءَ طرف مائل ڪري ٿي ۽ برائيءَ کان دور رکي ٿي. (بيان القرآن: جلد2 ص310) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمه الله هنن متقين جي تعريف هن طرح ڪئي آهي:

تن تسبيح، من مٽيو، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سرّ وڄن،
وحده لا شريڪ له اهو راڳ رڳن،
سي ستا ئي سونهن، ننڊ عبادت جن جي. (آسا)

*** 

شريعت سڃاڻ، ڪر طريقت تڪيو،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ماڻ،
هُئِج ثابوتي ساڻ، تہ پُسڻ ڪان پالهو رهين. (آسا)

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٣﴾

جيڪي غيب (اڻ ڏٺي) تي ايمان آڻين ٿا ۽ نماز (خشوع ۽ خضوع سان) قائم ڪن ٿا ۽ جو ڪجهہ بہ اسان هنن کي عطا ڪيو آهي، ان مان (راهِ خدا ۾) خرچ ڪن ٿا.

متقي انسان اهي آهن، جيڪي غيب (جي حقيقتن) تي ايمان رکن ٿا ۽ اقامت صلواة يعني نماز جي قيام جو پابندي سان اهتمام ڪن ٿا ۽ جو ڪجهه روزي ۽ رزق مان اسان ڪين عطا ڪيو آهي اهو (نيڪي جي راهه ۾ انسان ذات تي) خرچ ڪندا رهن ٿا. ايمان زبان جي اقرار ۽ دل جي تصديق سان مجازي ايمان آهي، پر حقيقي ايمان عملي طور ان ڪي جامو پهرائڻ آهي. ايمان سِرّ (راز) آهي. نماز دين جو ستون ۽ زڪواة اسلام جي پُل آهي. حقيقي ايمان جون نشانيون جسماني ۽ مالي رياضتون ۽ قربانيون بہ آهن.

**الْغَيْبِ** مان مراد اهڙا امور آهن جن جو ادارڪ عقل ۽ حواس ذريعي ڪرڻ ممڪن ناهي. انسان پنهنجي حواس سان جو ڪجهه معلوم ڪري ٿو ان ڪي محسوس ۽ جيڪو معلوم نٿو ڪري سگهي ان ڪي غير محسوس سڏجي ٿو. قرآن ڪريم ان لاءِ "الغيب" ۽ "الشهادة" جا الفاظ استعمال ڪري ٿو. عالم غيب يعني غير محسوسات ۽ عالم شهادت يعني محسوسات. جهڙي طرح ذاتِ باري تعالیٰ وحي الٰهي جنت دوزخ، فرشتا قبر جو عذاب، حشر قيامت، يوم حساب وغيره امور غيب ۾ اچن ٿا، جن جي الله جي رسول خاتم النبيين ﷺ ۽ قرآن حڪيم تصديق ڪئي آهي. انهن تي دل جي سچائين سان ايمان آڻڻ متقي ماڻهن جي نشاني آهي. سوره آل عمران ۾ بہ قرآني تعليم ڪي محڪمات ۽ متشابهات جي بن اصطلاحن سان بيان ڪيو ويو آهي: اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۫ الخ (البقره: 2/285) رسول خدا حضرت محمد خاتم النبيين ﷺ جن تي جيڪي سندس پروردگار طرفان نازل ڪيو ويو آهي، ان تي سندس ۽ مؤمنن جو پڪو پختو ايمان آهي ۽ هو ايمان رکن ٿا الله تي، سندس ملائڪن تي، ڪتابن تي ۽ رسولن تي. سچو مؤمن ۽ متقي انسان انهن غيبي معاملن جي حقيقت معلوم ڪرڻ جي ڪاوش نٿو ڪري، چو تہ سندس ايمان آهي تہ اهي امور انساني عقل و شعور جي دسترس کان باهر آهن، اهي حقيقتون وحي الٰهي جي ذريعي معلوم ٿيون ۽ انهن جي اهڙي طرح تصديق ڪرڻ جزو ايمان آهي. سوره يٰس ۾ آهي: وَ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ۚ ۽ سوره ق ۾ آهي: مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ اصل ۾ اهو ايمان بالله ئي انهن سمورين غيبي حقيقتن جو مرڪزي ۽ بنيادي نقطو آهي. (آل عمران: 3/ 179، المائده: 94/5، الانعام: 6/ 59، يونس: 20/10، هود: 31/11، يوسف: 52/12، النحل: 77/16، الجنّ: 26/72، التڪوير: 24/81)

وحده لا شريڪ له جان تو چئين ايئن،
تان مڃ محمّد ڪارڻي نرتان منجهان نينهن
سو تو وڃيو ڪيئن نائين ڪنڌ ٻين ڪي. (شاھ)

يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ اقامة صلوات مان مراد وقت جي پابندي سان سنت نبويﷺ مطابق نهايت خشوع ۽ خضوع سان نماز جو اهتمام ڪرڻ آهي. جنهن سان نمازيءَ تي احسان واري ڪيفيت طاري ٿي وڃي. كَاَنَّكَ تَرَاهُ (گويا تون پنهنجي معبود کي ڏسي رهيو آهين ۽ ان سان ان جي بارگاهه ۾ همڪلامي آهين) پر جيڪڏهن اها ڪيفيت ۽ حالت طاري نٿي ٿئي ته پوءِ ڪم از ڪم فَاِنَّهٗ يَرَاكَ (تنهنجو رب توکي ڏسي رهيو آهي) ضرور هئڻ گهرجي. اهڙي ذوق و شوق سان ادا ڪيل نماز ئي دين جو ستون، مؤمن جو معراج ۽ متقيءَ جي نشاني آهي.

جان جان پسين پاڻ کي تان تان ناه نماز
سڀ وڃائي ساز، تنهان پوءِ تڪبير چؤ

جان جان پسين پاڻ کي تان تان ناه سجود
وڃائي وجود تنهان پوءِ تڪبير چؤ

سر بسجده دل بپيشِ گاؤ خر
ايں چنيں تسبيح کے دارد اثر

يعني: سر ته سجدي ۾ آهي، پر دل ڳڏهه ڳابي جي پنيان، اهڙي نماز ڪهڙو تاثير پيدا ڪندي؟

قرآن حڪيم ۾ آهي ته ”اي ايمان وارو صبر ۽ نماز سان(الله) جي مدد حاصل ڪريو. (البقره: 153/2) كَانَ النَّبِيُّ اِذَا حَزَبَهٗ اَمْرٌ صَلّٰى (مسند ابي داؤد) حضور خاتم النبيينﷺ جن کي جڏهن به ڪو اهم معاملو آڏو ايندو هو ته پاڻ نماز جو اهتمام ڪرڻ فرمائيندا هئا. اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ ؕ (العنڪبوت: 45/29) يقيناً نماز بي حيائي ۽ برائي جي ڪمن کان روڪي ٿي.

روز محشر کہ جاں گداز بود
اولیں پرسشِ نماز بود

يعني: محشر جي ڏينهن جڏهن ساهہ تڙپندا، تہ سڀ کان اول نماز جو پڇاڻو ٿيندو.

عبادالرحمان پنهنجي رب آڏو سجدن ۽ قيام سان راتيون گذاريندا آهن. (الفرقان: 64/25) فلاح پائيندڙ مؤمن اهي آهن جيڪي پنهنجي نماز نهايت عاجزي ۽ انڪساري سان ادا ڪن ٿا. (المؤمنون: 2/23) ۽ جيڪي پنهنجي نمازن جي پوري پوري هميشگي رکن ٿا. (المؤمنون: 1/23، المعارج: 22-23/70) نماز ئي اهڙي عبادت آهي جنهن سان ٻانهو پنهنجي رب سان هر وقت هم ڪلامي رهي ٿو ۽ الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي پنهنجي بندگي جو اقرار ڪري ٿو. (النمل: 31/27)

يُنْفِقُوْنَ انفاق رزق مان مراد آهي الله جي عطا ڪيل رزق کي عوام الناس جي بهبود ۽ بهتري لاءِ هميشه ڪليل ۽ جاري ۽ ساري رکڻ. نفق اهڙي سرنگ کي سڏبو آهي، جنهن جا ٻئي پاسا دخول ۽ خروج ڪليل هجن. تنهنڪري پيٽ مان آر پار سوراخ ڪرڻ کي بہ نفق سڏيندا آهن. هتان معلوم ٿيو تہ خداوند ڪريم جي عطا ڪيل رزق يا ڌن دولت ۽ مال متاع کي بہ سوراخ هجي تہ جيئن اهو هميشه وهندڙ يا جاري ۽ ساري رهي ۽ هڪ هنڌ گڏ ٿي نہ رهي سگهي. وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ قُلِ الْعَفْوَ ؕ (البقره: 219/2) پڇن ٿا تہ ڪيترو خرچ ڪرڻ کپي. تون کين ٻڌاءِ تہ جيڪو ڪجهہ اوهان جي ضرورت کان زياده آهي، اهو خرچ ڪريو. چاهي زڪوات، صدقات واجب هجن يا نفلي خير خيرات هجي، رزق هر انهيءَ شيءِ کي سڏبو آهي، جنهن مان نفعو حاصل ٿئي، ان ڪري رزق غذا معايش سميت انهن سمورن اسباب ۽ ذريعن کي بہ سڏجي ٿو جيڪي نوع انسان جي بهتري، ڀلائي ۽ نشو نما لاءِ ڪار آمد ثابت ٿين، جنهن ۾ علم و دانش، درس و تدريس، وعظ و پند بہ شامل آهن. خدا جي هر ڏات رزق آهي، جنهن کي انسان جي ڀلائي ۽ الله جي دين کي قائم رکڻ لاءِ کليو عام يا جاري ساري رکڻ متقي مؤمن جي نشاني آهي. انهيءَ نفق جي مادي مان نافق منافق بہ اچي ٿو، منافق بہ ايمان ۾ ظاهري طرح داخل ٿيڻ ۽ باطني طرح ان مان نڪرڻ (خروج) جو دروازو بہ کليل رکي ٿو. ان ڪري کيس "منافق" سڏجي ٿو.

وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ ؕ﴿۴﴾

۽ جيڪي ماڻهو توڏانهن نازل ڪيل ۽ جيڪو توکان اڳ نازل ڪيو ويو (سڀ) تي ايمان آڻين ٿا ۽ اهي آخرت تي بہ (ڪامل) يقين رکن ٿا.

۽ (اي حبيب ﷺ) اهي متقي ان قرآن تي عقل ۽ ادراڪ سان سوچي سمجهي دل جي گهراين سان ايمان آڻين ٿا جيڪو توتي وحي الٰهي معرفت نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو توکان اڳ رسولن تي توريت، انجيل يا صحيفن جي صورت ۾ جو ڪجھ نازل ڪيو ويو آهي (جو هن قرآن ڪريم ۾ محفوظ آهي) ۽ اهي آخرت تي بہ يقين رکن ٿا تہ الله جي حضور پيش ٿي سخت احتساب جو جواب ڏيڻو آهي. تمام نبين ۽ رسولن ڪرام تي ايمان آڻين ٿا، جنهن مان مراد آهي تہ هر دور ۾ الله تبارڪ و تعالیٰ انسانن جي رهبري، رهنمائي ۽ رشد و هدايت لاءِ پنهنجي رسولن جي معرفت وحي الٰهي جو سلسلو جاري رکي، دين اسلام ڪي دائم قائم رکيو. جيڪو هينئر هن قرآن جي صورت ۾ موجود آهي ۽ جنهن تي ايمان آڻڻ سمورن انسانن لاءِ لازم آهي. فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ (البقره: 2/ 137) جيڪڏهن اهي (غير مسلم) اوهان (مسلمانن) وانگر ايمان آڻيندا تہ هدايت وارا ٿي ويندا پر جيڪڏهن هو مخالفت تي سندرو ٻڌي بيهندا ۽ منهن موڙيندا تہ الله هنن جي هن مخالفت هوندي بہ تنهنجي مدد لاءِ ڪافي آهي. سورة النساءِ: آيت 136 ۾ بہ ايمان بالله، ايمان بالرسول، ايمان بالآخرة ۽ ايمان بالقرآن ۽ سابقه ڪتب لازم آهي. اهي متقي ماڻهو آخرت تي بہ يقين رکن ٿا. (النمل: 3-4/27) هت آخرت مان مراد آهي تہ هڪ ڏينهن هن دنيا جو خاتمو ٿيڻو آهي ۽ يقينًا اهڙو ٻيو عالم وجود ۾ اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ مالڪ يوم الدين آڏو هڪ ملزم جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻو آهي، جتي هن دنياوي زندگي ۾ ڪيل تمام نيڪ ۽ بد عملن جو حساب ڪتاب (احتساب) ٿيڻو آهي، جنهن ۾ ڪو بہ شڪ شبهو ناهي. اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْاٰخِرَةِ يعني هيءَ

دنيا آخرت جي کيتي آهي، هت جيڪو پوکبو، آخرت ۾ اهو ئي لڀبو يعني زندگيءَ ڀر جي تمام ڪارگذارين جو اکر بہ اکر حساب ڏيڻو پوندو ۽ ان مطابق جزا ۽ سزا جو فيصلو ٿيندو.

متقي انسانن جو يوم آخرت تي يقين سان ايمان آڻڻ مان مطلوب آهي تہ انسان پنهنجي زندگيءَ خدائي احڪامن مطابق گذاري تہ جيئن حساب ڪتاب جاچڻ وقت ڪيس ڪنهن ذلت ۽ خواري جو منهن ڏسڻو نہ پوي. متقي مؤمنن کي يقين آهي تہ هت اهڙي پاڪيزه زندگي گذارڻ بعد هڪ خوشگوار نئين زندگيءَ جي نويد آهي.

آنرا کہ حساب پاک است　　　　از محتسب چہ باک است

(شيخ سعدي رحمه الله)

جنهن جو حساب ڪتاب پاڪ صاف آهي ان کي محتسب جو ڪهڙو ڊپ هوندو.

أُولَٰئِكَ عَلَىٰ هُدًى مِّن رَّبِّهِمْ ۖ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ۝٥

اهي (ماڻهو) پنهنجي رب طرفان هدايت تي آهن ۽ اهي ئي حقيقي ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن.

انهن وصفن ۽ صفتن جا حامل سعادتمند انسان ئي پنهنجي پروردگار پاران حق ۽ هدايت واري شاهراهہ تي روان دوان آهن ۽ اهي ئي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ آهن. جن جي واڪاڻ ۾ قرآن ڪريم جون ڪيتريون ئي آيتون موجود آهن. سورة المؤمنون آيت 1 کان 11 تائين، سوره لقمان جي شروعاتي پنج آيتن ۽ سورة الفرقان ۾ "عبادالرحمان" جي عنوان سان خدا جي اهڙن سڳورن پيارن ۽ ديندارن جو ذڪر آيل آهي. انهن سمورين صفتن جا حامل عبادالرحمٰن ئي متقي آهن، جيڪي احڪام الاهيءَ جو پورو پورو اهتمام ڪن ٿا ۽ انحرافيءَ جي صورت ۾ انجامِ ڪار جي بدلي خدا جي عذاب کان ڊڄن ٿا. (المؤمنون: 23/ 11-1، لقمان: 31 / 1 کان 5.)

مان پڇنئي سپرين چتان لاهہ م چر
انهيءَ جا امر ڪڻ تہ خالي نہ ٿيين.

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولايت ۾، ذرو ٿئي نہ ضياع،
سا کا هَڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي ايئين. (شاهہ ﷫)

إِنَّ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَأَنذَرْتَهُمْ أَمْ لَمْ تُنذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٦﴾

بيشڪ جن (ماڻهن) ڪفر اختيار ڪيو، انهن لاءِ برابر آهي تہ خواهہ تون انهن کي (سندن ڪفر جي نتيجن کان) ڊيڄارين يا نہ ڊيڄارين، هو ايمان ڪو نہ آڻيندا. (6)

پر اهي ماڻهو جن ايمان جي بدلي انڪار جي راهہ اختيار ڪئي ۽ حق ۽ سچائي جو سڏ ٻڌڻ ۽ قبول ڪرڻ جي صلاحيت ختم ڪري ڇڏي، تون اهڙن ماڻهن کي سندن غلط راهہ روي جي خطرناڪ نتيجن کان خبردار ڪرين يا نہ ڪرين، اهي هرگز مڃڻ وارا نہ آهن. هي اهو گروهہ آهي جيڪو ضد، حسد، ساڙ، تڪبر، غرور، عناد، سرڪشي ۽ ذاتي مفادپرستي جي آڙاهہ اندر جلي سڙي رهيو آهي. ڪين سندن اهڙي روش جي تباهہ ڪندڙ نتيجن کان آگاهہ ڪرڻ ۾ ڪو بہ فائدو ۽ هڙ حاصل ناهي. هت اهڙا ئي ڪافر مراد آهن، پر اهي سنجيده ڪافر، جن تائين اجان دعوتِ دين نہ پهتي آهي، يا هو سوچي رهيا آهن، هٺ، ضد، حسد ۽ انا کان خالي آهن، اهڙا ڪافر جن ۾ ايمان جي اميد باقي آهي، اهي شامل نہ آهن. (**البقره:** 2/ 89-90 ۽ 109، **النمل:** 14/27، **فاطر:** 35/ 43-42، **محمد:** 32/47، **الانعام:** 26/6، **حــٰم السجده:** 26/41)

خَتَمَ ٱللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ وَعَلَىٰ سَمْعِهِمْ ۖ وَعَلَىٰٓ أَبْصَٰرِهِمْ غِشَٰوَةٌ ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿٧﴾ ع

الله (سندن هن اختيار ڪيل روش جي نتيجي ۾) هنن جي دلين ۽ ڪنن تي مُهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ هنن جي اکين تي پردو پئجي ويو آهي ۽ انهن لاءِ سخت عذاب آهي. (7)

گويا هنن جي دلين ۽ ڪنن تي الله مهر لڳائي ڇڏي آهي ۽ انهن جي اکين تي پردا پئجي ويا آهن. سو جن ماڻهن جو هي حال آهي، اهي ڪڏهن به هدايت حاصل ڪري ڪونه سگهندا. اهڙن ماڻهن جو مقدر جان ليوا عذاب آهي. معلوم ھئڻ گهرجي ته قرآن جي نزول وقت ماڻهن جو هڪڙو اهڙو گروهه هو، جو خدا پرست ۽ طالب حق هو، جنهن ۾ عرب جا موحّد، يهود ۽ نصاريٰ جا راست باز انسان شامل هئا. ٻيو گروهه عرب جا عام مشرڪ هئا، جيڪي پنهنجي رسم رواج ۽ آباءِ و اجداد جي نقش قدم جا پيروڪار هئا. جيڪي پنهنجن باطل عقيدن ۾ نهايت راسخ ۽ پختا پڪا هئا. جن ۾ سچائي جي ٻڌڻ، ڏسڻ، سوچڻ، سمجهڻ جي صلاحيت سلب ٿي چڪي هئي. انهن جي اکين تي مفاد پرستي جا پردا پيل هئا. هو حق جي صدا ٻڌڻ کان محروم هئا. ٽيون گروهه اهل ڪتاب جو هو، جن ۾ يهودي ۽ عيسائي هئا. اهي خداپرستي ۽ توريت ۽ انجيل جي شريعت جا دعويدار هئا، پر دين جي صداقت ۽ سچائي کان محروم هئا. علماء ۽ مشائخ به آسماني ڪتابن ۾ تحريف ڪري پنهنجا ذاتي مقصد ماڻيندا هئا. حديث شريف ۾ آهي مؤمن جڏهن ڪو گناهه ڪندو آهي ته ان جي دل تي ڪارو داغ ٿي ويندو آهي، پوءِ جيڪڏهن هو توبه ڪري گناهه ڪرڻ ڇڏي ڏئي ته هن جي دل پهرين وانگر صاف شفاف ٿي وڃي ٿي، پر جيڪڏهن هو توبه نه ڪري ۽ گناهه تي گناهه ڪندو رهي ته ان جو اهو ڪارو داغ پکڙجي هن جي پوري دل تي ڇانئجي وڃي ٿو. جيئن كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (المطففين: 14/83) ۾ آهي. انهن سيني گروهن جو ذڪر ايندڙ آيتن ۾ اچي رهيو آهي. (البقره: 74/2، النساء: 83/4، الانعام: 46/6، الانفال: 22/8، يونس: 10/ 43-42، النحل: 16/ 108، بني اسرائيل: 46/17، الڪهف: 18/ 57، حٰمٓ السجده: 5/41، الجاثيه: 23/45، الاحقاف: 26/46، المطففين: 14/83)

ياد رهي ته هت انسانن جي ٻن گروهن جو ذڪر ٿي چڪو آهي: هڪ مؤمن متقي، الله جا فرمانبردار ٻانها ته وري ٻيا ڪافر، خدا جا نافرمان انسان، جيڪي ٻئي اسلام ۽ ڪفر جي راهه تي چڙهيا آهن. هاڻي انسانن جي ٽئين گروهه جو ذڪر اچي رهيو آهي، جيڪي اڌ تتر ۽ اڌ ٻٽير آهن، يعني ڪڏهن ايمان، ڪڏهن ڪفر.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ
هندو هڏ نه آهيين، جٽيو تو نه جڳاءِ
تلڪ تنين کي لاءِ سچا جي شرڪ سين. (شاهه رحمة الله عليه)

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ مَا هُمْ بِمُؤْمِنِيْنَ ۘ﴿۸﴾
يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ؕ﴿۹﴾
فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۙ۬ بِمَا كَانُوْا
يَكْذِبُوْنَ ﴿۱۰﴾

وقف لازم

۽ ڪجھ اهي ماڻهو آهن جيڪي (بظاهر) چون ٿا تہ اسان جو اللہ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آهي، حالانڪ هو (اندر ۾ هرگز) مؤمن نہ آهن (8) هو اللہ کي (رسول اللہ ﷺ) ۽ مؤمنن کي ڌوڪو ڏيڻ گهرن ٿا (پر حقيقت ۾) هو پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن ۽ کين انهيءَ (ڳالهہ) جو شعور بہ ناهي. (9) هنن جي دلين ۾ بيماري آهي. پوءِ اللہ هنن جي (هن) بيماريءَ کي وڌڻ (جو موقعو) ڏنو آهي. هنن لاءِ نهايت دردناڪ عذاب آهي ڇوتہ هو ڪوڙ ڳالهائيندا هيا. (10)

(هنن ٻن گروهن کان علاوه) ڪجھ اهڙا بہ ماڻهو آهن جيڪي چون ٿا تہ اسان اللہ ۽ يوم آخرت کي مڃون ٿا. هت انهن جو ذڪر نہ آهي تہ اهي ڪير هئا، پر حقيقت ۾ اهي مؤمن نہ آهن. اهي ماڻهو ظاهري طرح تہ ايمان جي دعوىٰ ڪن ٿا، پر سچ پچ تہ هو پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن ۽ پنهنجي انهيءَ جهالت ۽ ناداني سبب اصل حقيقت جو شعور بہ نٿا رکن. ايمان اقرار باللسان ۽ تصديق بالقلب ۽ اعمالِ صالحه جو نالو آهي. هو پنهنجي انهيءَ زباني اقرار ۽ دلي ۽ عملي انڪار سان اللہ عليم وخبير کي ڀلا ڪهڙو ڌوڪو ڏئي سگهن ٿا. دراصل اللہ جي رسول خاتم النبيين ﷺ کي ڌوڪو ڏيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا هئا. جنهن کي اللہ پنهنجو ڌوڪو سڏي ٿو. انهي فريبڪاري ۽ دوکيبازيءَ جو سمورو وبال هنن تي ئي پيو. منافقن جي دل ۾ حضور خاتم النبيين ﷺ لاءِ هميشه عداوت ۽ دشمني جا جذبات ڀڙڪندا هئا. انهيءَ دشمني، منافقت ۽ انڪار جي سبب سندن دلين ۾ هڪ موذي مرض ٿي پيو. سندن قول و فعل جو اهو تضاد وقت بہ وقت وحي الٰهي ذريعي

فاش ۽ بي نقاب ٿيندو رهندو هو، جنهن جي ذلت ۽ خواري سبب هو اجان وڌيڪ فريبڪاري ۽ منافقت جي مرض ۾ مبتلا ٿيندا ويا، جو سندن ڪارگذاري جو لازمي نتيجو هو، ان ڪري الله پاران سندن انهيءَ وڌندڙ مرض لاءِ دردناڪ عذاب جو اظهار آهي. عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ آيَةُ الْمُنَافِقِ ثَلَاثٌ اِذَا حَدَثَ كَذَبَ وَاِذَا وَعَدَ اَخْلَفَ وَاِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ (صحيح بخاري) حضرت ابوهريره رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته پاڪ ريمن خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم جن فرمايو ته منافق جي سڃاڻپ لاءِ ٽي نشانيون آهن: (1) جڏهن گفتگو ڪندو ته ڪوڙ هڻندو (2) ۽ جڏهن وعدو ڪندو ته عهدشڪني ڪندو (3) ۽ جڏهن ڪيس امانت ملندي ته خيانت ڪندو.

منهن ۾ موسىٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس
اهڙو خام خبيث ڪڏي ڪوه نه ڇڏئين. (شاهه)

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ ۙ قَالُوْٓا اِنَّمَا نَحْنُ مُصْلِحُوْنَ ۝ ١١ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُوْنَ وَلٰكِنْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ۝ ١٢ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا كَمَآ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ كَمَآ اٰمَنَ السُّفَهَاۗءُ ۭ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ السُّفَهَاۗءُ وَلٰكِنْ لَّا يَعْلَمُوْنَ ۝ ١٣

۽ جڏهن هنن کي چئجي ٿو ته زمين ۾ فساد پيدا نه ڪيو ته چون ٿا ته اسان ئي ته اصلاح ڪرڻ وارا آهيون (11) خبردار تجو! اهي ماڻهو (حقيقت ۾) فساد ڪرڻ وارا آهن، مگر ڪين (ان جو) احساس به نه آهي. (12) ۽ وري جڏهن هنن کي چيو وڃي ٿو ته (اوهان به) ايمان (اهڙيءَ طرح) آڻيو جهڙيءَ طرح ٻين ماڻهن (مؤمنن) ايمان آندو آهي ته (ان جي جواب ۾) چون ٿا ته ڇا اسان به (اهڙيءَ طرح) ايمان آڻيون، جهڙيءَ طرح هنن بيوقوف ماڻهن ايمان آندو آهي. ياد رکو ته بيوقوف (دراصل) هو پاڻ آهن، پر ڪين (پنهنجي بيوقوفي ۽ جهالت) معلوم ئي نه آهي (ته هو ڇا چئي رهيا آهن) (13)

۽ جڏهن انهن کي چئبو آهي ته ملڪ ۾ فتنو فساد پيدا نه ڪيو ۽ پنهنجي بداعمالين ۽ برائين کان باز اچو ته هو چوندا آهن ته اسان ته اصلاح وارا ڪم ڪري رهيا آهيون، اهي خرابي جو باعث ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ ياد رکو ته اصل اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ملڪ ۾ فساد ۽ خرابي پکيڙڻ جا ذميدار آهن، پر هو پنهنجي جهالت، هٺ ۽ هوڏ سبب پنهنجي انهيءَ بداعمالي ۽ بدڪرداريءَ جي نتيجن ۽ مڪافات عمل جو ذرا پر شعور به نٿا رکن. پلا جن جي نجي زندگيءَ ۾ يڪسوئي ۽ هم آهنگي نه هجي، اهي معاشري جي اجتماعي زندگيءَ ۾ ڪهڙو امن ۽ سڪون جو پيغام ڏئي سگهن ٿا. وري جڏهن کين چيو وڃي ٿو ته اوهان به بلڪل اهڙي طرح ايمان جي راهه اختيار ڪريو، جهڙي طرح ٻين ماڻهن (اصحاب سڳورن) اختيار ڪئي آهي ته چون ٿا ته ڇا اسان به اهڙيءَ طرح ايمان جي راهه اختيار ڪريون، جهڙيءَ طرح بي سمجهه بيوقوفن پنهنجي نفعي نقصان جو خيال نه ڪندي اصول پرستي جي نالي ۾ بي سرو ساماني، مسڪيني ۽ تنگ دستي کي ترجيح ڏني آهي ۽ هنن منافقن وٽ نفعي نقصان ۽ سود و زيان جي پرکڻ جي ڪسوٽي رڳو دنياوي زندگي، عيش عشرت، مال ۽ متاع جي فراواني آهي. هنن جي خيال ۾ اهي پاڪيزه صفات هستيون جيڪي پنهنجي جان نثاري ۽ قرباني سبب شمع اسلام کي روشن رکي رهيون آهن، سي سڀ عقل و دانش کان عاري آهن. پر حقيقت ۾ عقل و دانش کان هو پاڻ عاري ۽ محروم آهن، پر هو پنهنجي هن جهالت ۽ بيوقوفي کان بي خبر ۽ لاعلم آهن. هو مؤمنن سان اهو ظاهري تعلق رڳو انهيءَ ڪري رکن ٿا ته جيئن هو مال غنيمت ۽ ٻيا سياسي، سماجي ۽ مالي فائدا حاصل ڪندا رهن.

وَ اِذَا لَقُوا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْۤا اٰمَنَّا ۚۖ وَ اِذَا خَلَوْا اِلٰى شَیٰطِیْنِهِمْ ۙ قَالُوْۤا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ
اِنَّمَا نَحْنُ مُسْتَهْزِءُوْنَ ۝۱۴ اَللّٰهُ یَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَ یَمُدُّهُمْ فِیْ طُغْیَانِهِمْ یَعْمَهُوْنَ ۝۱۵
اُولٰٓىِٕكَ الَّذِیْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى ۠ فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَ مَا كَانُوْا
مُهْتَدِیْنَ ۝۱۶

۽ جڏهن اهي (منافق) مؤمنن سان ملن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان بہ ايمان آندو آهي ۽ وري جڏهن پنهنجن شيطانن سان اڪيلائيءَ ۾ ملن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان يقينًا توهان سان گڏ آهيون. اسان (مسلمانن سان) رڳو ٺٺول ڪندا آهيون. (14) الله هنن جي مذاق ۽ ٺٺوليءَ جي سزا ڏئي ٿو ۽ هنن کي ڍر ڏئي ٿو (تہ جيئن هو پنهنجي نتيجي تي پهچي وڃن) هو پنهنجي انهيءَ سرڪشيءَ ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. (15) هي اهي ئي (گمراهہ) ماڻهو آهن، جن هدايت جي بدلي ۾ گمراهي خريدي پر هنن جي هن واپار ۾ ڪو فائدو ڪونہ ٿيو ۽ هنن کي (نفعي واري سودي جي) ڄاڻ بہ نہ هئي. (16)

جڏهن اهي منافق ماڻهو مؤمنن سان ملن ٿا تہ کين چون ٿا تہ اسان بہ ايمان تي آهيون يعني اسان بہ اوهان وانگر ايمان قبول ڪيو آهي.

اِن پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوٺائيين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
مُنهن ۾ مسلمان، اندر آزر آهيين. (شاهہ)

پر وري جڏهن هو پنهنجي شيطان صفت ماڻهن وٽ وڃن ٿا تہ کين اڪيلائي ۾ يقين ڏيارين ٿا تہ اسان اوهان سان گڏ آهيون. مسلمانن آڏو اسان جي ايمان آڻڻ جو اظهار رڳو ڏوڪو ۽ تمسّخر آهي. اهڙي طرح حق پرست مؤمنن سان مذاق ۽ مسخري، ٻيائي، دو رخي ۽ منافقت واري نامناسب رويي رکڻ ۾ درحقيقت هو قانون قدرت جي مڪافات عمل موجب پنهنجو پاڻ سان مذاق ۽ ٺٺول ڪري رهيا هئا. الله جي قانون مهلت مطابق هو پنهنجي گمراهي ۽ شرارت سبب حيران پريشان ٿي ٺوڪرن تي ٺوڪرون کائي رهيا هئا. وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا (الشوریٰ: 40/42) (برائيءَ جو بدلو اهڙي ئي برائي آهي.) ياد رهي تہ بدلي واري برائي، برائي ناهي، پر قصاص آهي عذاب جي صورت ۾. يقين ڪريو تہ هي گمراهن جو اهو ٽولو آهي، جن هدايت جي واٽ ڇڏي گمراهي جو رستو اختيار ڪيو آهي. انهن جو اهو حق کان انڪار ڪرڻ ۽ ڪفر کي اختيار ڪرڻ وارو سودو نہ ڪنهن فائدي وارو آهي، تہ نہ وري هدايت وارو. اهو سراپا خساري ۽ گمراهي جو ڪاروبار آهي.

مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِى اسْتَوْقَدَ نَارًا ۚ فَلَمَّآ أَضَآءَتْ مَا حَوْلَهُۥ ذَهَبَ اللّٰهُ
بِنُورِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِى ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُونَ ﴿١٧﴾ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا
يَرْجِعُونَ ﴿١٨﴾

هنن (منافق ماڻهن جو) مثال اهڙي شخص وانگر آهي، جنهن (اونداهيءَ ۾) باهه ٻاري ۽ جڏهن ان باهه آس پاس کي روشن ڪري ڇڏيو ته الله هنن جي نور کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ کين وري اونداهين ۾ ڏسڻ ڇڏي ڏنو (جنهن ڪري) هو هاڻي ڪجهه به ڏسي نٿا سگهن. (17) هي ٻوڙا، گونگا ۽ انڌا آهن، ان ڪري هو (سڌي رستي ڏانهن) موٽڻ وارا نه آهن. (18)

هن ٽئين قسم جي ٽولي جو مثال هن طرح آهي ته ڪو ماڻهو رات جي انڌيري ۾ ڀٽڪي رهيو هو ان روشني لاءِ باهه ٻاري، پوءِ جڏهن باهه ڀڙڪي پئي ۽ ان جي روشني ۾ آس پاس روشن ٿي ويو ۽ هن هلڻ جي ڪئي، يعني هنن کي مفيد ۽ مضر شين جو پتو پئجي ويو ته قدرت الٰهي سان اوچتو ايمان واري نور جي روشني اجهامي وئي ۽ وري انڌيرو ڇانئجي ويو. هو پهريون ڪفر جي انڌيرن ۾ هيا، ايمان آڻڻ سان مسلمان ٿي روشنيءَ ۾ اچي ويا. کين حلال و حرام ۽ خير و شر جو پتو پئجي ويو، وري ڪفر ڏانهن ويا ته سڀ ختم ٿي ويو، جنهن جي ڪري هو ڪجهه به ڏسي نه سگهي. (احسن البيان بحواله فتح القدير) اهڙي طرح هي منافق ماڻهو به جيڪي اندر ۾ ڪافر ۽ ظاهر ۾ ايمان رکڻ جي ڪوڙي دعوىٰ ڪن ٿا، سي ايمان جي روشني غائب ٿي وڃڻ شرط ئي ڪفر جي ازلي انڌيرن ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. معلوم هئڻ گهرجي ته منافق ٻن قسمن جا هئا. هڪڙا اهڙا جيڪي اصل ۾ پڪا ڪافر هئا، پر ظاهري طرح مسلمانن کي ڌوڪو ڏيڻ لاءِ به رخي پاليسي اختيار ڪري پاڻ کي مؤمن ظاهر ڪندا هئا. انهن جو هي مثال آهي. ٻيا وري اهڙا منافق هئا، جيڪي ايمان ته قبول ڪندا هئا، پر وري اسلامي زندگي ۾ جنگن وغيره جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي ڏسي اندر ئي اندر ۾ ڪفر جو طريقو اختيار ڪندا هئا. انهن جو مثال ايندڙ آيت ۾ اچي ٿو. (الانفال: 22/8 النحل: 76/16)

اَوْ كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَآءِ فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّ رَعْدٌ وَّ بَرْقٌ ۚ يَجْعَلُوْنَ اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ
اٰذَانِهِمْ مِّنَ الصَّوَاعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ ؕ وَاللّٰهُ مُحِيْطٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹﴾ يَكَادُ الْبَرْقُ
يَخْطَفُ اَبْصَارَهُمْ ؕ كُلَّمَآ اَضَآءَ لَهُمْ مَّشَوْا فِيْهِ ۙ وَاِذَآ اَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوْا ؕ وَلَوْ
ع ۳/۲ ۲ شَآءَ اللّٰهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَاَبْصَارِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۲۰﴾ ع

يا سندن مثال ان بارش وانگر آهي، جيڪا آسمان طرفان وسي رهي آهي، جنهن ۾ اونداهيون آهن ۽ گجگوڙ ۽ چمڪاٽ پيو. هو موت جي ڊپ کان (بجليءَ جي) ڪڙڪن سبب پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وجهن ٿا. اهي ڪافر الله جي گهيري ۾ آهن. (19) ائين محسوس ٿئي ٿو ته اجهو بجلي هنن جي بينائي (سوجهري) کي کسڻ واري هجي، جڏهن به هنن لاءِ (آس پاس ۾) ڪجهه روشني ڪري ٿي ته هو هلڻ لڳن ٿا ۽ جڏهن هنن تي انڌيرو ٿي وڃي ٿو ته بيهي (رڪجي) وڃن ٿا. جيڪڏهن الله جي اها مشيت هجي ها ته هو سندن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي قوت بلڪل ختم ڪري ڇڏي ها. بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. (20)

يا انهن ماڻهن جو مثال هن طرح آهي ته جيئن آسمان کان زوردار برسات وسي جنهن ۾ (برسات سان گڏ) ڪالي گهٽا گجگوڙ ۽ وڄ موجود هجي، هاڻي ائين سمجهو ته دنيا الله جي رحمت يعني برسات جي برڪت جي خواهشمند هئي، مگر ان سان گڏ بادلن جي گجگوڙ جا ڪڙڪاٽ هجن ۽ موت جو دل ڏهڪائيندڙ خطرو محسوس ٿئي، جنهن کي هو روڪي ته ڪو نه ٿا سگهن پر انهيءَ خطري ۾ موت جي ڊپ کان بچڻ لاءِ پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وجهن ٿا، جنهن سان هو موت جي ڊپ کان ڪنن ۾ آڱريون وجهي پنهنجا ڪن بند ڪري، پاڻ کي مٿن وڄ جي ڪِرڻ کان بچائي نٿا سگهن، چو ته الله جي قدرت اهڙن منڪر انسانن کي وڪوڙي ويندڙ آهي. (الروم: 30/4- 3) اهي اڄ ڳيدا مسلمان ايمان قبول

ڪري الله طرفان اسلام جي رحمتن واري وسڪاري جي فائدي وٺڻ جا ته خواهشمند آهن ۽ ان مان سيراب ٿيڻ جو اشتياق به رکن ٿا، ان ڪري ايمان جي دائري ۾ داخل ٿي وڃن ٿا، پر هو ايمان قبول ڪرڻ بعد ان وقت ڪافرن جي عداوت سبب يا اسلامي طرز زندگي ۽ ايثار و قرباني جي تقاضائن ۽ مشڪلاتن سبب اسلام جو دامن ترڪ ڪرڻ ۾ ئي پنهنجي سلامتي سمجهندا هئا ته هو بددل ٿي وري اندر ئي اندر ۾ اسلام کان دوري اختيار ڪندا هئا. هن مثال ۾ سندن ٻڌتر واري حالت جو نقشو چٽيو ويو آهي، جنهن ۾ هو هڪ گهڙي مسلمان ته ٻي گهڙي ڪافر هوندا هئا. ائين به ٿي سگهي ٿو ته بجلي جي چمڪ سندن اکين جو نور اجهائي خيره ڪري ڇڏي. اها بجلي جڏهن چمڪي ٿي ۽ فضا روشن ٿي وڃي ٿي ته به چار قدم پري سگهن ٿا ۽ جيئن بجلي غائب ٿي وڃي ته سندن قدم رڪجي وڃن ٿا، جيڪڏهن الله گهري ته هنن جي ڏسڻ ٻڌڻ جي صلاحيت ئي ختم ڪري ڇڏي، پر هو کين ڪلي اجازت جو موقعو ڏئي ٿو ته جيئن هو پنهنجي ڀلي بري جو پاڻ فيصلو ڪن. (الاعراف: 7/ 183، **العنڪبوت**: 54/29، **النازعات**: 79/39-38-37، **يٰس**: 66/36، **القلم**: 45/68 کان 49)

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٢١﴾ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّالسَّمَاۗءَ بِنَاۗءً ۠ وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾

اي انسانو! پنهنجي رب جي عبادت ڪريو، جنهن اوهان کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن ماڻهن کي به جيڪو اوهان کان اڳ ۾ هيا، ته جيئن توهان پارسا ۽ پرهيزگار ٿي وڃو.(21) جنهن (الله) توهان جي لاءِ زمين کي فرش ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ آسمان جي طرفان پاڻي (مينهن) وسايو ۽ پوءِ ان جي ذريعي توهان جي روزي رزق لاءِ ڪيترائي ميوا پيدا ڪيا.ان ڪري اوهان الله سان ڪنهن کي به شريڪ نه بڻايو. حالانڪ اوهان پوريءَ طرح ڄاڻو ٿا. (22)

هن کان اڳ مؤمنن، ڪافرن ۽ منافقن جو ذڪر ٿي چڪو آهي، هاڻي هت تمام انسانن کي خطاب آهي تہ اي انسانو! پنهنجي پروردگار جي عبادت ڪريو. اهو ٻاجهارو ڏاتي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو آهي ۽ انهن سڀني کي پيدا ڪيو آهي جيڪي اوهان کان اڳ گذري چڪا آهن. اهڙي طرح اوهان الٰهي احڪامن جي بجا آوري ڪري ۽ سندس عبادتگذار ٻانها بڻجي پاڻ کي نافرماني جي خراب ۽ هولناڪ نتيجن کان بچائي سگهو. وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ (الذاريات:51/56) اسان جنن ۽ انسانن کي الله جي عبادت لاءِ ئي پيدا ڪيو آهي. انسانن جي تخليق جو مقصد ئي الله جي عبادت آهي، عبادت دراصل وحي الٰهي جي روشني ۾ خدائي حڪمن مطابق زندگيءَ گذارڻ جو نالو آهي. "تَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا" (المزمل: 8/63) دنيا وما فيها کان ڪٽجي، رڳو الله جي طرف متوجه ٿي وڃ.

چؤ تون الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ
اوتان توسين گڏ، سجڻ ساهہ پساهہ ۾. (شاهہ)

ان ڪري ان پروردگار عالم جي عبادت ڪريو، جنهن زمين کي اوهان جي رهائش لاءِ فرش ڪري ۽ آسمان کي اوهان جي لاءِ ڇت ڪري بڻايو آهي. انهيءَ ٻاجهاري ڏاتي آسمان طرفان بادل برسايا آهن، جنهن سان زمين شاداب ٿي وڃي ٿي ۽ قسم قسم جا ميوا اوهان جي غذا لاءِ پيدا ڪري ٿو. جڏهن اوهان کي اهو معلوم آهي تہ خالقيت ۽ ربوبيت فقط الله عزوجل جي ئي عنايت آهي تہ پوءِ اوهان ڪنهن بہ ٻيءَ ذر کي ان جو هم پلي، همسر يا برابر نہ ڪريو ۽ فقط ان ذات وحده لا شريڪ له جي آڏو سجده ريز ٿيو.

وَاِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۠ وَادْعُوْا
شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۳﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا وَلَنْ تَفْعَلُوْا
فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِيْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ ۚۖ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۴﴾

جيڪڏهن توهان کي هن (ڪلام) تي ڪو شڪ آهي، جيڪو اسان پنهنجي (مقبول ترين) ٻانهي تي نازل ڪيو آهي تہ پوءِ توهان هن جهڙي هڪ سورت

ئي ناهي اچو ۽ (هن لاءِ) توهان بيشڪ الله کان سواءِ پنهنجن سمورن مددگارن کي سڏ ڪيو، جيڪڏهن اوهان (پنهنجي هن شڪ ۾) سچا آهيو.(23) پر جيڪڏهن اوهان اهو نه ڪري سگهيا ۽ هرگز ڪري به ڪو نه سگهندؤ ته ان باهه کان بچو، جنهن جو ٻارڻ ماڻهو (يعني ڪافر، مشرڪ) ۽ پٿر (پٿر جا بت) هوندا. اها باهه ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.(24)

عبادت ۽ اطاعت جي لاءِ رڳو اهو الله آهي، جنهن زمين آسمان، انسان، حيوان ۽ هي پوري مخلوقات پيدا ڪري، هن ڪائنات کي رنگيني ۽ رونق بخشي آهي ۽ جنهن پوري مخلوقات جي ربوبيت ۽ نشو و نما جو مڪمل انتظام ڪيو آهي. جنهن انسان جي طبعي ضرورتن جي اهتمام سان گڏ روحاني هدايت جو سلسلو به وحي الٰهي جي ذريعي رکيو آهي جيڪو قرآن مجيد جي صورت ۾ موجود آهي، پر جي اوهان کي هن ڪلام الٰهي ۾ جيڪو اسان پنهنجي ٻانهي پيغمبر اسلام تي نازل ڪيو آهي، ان جي سچائي ۾ ذرا پر شڪ آهي ۽ سمجهو ٿا ته اهو ڪلام الٰهي نه آهي ۽ ڪنهن انسان جو ڪلام آهي ته پوءِ اوهان به انسان آهيو ۽ ان جهڙي هڪ سورت ئي پيش ڪيو ۽ الله کانسواءِ باقي پنهنجي سمورن حمايتي ۽ مددگار ماڻهن کي جيڪڏهن پنهنجي هن دعوىٰ ۾ سچا آهيو ته پلي سڏ ڪريو. پر جيڪڏهن اوهان سمورا گڏجي ائين نه ڪري سگهو ۽ حقيقت به اها آهي ته اوهان ڪڏهن به ڪري ڪو نه سگهندو. (النساء: 82/4، يونس: 10/ 37/38، هود: 35/11، بني اسرائيل: 88/17، 41، 9، طٰـه: 113/20، الروم: 58/30، الفرقان: 30/25، الزمر: 39/ 28-27-23، حٰم السجده: 44/41) ته پوءِ انهيءَ باهه جي عذاب کان بچو، جنهن جو ٻارڻ لڪڙي يا ڪاٺيون نه پر انسان ۽ پٿر هوندا، جيڪا اهڙن ماڻهن لاءِ ٻاري وئي آهي، جيڪي حق ۽ سچائي جا انڪاري آهن. اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ اَنْتُمْ لَهَا وٰرِدُوْنَ (الانبياء: 98/21) الله کان سواءِ اوهان جن پٿر جي بتن جي عبادت يا پوڄا ڪريو ٿا اوهان انهن سان گڏ جهنم جي باهه جو ٻارڻ هوندا. (الفرقان: 25/ 30-32، الزمر: 28-27-23، حٰم السجده: 44/41، الاحقاف: 46/ 12، الانبياء: 21/ 98)

وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ
كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِيْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَاُتُوْا بِهٖ
مُتَشَابِهًا ؕ وَلَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙۗ وَّهُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥﴾

۽ (اي حبيب خاتم النبيين ﷺ ! تون هنن ماڻهن کي اها خوشخبري ڏي تہ) جن ماڻهن بہ ايمان اختيار ڪيو ۽ نيڪ عمل ڪيا، انهن لاءِ (بهشت ۾) باغ آهن جن جي دامن ۾ هيٺان نهرون وهن ٿيون. جڏهن هنن کي انهن باغن مان ڪجهہ ميون مان کائڻ لاءِ ڏنا ويندا تہ (انهن ميون جي ظاهري صورت ڏسي) چوندا تہ هي تہ بلڪل اهي ساڳيا ميوا آهن جيڪي اسان کي (دنيا ۾) هن کان اڳ ڏنا ويا هيا. حالانڪہ هنن کي (رڳو ظاهري شڪل ۾) ملندڙ جلندڙ ميوا ڏنا ويندا (باقي لذت ۾ الڳ هوندا) هنن لاءِ جنت ۾ پاڪيزه رفيق حيات (جوڙا) هونديون ۽ اهي (مؤمن بهشت ۾) هميشه هميشه رهندا. (25)

پر هاڻ جن ماڻهن انڪار ۽ سرڪشي ڇڏي ايمان جي راهہ اختيار ڪئي ۽ نيڪ عمل ڪيا تہ انهن جي لاءِ انهيءَ باهہ جي نہ، پر اهڙن سرسبز ۽ شاداب باغن ۾ رهڻ جي بشارت ۽ خوشخبري آهي، (ابراهيم: 14/ 14) جن کي آباد ۽ ترو تازو رکڻ لاءِ انهن جي هيٺيان (دامن ۾) نهرون وهي رهيون هونديون. اهي باغ تازن ميون سان هميشه پريل رهندا ۽ جڏهن انهن باغن جو ميوو يا بهشت جي ڪا بہ نعمت کين پيش ڪئي ويندي تہ هو چئي ڏيندا تہ اِها نعمت اُها نعمت آهي، جيڪا اسان کي اڳ ڏني وئي هئي. يعني نيڪ اعمالي شين جو اهو اجر آهي، جنهن جو وعدو دنيا ۾ ڪيو ويو هو، جنهن لاءِ رحمت خداونديءَ جا دروازا ڪليل آهن، جيڪي هر دور ۾ انسانن جي ڪارڪردگيءَ جي روشنيءَ ۾ ظهورپذير ٿيندا رهن ٿا. (النور: 24/ 55، الزمر: 74/39) جنت جي انهن نعمتن ۽ ميون سان دنيا جي نعمتن يا ميون جي ڪا بہ برابري نہ آهي. اهو ان ڪري بہ چوندا جو اُهي ڏسڻ ۾ هڪجهڙيون هونديون. دنيا ۾ جهڙا اعمال هوندا، اهڙيون ئي بهشت جون نعمتون ڏنيون وينديون.

حديث شريف ۾ جنت جي نعمتن لاءِ ارشاد آهي: لَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلٰى قَلْبِ بَشَرٍ (صحيح بخاري) جنت جون نعمتون اهڙيون ته آهن جو نه ڪنهن اک انهن کي ڏٺو آهي نه ڪنهن ڪن انهن بابت ڪجهه ٻڌو آهي، ڏسڻ ۾ ٻڌڻ ته پري، پر ڪنهن انسان جي دل ۾ انهن جو تصور به نه آيو هوندو. هنن نعمتن سان گڏوگڏ جنت ۾ هنن لاءِ ازواج مطهرات ۽ پاڪيزه رفيق حيات (زالون) هونديون ۽ اهي انهيءَ جنت جي عيش و عشرت واري زندگيءَ ۾ هميشه هوندا. (المؤمن: 40/40) حديث شريف ۾ آهي ته جنت ۽ جهنم ۾ وڃڻ بعد هڪ فرشتو اعلان ڪندو اي جهنميو! هاڻي موت نه ايندو. اي جنتيو هاڻي موت نه ايندو. جيڪو شخص جتي آهي، اهو اتي ئي رهندو. (صحيح بخاري، صحيح مسلم)

سُتي نه سرندياءِ ڪر پچار پرين جي
وهامي ويندياءِ، گهڻا هٽندين هتڙا. (شاهه)

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَسْتَحْيٖٓ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
فَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ
بِهٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ كَثِيْرًا ۙ وَّيَهْدِيْ بِهٖ كَثِيْرًا ؕ وَمَا يُضِلُّ بِهٖٓ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ۙ﴿۲۶﴾ وقف لازم

بيشڪ الله انهيءَ ۾ ڪوبه شرم محسوس نٿو ڪري ته (سمجهائڻ لاءِ) ڪوبه مثال ڏئي بيان ڪري. (پلي) مڇر جو هجي يا (ڪنهن به حقير شيءِ جو) جيڪا ان کان به وڌيڪ (حقير يا ننڍي) هجي. جيڪي ماڻهو ايمان قبول ڪن ٿا اهي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ته اهو مثال الله جي طرفان حق (جي نشاندهي) لاءِ آهي، پر جن ڪفر اختيار ڪيو، اهي (هن کي ٻڌي) چون ٿا ته اهڙي (خسيس) مثال ڏيڻ جي الله کي ڪهڙي ضرورت پيش آئي (پر هنن مثالن سان) الله هڪ ئي ڳالهه جي ذريعي ڪيترن ئي ماڻهن کي گمراهه ظاهر ڪري ٿو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي هدايت وارو ڪري ٿو. هن سان گمراهي رڳو انهن کي ملي ٿي، جيڪي (اڳ ۾ ئي) نافرمان ٿي چڪا آهن. (26)

هن کان اڳ جنت جي باغن جو مثال ڏنو ويو آهي. هي تہ باغن ۽ ميون جا مثال آهن، پر جيڪڏهن ڪنهن حقيقت جي سمجهاڻ لاءِ ڪنهن حقير کان حقير مڇر جهڙي شيءِ يا ان کان بہ زياده ڪنهن حقير شيءِ جو مثال ڏيڻو پوي تہ ائين ڪرڻ، الله لاءِ ڪنهن حجاب يا جهجهڪ جهڙي ڳالهہ نہ آهي. پوءِ جيڪي پڪو پختو ايمان رکن ٿا، اهي اهڙا مثال ٻڌي ان ۾ حڪمت ۽ دانائي جا پهلو پرکيندا آهن ۽ اهو ئي پروڙيندا آهن تہ هي سندن پالڻهار پاران سراپا حق ۽ سچائي آهي، پر جن ماڻهن حق جي ڳالهہ کان انڪار جي راهہ اختيار ڪئي آهي تہ اهي پنهنجي جهالت ۽ ڪم عقلي سبب حقيقت تائين رسائي حاصل ڪري نٿا سگهن ۽ اعتراض اٿارين ٿا تہ ڀلا اهڙن خسيس مثالن پيش ڪرڻ ۾ آخر الله کي ڪهڙي ضرورت پيش آئي. انهيءَ ڪري ڪيترا ماڻهو، جن جي دل زنگ آلوده يا کوٽي آهي، گمراهيءَ جي ور چڙهي وڃن ٿا، پر وري ٻيا ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي سمجهہ ۽ سوچ سبب سڌي ۽ سولي رستي تي هلي سعادت ۽ ڪاميابي حاصل ڪن ٿا. قانون قدرت مطابق اها گمراهي انهن ماڻهن جي حصي ۾ اچي ٿي، جيڪي حق ۽ هدايت جون سموريون حدون پار ڪري فسق وفجور جا علمبردار رهندا آهن. (النساءِ: 115/4) هڪ ئي حقيقت مان ڪهڙيءَ طرح بہ متضاد نتيجا ڪڍيا وڃن ٿا. هڪ اندازِ نگاهہ سان ڏسو تہ گمراهيءَ جو رستو اختيار ڪري، پر ٻي نگاهہ سان ڏسو تہ ڪاميابي، ڪامراني ۽ فلاح جا رستا کلي وڃن ٿا.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہین کا جہاں اور (اقبال)

***

پیتا ہے کوئی جام سے، کوئی نگاہ سے
یہ اپنے اپنے ذوق و طبعیت کی بات ہے

فَلَمَّا زَاغُوٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ۭ (الصف: 5/61) جڏهن هو ڀاڻ ڦري ويا تہ الله بہ انهن کي ڦيرائي ڇڏيو. نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى (النساءِ: 4/ 115) جنهن طرف ڪوئي ڦري ٿو تہ اسان بہ هن کي ڦرڻ ڏيون ٿا. حديث شريف ۾ آهي: كُلٌّ مُيَسَّرٌ لِمَا خُلِقَ لَهٗ (صحيح بخاري) اسان هر هڪ کي ان جي

اجازت ڏني آهي، جنهن لاءِ هو پيدا ڪيو ويو آهي. جنهن پاسي پاڻ ڦري ويو تہ اسان بہ ان کي ڦرڻ ڏينداسون. "اِنۡ عُدۡتُّمۡ عُدۡنَا" (بني اسرائيل: 8/17) جيڪڏهن اوهان پنهنجي اڳئين روش طرف موٽي ويندا تہ اسان جو قانون مشيت بہ سابقہ روش طرف موٽي ايندو. "يُؤۡفَكُ عَنۡهُ مَنۡ اُفِكَ" (الذاريات: 9/51) جيڪو سڌي رستي کان ٻئي طرف منهن موڙي ٿو تہ اسان بہ هن کي ان طرف موڙي ڇڏيون ٿا. "ثُمَّ انۡصَرَفُوۡا صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ" (التوبه: 127/9) جڏهن هو سڌي رستي کان ڦري ويا تہ پوءِ الله بہ انهن کي ان طرف ڦيري ڇڏيو. لفظ "فَوۡقَهَا" جي معنیٰ آهي: هن کان مٿي يعني هن کان وڌيڪ حقير يا وڏي شيءِ.

الَّذِيۡنَ يَنۡقُضُوۡنَ عَهۡدَ اللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مِيۡثَاقِهٖ ۖ وَ يَقۡطَعُوۡنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنۡ
يُّوۡصَلَ وَ يُفۡسِدُوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿٢٧﴾ كَيۡفَ تَكۡفُرُوۡنَ
بِاللّٰهِ وَكُنۡتُمۡ اَمۡوَاتًا فَاَحۡيَاكُمۡ ۚ ثُمَّ يُمِيۡتُكُمۡ ثُمَّ يُحۡيِيۡكُمۡ ثُمَّ اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿٢٨﴾

(هي اهي نافرمان ماڻهو آهن) جيڪي الله سان پڪو عهد ڪرڻ بعد ان (عهد) کي ٽوڙي ڇڏين ٿا ۽ الله جنهن تعلق کي ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي، ان کي ڇني ڇڏين ٿا ۽ زمين ۾ فساد برپا ڪن ٿا. اهي ماڻهو ئي نقصان پائڻ وارا آهن. (27) اوهان ڪهڙي طرح الله جو انڪار ڪريو ٿا، حالانڪہ اوهان بي جان هيا انهيءَ اوهان کي زندگي بخشي. پوءِ وري اوهان کي موت ڏيندو، پوءِ اوهان کي جياريندو، وري ان ڏانهن موٽايا ويندؤ.(28)

فاسق ڪير آهن؟ فاسق اهي ئي آهن، جيڪي الله سان ڪيل عهد تہ هو احڪام خداوندي بجا آڻيندا، چڱا ڪم ڪندا ۽ براين کان بچندا (الرعد: 13/25- 21) جهڙا ڪيل سمورا عهد اقرار ٽوڙي ڇڏين ٿا، جنهن جو ذڪر الاعراف: 7/ 172 ، التوبه: 9 / 121 ۾ "عهدِ الست" سان "اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ" آهي، جيڪو تمام انسانن جي ارواح کان ورتو ويو هو.

اَلَسۡتُ بِرَبِّکُمۡ جڏهن کن پيوم
قالُوۡا بلىٰ قلب سين تڏهن تت چيوم
تنهين وير کيوم وچن ويڙهيچن سان. (شاهہ)

انساني رشتن جي جوڙڻ جو الله حڪم ڏنو هيو، (البقره: 215/2، النساءِ: 1/4، يونس: 19/10، لقمان: 28/31، الروم: 38/30) انهن کي ٽوڙڻ ۾ رذل آهن (الرعد: 13/25- 21) اهي رشتا نسبي هجن يا سسرالي، نسبي رشتن ۾ بہ ذوي القربىٰ وڌيڪ ويجهي رشتي جو اڳ ۾ حق آهي، ٻنهي رشتن سان تعلقات جوڙي رکڻ سنو آهي، پر نادان پنهنجن ظلمن ۽ زيادتين ذريعي ملڪ ۾ فساد پکيڙي معاشري ۾ بگاڙ پيدا ڪن ٿا، جن جي بدڪرداري ۽ بداخلاقيءَ جو اهو حال آهي تہ پوءِ ناڪامي ۽ نامرادي، خسارو ۽ نقصان ئي سندن مُقدّر آهي. ان ڪري اي آدم زاد! ڪجهہ هوش ڪريو. سرڪشي غفلت ۽ گمراهي ڇڏي، ان الله جي عبادت ڪريو ۽ سندس حڪمن جي دل و جان سان بجا آوري آڻيو، جنهن ذات اوهان کي عدم کان وجود ۾ آندو، بيشڪ ڪڏهن اهڙو وقت بہ هيو جو انسان ڪا شيءِ نہ هيو. (الدهر: 1/76) اوهان جو وجود يا نالو نشان بہ نہ هيو، پوءِ هن اوهان کي زندگي بخشي جو اوهان هاڻي گهمي ڦري رهيا آهيو، پر ياد رکو تہ اها زندگيءَ بہ هڪ ڏينهن فنا ٿيڻي آهي ۽ موت طاري ٿيندو ۽ وري ٻيهر زندگيءَ عطا ڪندو ۽ انهيءَ خدا جي آڏو هڪ ملزم جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻو آهي. اهو مضمون هن سورت کان اڳ آيل سورة المؤمن/ الغافر: 11/40 ۾ هن طرح آيو آهي: ”رَبَّنَآ اَمَتَّنَا اثۡنَتَيۡنِ وَاَحۡيَيۡتَنَا اثۡنَتَيۡنِ فَاعۡتَرَفۡنَا بِذُنُوۡبِنَا فَهَلۡ اِلٰى خُرُوۡجٍ مِّنۡ سَبِيۡلٍ○“ اي اسان جا رب! تو اسان کي بہ دفعا موت (عدم حيات) ۾ رکيو ۽ بہ دفعا زنده ڪيو. الخ... هت هڪ عدم نيست مان وجود ۽ وري موت ۽ ٻيهر زندگيءَ جو ذڪر آهي. (الروم: 49/30، الصّٰفّٰت: 37/59 -58، المؤمن: 11/40، الدخان: 56/44، الجاثيه: 35/45)

هُوَ الَّذِىۡ خَلَقَ لَكُمۡ مَّا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا ق ثُمَّ اسۡتَوٰۤى اِلَى السَّمَآءِ فَسَوّٰٮهُنَّ سَبۡعَ
سَمٰوٰتٍ ؕ وَهُوَ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ع ﴿۲۹﴾ ع ۳ ۹ ۳

هي اهو (الله) آهي، جنهن جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي، اوهان جي لاءِ پيدا ڪيو آهي پوءِ اهو آسمان جي طرف متوجّه ٿيو ۽ انهن کي نيڪ نيڪ ست طبقاتي آسمانن جي صورت ۾ ٺاهيو ۽ هو هر چيز جو علم رکي ٿو. (29)

هي انهيءَ رحيم ڪريم پروردگار جي ڪرم نوازي آهي، جنهن زمين تي جيتريون به شيون موجود آهن، اهي سڀ جون سڀ اوهان لاءِ ئي پيدا ڪيون آهن، تاڪه اوهان انهن کي پنهنجي استعمال ۾ آڻي سگهو ۽ انهن مان پورو پورو فائدو حاصل ڪري سگهو. زمين ۽ ان ۾ موجود شين جي تخليق بعد الله تعالىٰ آسمان ڏانهن متوجه ٿيو ۽ بلڪل درست حالت ۾ ست آسمان جوڙي ڇڏيا. (هود: 11/ 7، النجم: 53/ 31) هو هر شيءِ جو علم رکي ٿو. زمين ۽ آسمانن جي هر شيءِ کيس معلوم آهي. وَمِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ (الطلاق: 65/ 12) زمينون به انهن (آسمانن) وانگر ست آهن. حديث شريف ۾ آهي: مَنْ اَخَذَ شِبْرًا مِّنَ الْاَرْضِ ظُلْمًا فَاِنَّهٗ يُطَوِّقُهٗ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ سَبْعِ اَرْضِيْنَ (صحيح بخاري) جنهن به ماڻهوءَ ظلم ڪري ڪنهن جي هڪ گراڻ زمين هٿيائي ته الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن کيس ستن ئي زمينن جو طوق پارائيندو. هي زمين ۽ اجسام سماوي سميت شمسي نظام، جنهن اعتدال ۽ توازن سان پنهنجي پنهنجي دائري ۾ سرگرم عمل آهن (هود: 11/7، النجم: 31/53، الحديد: 57/6-4) اهو قدرت جو حيران ڪن نظام آهي، جيڪڏهن انهن جي مقرر ٿيل توازن ۾ ٿورو به فرق اچي وڃي ته پوري ڪائنات ٿرٿلي ۾ اچي ويندي. اهڙي محڪم ۽ مضبوط نظام ۽ ان جي توازن واري چشم ڪشا حقيقت جي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ لاءِ انساني صلاحيتن استعداد ۽ خاصيتن جي سمجهڻ واسطي آدم جو قصو تمثيلي طور بيان ڪيو وڃي ٿو.

وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا وَيَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَنَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَنُقَدِّسُ لَكَ ؕ قَالَ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ۝۳۰

۽ (اوهان اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن تنهنجي پروردگار فرشتن کي چيو (هيو) ته آءٌ زمين ۾ هڪ نائب مقرر ڪرڻ وارو آهيان. جنهن تي انهن (فرشتن) عرض ڪيو ته ڇا تون اهڙي (مخلوق) کي (نائب) ناهڻ وارو آهين، جيڪو منجهس فساد پيدا ڪندو ۽ ناحق خونريزيءَ جو مرتڪب ٿيندو ۽ اسان تنهنجي حمد و ثنا ۾ تسبيح ڪندا رهون ٿا ۽ (هر وقت) پاڪيزگي بيان ڪيون ٿا. (جنهن تي الله فرمايو) مون کي اهو ڪجهه معلوم آهي، جنهن جي اوهان کي ڄاڻ نه آهي. (30)

هن کان اڳ جيڪي انسان تي الله ظاهري نعمتون عنايت ڪيون آهن، مثال طور: آسمان، زمين، برسات، رزق هر قسم جو ساز و سامان، ان جو ذڪر هيو، هاڻي خود انسان جي سوانح حيات حضرت آدم عليه السلام جي ذڪر سان ٿي رهي آهي ته الله عزوجل ان کي ڪهڙيءَ طرح پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو، علم جي دولت عطا ڪئي، مسجودِ ملائڪه ناهيو ۽ پنهنجي نائب ۽ خليفي هجڻ جو اعزاز بخشيو ۽ سيني انسانن کي هڪ آدم مان پيدا ڪيو. قرآن ڪريم ۾ حضرت آدم عليه السلام جو نالو 9 سورتن ۾ 25 ڀيرا آيو آهي. سيني نبين کان اول اول هن جو ذڪر آهي. سورة البقره، سورة الاعراف، سورة الاسراء، سورة الڪهف ۽ سوره طٰهٰ ۾ نالي ۽ صفت ٻنهي سان ذڪر آهي. سورة الحجر ۽ سور ص ۾ رڳو صفت جو ذڪر آهي. سوره آل عمران ۽ سورة المائده، سوره مريم، سوره يٰس ۾ ضمني طور نالو ورتو ويو آهي. هيءَ ڪٿا تمثيلي آهي يا حقيقي، پر آدم جي خلافت جو ذڪر آهي، تخليق جو ذڪر ناهي، پر هر قصي ۾ مقصود الڳ الڳ ماقبل جي مضمون جي وضاحت ۾ آهي. هتي خدا جي عبادت، اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو حڪم آهي، جنهن کان شيطان انڪار ڪيو.

اي پيغمبر (خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم) ان واقعي کي ياد ڪر، جڏهن تنهنجي پروردگار فرشتن کي چيو هو ته مان زمين ۾ هڪ خليفو (نائب) مقرر ڪرڻ وارو آهيان ته فرشتن عرض ڪيو ته يا الٰهي تون ڪنهن اهڙي مخلوق کي پنهنجو نائب مقرر ڪرڻ گهرين ٿو، جيڪو ان زمين تي فساد پکيڙيندو ۽ خون خرابي ڪندو. حالانڪ اسان تنهنجي حمد و ثنا جي تسبيح ڪندي تنهنجي پاڪيزگي به بيان ڪيون ٿا. پوءِ انهيءَ نئين مخلوق کي خليفو يا نائب

بنائي زمين تي موڪلڻ ۾ ڪهڙو راز آهي. الله تعاليٰ ڇيو تہ زمين تي خليفي موڪلڻ ۾ جيڪا حقيقت پوشيده آهي، جنهن جو مون کي پتو آهي. ان راز کان اوهان بلڪل بي خبر آهيو. انسان خليفي ۽ نائب جي حيثيت ۾ فرشتن وانگر رڳو تسبيح تقديس ۽ حمد و ثنا جو فريضو ادا نہ ڪندو، پر خدا جي موڪليل هدايت جي روشنيءَ ۾ نظام خداوندي جو اهتمام بہ ڪندو ۽ انتظام بہ سنڀاليندو، جنهن ۾ اهو بااختيار بہ هوندو. (البقره: 30/2، الاعراف: 25/7-11، ص: 38/ 85- 71، الحجر: 15/ 43- 28، بني اسرائيل: 17/ 65-61، الڪهف: 50/18) آدم جو قصو قرآن ۾ ست جاين تي آيو آهي، جن ۾ سورة البقره مدني آهي، باقي ڇهہ سورتون مڪي آهن. هنن سڀني جاين کي گڏي پڙهڻ ۽ انسان جي تخليق واري آيتن پڙهڻ بعد آدم جي تخليق جو پتو پوندو.

درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو
ورنہ طاعت کے لئے کچھ کم نہ تھے کروبیاں

خليفه مان مراد احڪاماتِ الاهي کي ذنل هدايتن مطابق مالڪ حقيقي جي موجودگيءَ ۾ سندس رضا مطابق هلائڻ آهي. اها حيثيت انسان کي ڏني وئي آهي، جيڪا خدا جي هن وسيع ڪائنات ۾ نظامِ خداوندي کي خدا جي رضا ۽ منشا مطابق هلائڻ ۽ ان جي نگراني ڪرڻ آهي. احڪام ۽ قانون الله جا هوندا، جيڪي وحي الاهي سان ايندا رهندا ۽ انسانن مان خدا جا منتخب ڪيل بندا نبي ۽ رسول انهن قانونن کي نافذ ڪرائيندا، جيڪي الله جا ولي بڻجي هي فرض ادائگي ڪندا ۽ عوام الناس کي راهہ راست تي آڻيندا تہ انهن سڀني مؤمنن ۽ متقي انسانن لاءِ اهو اعزاز باقي رهندو، پر جن انسانن وحي الاهي جي خلاف ورزي ڪئي ۽ حق ۽ سچ جي راهہ ڇڏي ڏني، انهن کي خلافت جي سَنَدَ کان محروم ڪيو ويندو، پر زندگيءَ جو سمورو مال اسباب مهيا ٿيندو. فرشتن جو اهو اعتراض نہ هيو تہ انسان کي ئي خليفو ڇوٿو بڻايو وڃي، پر ڪين لفظ "خليفه" مان ئي معلوم ٿي ويو تہ انسان ارادي ۽ اختيار جو مالڪ هوندو، جنهن وٽ ذاتي طور ارادي ۽ اختيار جو پروانو هوندو. اهو ضرور بشري غلطيون ڪندو، غلطين، ڪوتاهين، ڪمزورين کان رڳو الله عز وجل پاڪ آهي. هن قصي جو وڌيڪ تفصيل سورة ص جي آخري رڪوع جي تشريح ۾ ڏسو.

فرشتا جيڪي بي اختيار هئا ۽ پنهنجي فطري تقاضائن جا پابند هئا، انهن محسوس ڪيو تہ جيڪو بااختيار هوندو، اهو پنهنجي عمل ۾ غلطي جو مرتڪب بہ ٿيندو، جنهن جي ڪري زمين ۾ فساد ۽ رتوڇاڻ جو خطرو موجود آهي. پر الله جي علم ۾ هو تہ جن کي نائب يعني نظام خداوندي جو نگهبان بڻايو ٿو وڃي، ان ۾ رسول، انبياء، اولياء، علماء ۽ مشائخ بہ هوندا تہ خطا ڪري توبه ڪرڻ وارا بہ هوندا، جن جي مقام، مرتبي ۽ خداداد صلاحيتن ۽ استعداد کان فرشتا محروم ۽ بي خبر هئا. انساني زندگي جي ابتدائي احوال لاءِ ڏسو: (الانعام: 2/6، الاعراف: 189/7، الحج: 5/22، المؤمنون: 12/23 کان 14، الفرقان: 54/25، السجده: 7/32 کان 9، فاطر: 11/35، الصّٰفّٰت: 11/37، نوح: 14/71)

وَعَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى الْمَلٰٓئِكَةِ فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِىْ بِاَسْمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٣١ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ۝٣٢

۽ الله، آدم (عليه السلام) کي سمورا نالا سيکاريا پوءِ اهي (پڇا ڪرڻ لاءِ) ملائڪن جي آڏو پيش ڪيائين ۽ فرمايائين تہ انهن (شين) جا نالا ٻڌايو، جيڪڏهن اوهان (پنهنجي دعوىٰ ۾) سچا آهيو. (31) فرشتن جواب ڏنو تہ (پروردگار) تنهنجي ذات (هر نقص کان) پاڪ آهي. اسان کي جيڪو ڪجهہ تو سيکاريو آهي، ان کان وڌيڪ ڪجهہ معلوم ناهي. بيشڪ تون ئي (سڀ ڪجهہ) ڄاڻڻ وارو ۽ حڪمت وارو آهين. (32)

ياد رهي تہ علم جا بہ ذريعا آهن: هڪڙو الهامي علم آهي، جيڪو الله تعالىٰ وحيءَ جي ذريعي موڪليندو آهي، ٻيو علم اڪتسابي آهي، جيڪو علم حواس جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي. "اِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ۝" (بني اسرائيل: 36/17) يعني سمع و بصر، عقل و دماغ. انسان اهڙي صلاحيت ۽ استعداد جو مالڪ آهي،

جو ان تي وحي بہ تئي تو ۽ معرفت بہ ماڻي ٿو. الله جو علم تہ ذاتي قديم ۽ غيرمحدود آهي. انسان کي عطا ٿيل علم عطائي، حادث ۽ محدود آهي. اهوئي سبب آهي، جو انبياء عليهم السلام کان باقي انسان ڪنهن هڪ علم جي شاخ جو سفر بہ طي نہ ڪري سگهيا آهن، پر الله ذوالجلال جي صفات کان روشني وٺي اهو ڪجهہ ڪيو آهي، جو فرشتا بہ حيران آهن.

عروجِ آدم خاکی سے انجم سہمے جاتے ہیں
کہ یہ ٹوٹا ہوا تارا مہ کامل نہ بن جائے (اقبال)

پر انسان الله جي عطا ڪيل عقل، فهم و فراست سان هن ڪائنات کي ڪهڙيءَ طرح سينگاريو آهي. بقول علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ:

تو شب آفریدی چراغ آفریدم
سفال آفریدی ایاغ آفریدم (اقبال)

ياد رهي تہ وهبي علم جيڪو وحيءَ ذريعي انبياءِ ڪرام کي الله طرفان ملي ٿو ۽ الله جي رسول عليه التحية والسلام کان الهام ۽ وجدان ذريعي اولياء الله کي ملي ٿو، اهو ڪسب سان نٿو ملي، پر ڪسبي علم هر انسان لاءِ ڪليل آهي. "وَاَنۡ لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى○" (النجم: 53/ 39) يعني هر انسان کي محنت جو اجورو ملي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪنهن وقت اسلامي علماء ۽ دانشور علم و دانش جا مؤجد ۽ مرڪز هيا. هينئر مغربي ممالڪ چين، جپان، آمريڪا وغيره اڳتي آهن.

پوءِ جڏهن مشيت الٰهي سان تخليق آدم جو ظهور ٿيو ۽ آدم عنايات الٰهي سان عطا ٿيل استعداد ۽ صلاحيتن سان اشياءِ عالم جي نئين حقائق جي نالن ۽ صفتن کان آگاهہ ٿيو تہ پوءِ الله انهن شين (اشياءِ عالم) کي فرشتن آڏو آندو ۽ ڪائنڻ معلوم ڪيو تہ اوهان کي جيڪو خدشو هيو، اهو ڏيکاريو. جيڪڏهن ان ۾ اوهان سچا آهيو تہ پوءِ هنن شين جي نالن ۽ ان جي حقيقتن ۽ حڪمت بابت ڪجهہ ٻڌايو. فرشتن وراڻيو تہ خداوند! تنهنجي ذات هر نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي. اسان کي تہ رڳو ايترو علم آهي، جيترو اسان جي بساط ۽ تخليق مطابق اسان کي عطا ٿيو آهي. اصل علم ۽ ڄاڻ تہ تنهنجو علم ۽ تنهنجي

ڄاڻ آهي. اسان ان جي ڄاڻ رکڻ کان قاصر آهيون. هن ڪائنات يعني زمين ۽ آسمانن ۾ موجود اشياءِ عالم کي ڄاڻڻ، انهن جي رازن ۽ حقيقتن کي پروڙڻ ۽ انهن کي انسان ذات لاءِ مفيد ۽ ڪارائتو بنائڻ جي صلاحيت رڳو انسان ۾ رکي وئي آهي. جنهن کي خداوند ڪريم پنهنجو ۽ پنهنجي نائبن جو نائب ٻڌائيندو. انسان هن ڪائنات ۾ نين نين شين جو ظهور ڪري رهيو آهي. اها صلاحيت فرشتن ۾ نه رکي وئي آهي. هتان تخليق آدم جي مرتبي مان شان، عزت، آبرو، راز ۽ علم جي فضيلت ۽ اهميت جو پتو پوي ٿو. علم الله جي نعمت آهي، جنهن کي عام لاءِ ڪليو رکڻ گهرجي. مَنْ سُئِلَ عَنْ عِلْمٍ فَكَتَمَهٗ اُلْجِمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ بِلِجَامٍ مِنَ النَّارِ يعني جنهن گهر ڪرڻ باوجود علم لڪايو ۽ نه ٻڌايو ته قيامت جي ڏينهن انهن کي دوزخ جو لغام ڏنو ويندو.

علم را بر تن زنی ماری بود
علم را بر دل زنی یاری بود (سعدی)

قَالَ يٰۤاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۚ فَلَمَّاۤ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآئِهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّيْۤ اَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۙ وَاَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿۳۳﴾

الله فرمايو ته اي آدم! (هاڻي تون) هنن کي انهن (شين جي) نالن جي ڄاڻ ڏي. پوءِ جڏهن آدم (عليه السلام) هنن کي انهن(شين) جي نالن جي آگاهي ڏني ته (الله تعالىٰ) فرمايو ته ڇا مون اوهان کي نه چيو هيو ته مان آسمانن ۽ زمين جي سيني مخفي حقيقتن کي ڄاڻان ٿو ۽ اهو به سڀ ڪجهه معلوم آهي، جيڪو اوهان ظاهر ڪريو ٿا ۽ جيڪي اوهان ڳجهو رکو ٿا. (33)

جڏهن فرشتن پنهنجي عجز ۽ لاعلمي جو اعتراف ڪندي چيو ته اي پروردگار! هي اسان جي وس جي ڳالهه نه آهي ته پوءِ حُڪم الٰهي ٿيو ته آدم! هاڻي تون فرشتن کي ان اشياءِ عالم جا نالا ۽ حقيقتون بيان ڪر. جڏهن آدم فرشتن آڏو انهن شين جا حقائق بيان

ڪيا تہ خداوند فرشتن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ڇا مون اوهان کي اهو نہ ٻڌايو هو تہ مان آسمانن ۽ زمين جا سمورا پوشيده راز ۽ حقيقتون ڄاڻان ٿو ۽ جو ڪجھ بہ اوهان ظاهر ڪريو ٿا ان جو بہ مون کي پورو پورو علم آهي ۽ جو ڪجھ پنهنجي اندر ۾ مخفي رکو ٿا ۽ ان جو اظهار نٿا ڪريو، اهو سڀ ڪجھ مون کي چڱي طرح معلوم آهي ۽ آءُ فرشتن جي محدود علم، صلاحيت ۽ آدم جي وسيع استعداد علم ۽ اختيار کان پوري طرح خبردار آهيان.

فرشتن کي رڳو هڪ ديوٽي ڏني وئي آهي. ڪو بارش جو فرشتو، ڪو پيغام رساني ءَ جو، ڪو ساھ ڪڍڻ جو، پر انسان انجمن علوم آهي. صرف نماز، روزي، زڪواة لاءِ نہ، پر تمام امور جو انتظام سنڀالڻ، سنوارڻ ۽ وڌائڻ وارو آهي.

درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو
ورنہ طاعت کے لئے کچھ کم نہ تھے کروبیاں

☆☆☆

عروجِ آدمِ خاکی سے انجم سہمے جاتے ہیں
کہ یہ ٹوٹا ہوا تارا مہِ کامل نہ بن جائے

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اَبٰى وَ اسْتَكْبَرَ ٭ وَ كَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۴﴾

۽ (اهو وقت بہ ياد ڪيو) جڏهن اسان فرشتن کي حڪم ڏنو تہ آدم (عليه السلام) کي سجدو ڪريو تہ ابليس کان سواءِ ٻين سڀني سجدو ڪيو. هن (ابليس سجدي ڪرڻ کان) انڪار ڪيو ۽ تڪبّر ڪيو جنهن جي ڪري هو ڪافرن مان ٿي ويو. (34)

۽ اهو واقعو بہ ياد ڪيو جڏهن آدم جي علمي فضيلت ۽ عظمت جو فرشتن آڏو اظهار ٿيو ۽ فرشتن پنهنجي لاعلميءَ جو اقرار ڪيو تہ پوءِ اسان فرشتن کي حڪم ڏنو تہ

آدم آڏو فرمانبرداري ڪندي سر بسجود ٿي ويو تہ سڀ فرشتن جهڪي خدا جي حڪم جي بجا آوري ڪئي، مگر شيطان انسان جي فضيلت ۽ عظميت آڏو سرنگون ٿيڻ واري نہ ڪئي. هن حڪم الٰهي جي عدولي ۽ انحرافي ڪندي آدم اڳيان جهڪڻ ۽ ان جي عظمت ۽ فضيلت کي قبول ڪرڻ کان نہ رڳو انڪار ڪيو پر پنهنجي وڏائي، تڪبّر ۽ غرور جو اعلان ڪيو. (الاعراف: 11/7، الحجر: 31/15، طٰـہٰ: 116/20 کان 120) حديث ۾ آيو آهي تہ لَا يَدۡخُلَ الۡجَنَّةَ مَنۡ كَانَ فِيۡ قَلۡبِهٖ مِثۡقَالُ ذَرَّةٍ مِّنۡ كِبۡرٍ (صحيح مسلم) اهو شخص جنت ۾ داخل نہ ٿيندو، جنهن جي دل ۾ ذرا پر تڪبر هجي. اَلۡكِبۡرُ بَطَرُ الۡحَقِّ وَ غَمۡطُ النَّاسِ (صحيح مسلم) حق جو انڪار ۽ ماڻهن کي حقير سمجهڻ ڪبر (تڪبّر) آهي. اَلۡعَظۡمَةُ اِزَارِيۡ وَالۡكِبۡرِيَآءُ رِدَائِيۡ فَمَنۡ نَازَعَنِيۡ واحِدًا مِّنۡهُمَا اَلۡقَيۡتُهٗ فِي النَّارِ (سنن ابوداؤد- سنن ابن ماجه) عظمت منهنجي ازار آهي ۽ ڪبريائي منهنجي چادر آهي. جنهن انهن مان ڪنهن بہ هڪ ۾ مون سان جهڳڙو ڪيو تہ ان کي مان جهنم ۾ موڪليندس.

تکبر عزازیل را خوار کرد — بزندان لعنت گرفتار کرد (شيخ سعدي رحمة الله عليه)

شيطان تڪبر ڪري ذلت ۽ خواري جو حقدار ٿيو ۽ هميشه هميشه لاءِ لعنت جي طوق ۾ گرفتار ٿي ويو. هي سجدو ڪجهہ تفسيرن مطابق تعظيمي سجدو هيو تہ وري ڪن تفسيرن ۾ سجدو پنهنجي اصل مفهوم عبادت لاءِ آيو آهي. هن سلسلي ۾ حافظ شيرازي جو قول آهي.

ملک در سجده آدم زمیں بوس تو نیت کرد
کہ در حسن تو چیزے دید غیر از طور انسانی

فرشتن آدم کي سجدو ڪري حڪم جي بجا آوري ڪئي ڇو تہ هنن کي آدم عليه السلام جي حسن ۾ بشر جي طور طريقن کان وڌيڪ ٻي شيءِ يعني الله جو نور نظر آيو. جڏهن تہ آدم کي الله پنهنجن هٿن سان پيدا ڪيو ۽ چيو تہ ”نَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِيۡ“ (مون ان ۾ پنهنجو روح توانائي ڦوڪي آهي) يعني فرشتن ”مِنۡ رُّوۡحِيۡ“ ۾ الله جي نور کي سجدو ڪيو ۽ شيطان کي الله جو اهو نور نظر نہ آيو ۽ تڪبّر ۽ غرور ڪري سر جهڪائڻ کان انڪار ڪيو. الله جي ان نور جو ڪامل ۽ مڪمل ظهور حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي ذات مبارڪ سان ٿيو.

ابليس جنّ هيو، فرشتو نہ هيو. ”كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ“ (الكهف: 18/ 50) سرڪشي رت ۾ هوندي آهي. فرشتن تہ سر جهڪايو هو. ”لَا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ“ (التحريم: 6/66) فرشتا الله تعالىٰ جي حڪمن جي انحرافي نٿا ڪن ۽ اهي حڪم بجا آڻين ٿا، جيڪو کين ڏنو وڃي ٿو.

وَقُلْنَا يٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا ۪ وَلَا
تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝٣٥ فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا
مِمَّا كَانَا فِيْهِ ۪ وَقُلْنَا اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِى الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّ
مَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ۝٣٦

۽ اسان حڪم ڏنو تہ اي آدم! تون ۽ تنهنجي زال بهشت ۾ رهو ۽ اوهان ٻئي ان ۾ جيڪي گهرو ۽ جتان بہ وڻيوَ اتان مزي مزي سان کائو، پر هن وڻ جي ويجها نہ وڃجو نہ تہ اوهان جو شمار ظالمن ۾ ٿيندو. (35) پوءِ شيطان انهن ٻنهي کي ان وڻ جي باري ۾ ٿيڙي ڇڏيو ۽ کين ان (راحت واري) مقام کان جتي هو هيا، ٻاهر ڪري ڇڏيائين ۽ (ان تي) اسان حڪم ڏنو تہ اوهان (هن بلند مقام کان) هيٺ هليا وڃو. اوهان هڪ ٻئي جا دشمن ٿيندا. هاڻي اوهان لاءِ هڪ خاص مقرر وقت تائين زمين تي رهڻ جي جاءِ مقرر آهي ۽ هڪ خاص مدت تائين ان مان فائدو وٺڻو آهي. (36)

فرشتن جي سر بسجود ٿيڻ ۽ ابليس جي سرنگون هئڻ کان انحرافي انڪار ۽ تڪبر ڪرڻ واري واقعي بعد اسان آدم کي چيو تہ تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ ئي سڪونت پذير ٿيو ۽ ان ۾ جيءُ ڀري جيڪي وڻي سو مزي سان کائو پيئو، امن ۽ سڪون واري زندگي گذاريو پر ياد رکو تہ اوهان ٻئي هن درخت جي ويجهو بہ نہ وڃجو، پر جيڪڏهن اوهان غلطي ڪري ان جي قريب بہ ٿيا تہ اوهان خدا جي نافرماني ڪري انهن ماڻهن ۾

شمار ٿيندا، جيڪي حق تلفي ڪري خدا جي عذاب جا حقدار ٿي ويندا آهن. هن انتباهه هوندي به شيطان هنن ٻنهي کي ورغلائي جنت جي راحت ۽ سڪون واري زندگي کان ڪين محروم ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري حڪم خداوندي ٿيو ته هاڻي اوهان سڀ جنت واري پر آسائش زندگيءَ جي اعلىٰ مقام کان هيٺاهين درجي جي رهائش ڏانهن اچو، جتي هاڻي اوهان هڪٻئي جا دشمن ٿي ويندا ۽ اها رهائش واري جڳهه زمين ئي آهي، جتي اوهان کي ڪجهه مقرر وقت تائين قيام ڪرڻو پوندو، جيڪو علم الٰهي ۾ آهي.

آدم ۽ حوا کي ڪهڙي جنت ۾ رکيو ويو هو؟ اُها هيءَ جنت ناهي، جنهن کي اسان "جنت" سڏيون ٿا. هن جنت ۾ اچڻ وارو هميشه اتي ئي رهي ٿو. ڪي چون ٿا ته اها جنت آسمان ۾ آهي، پر منهنجو رجحان هن طرف آهي ته هنن ٻنهي جي تخليق به هن زمين تي ٿي هئي ۽ هن زمين جو هڪ خطو جنت بنايو ويو. يعني آدم ۽ حوا جي شروعات سڪون ۽ آرام واري زندگي هئي، پر شيطان جي ورغلائڻ سان ڪين باغ ۽ جنت واري زندگيءَ کان هٽڻو پيو ۽ جنت واري اعلىٰ مقام بدران ڪين عام ڪليل زمين تي موڪليو ويو، جتان نسل انساني جي توليد ذريعي وحدت مان ڪثرت ڪئي وئي. اهو ان ڪري ٿيو، جو هنن کي جنت جي زندگيءَ جون بهارون ميسر هوندي به هنن ممنوع شيءِ جو استعمال ڪيو. پر ڪين توبه ڪرڻ سان معافي ملي. جڏهن ته شيطان توبه نه ڪئي، پر غرور ۾ رهيو، جنهن سبب لعنتي ٿي ويو. معلوم ٿيو ته توبه سان رٺل رب کي ريجهائي سگهجي ٿو. توبه جا دروازا ساهه نڪرڻ ۽ سڪرات کان اڳ بند ناهن، پر شيطان واري آڪڙ، تڪبّر ڪرڻ، توبه نه ڪرڻ الله جي عذاب جو سبب آهي.

شجر جو لفظ اسان جي معاشري ۾ شجرو يعني پيڙهي يا خانداني نسل نسب جو رڪارڊ لاءِ به استعمال ٿيندو آهي ۽ شجر، شجرة جو جمع آهي، جنهن جي معنىٰ درخت آهي. درخت جو به اصل هڪ ٿڙ ۽ مٿي ٽاريون ۽ شاخون ۽ ڏار هوندا آهن. جهڙي طرح آدم ۽ حوا مان قبيلا، قومون ۽ افراد آهن، انسان به امت واحده هئي. (البقره: 213/2، يونس: 19/10) پر بعد ۾ ذاتي مفادن جي ڪري هڪ ٻئي جا دشمن ٿي ويا ۽ پنهنجي شروعاتي راحت ۽ سڪون واري جنتي زندگيءَ کي خدا جي زمين تي ذاتي مفادن خاطر جنگ و جدل ۽ قتل و غارت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

فَتَلَقّٰۤى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۳۷﴾ قُلْنَا اهْبِطُوْا
مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّىْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَاىَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا
هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا
خٰلِدُوْنَ ﴿۳۹﴾ ع

ربع

پوءِ آدم (عليه السلام) پنهنجي رب کان (معافي تلافي لاءِ) ڪجهہ الفاظ سکيا. پوءِ الله تعاليٰ سندس توبه قبول ڪري ورتي. بيشڪ اهوئي توبه قبول ڪرڻ وارو هميشه هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي. (37) اسان (کين) حڪم ڏنو تہ اوهان سڀ بهشت واري اعليٰ مقام) کان هيٺ لهي اچو. پوءِ جيڪڏهن منهنجي طرفان اوهان وٽ هدايت اچي تہ پوءِ جيڪو بہ منهنجي هدايت جي پيروي ڪندو تہ انهن کي نہ ڪو خوف محسوس ٿيندو ۽ نہ وري غمگين ٿيندا. (38) ۽ (ان هدايتن اچڻ باوجود) جيڪي بہ ڪفر ڪندا ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ٻڌائيندا تہ اهي دوزخي هوندا. ۽ ان (دوزخ) ۾ هميشه هميشه لاءِ رهندا. (39)

پوءِ آدم پنهنجي غلطي تي شرمسار ٿيو. توبه ڪئي يعني هن پنهنجي غلطيءَ جو ادراڪ ڪيو. ان تي ندامت جو اظهار ڪيو ۽ اڳتي اهڙي غلطي دهرائڻ کان بچڻ جو عزم ۽ پڪو ارادو ڪيو ۽ بار بار بارگاهہ الٰهي ۾ چوڻ لڳو: "رَبَّنَا ظَلَمْنَاۤ اَنْفُسَنَا ٚ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَ تَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ" (الاعراف:7/ 23) ٻاجهاري رب پاران انهن ڪلمات جي سکڻ ۽ ادا ڪرڻ سان الله وٽ قبوليت تي وئي ۽ الله سندس توبه قبول ڪئي. بيشڪ خدا جي ذات پنهنجي رحم سان هر توبه ڪندڙ جي توبه قبول ڪندي آهي. هن تمثيلي بيان ۾ اسان انسانن لاءِ اهو سبق آهي تہ آدم خطا ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي خطا تي شرمساري جو اظهار ڪيو ۽ اڳتي انهيءَ کان بچڻ جو وچن ڪيو تہ هو رانده درگاهہ مان وري رحمت

خداوندي جو مستحق ٿي ويو. يعني غلطين ۽ گناهن جي سزا ۽ عذاب کان توبه ڪرڻ سان ئي ماڻهو ڇوٽڪارو پائي سگهي ٿو. شيطان الله جي حڪم جي انحرافي ۽ انڪار ڪري تڪبر ۽ غرور جو رستو اختيار ڪيو، پنهنجي خطا تي شرمساري ۽ توبه نه ڪئي ته هميشه هميشه لاءِ ملعون ٿي ويو. هاڻي اسان کي آدم وارو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي يا شيطان وارو گس وٺڻ گهرجي، ان لاءِ حڪم اچي ٿو ته آدم جي توبه قبول ٿي وئي پوءِ خدائي حڪم ٿيو ته اوهان سڀ هاڻي انهيءَ هيٺئين درجي واري زندگي ئي بسر ڪريو يعني هاڻي انهي زمين تي ئي رهو. اوهان کي هاڻي جنهن نئين طرز زندگي اختيار ڪرڻ جو ڏس ڏنو ٿو وڃي ان کي اختيار ڪريو ته وري اها مٿانهين مرتبي واري امن سڪون ۽ راحت واري زندگي بهشت جي صورت ۾ ملي ويندي. هاڻي ياد رکو ته الله پاران اوهان جي رهبري ۽ رهنمائي جو انتظام ڪيو ويندو. پوءِ جيڪو اوهان مان ان هدايت واري راهه اختيار ڪندو ۽ ان جي اطاعت ۽ تابعداري واري واٽ اختيار ڪندو ته ان کي نه ڪنهن مصيبت جي اچڻ جو خوف هوندو ۽ نه وري ڪنهن تڪليف رنج هجڻ جو غم يا حزن هوندو. (الاعراف: 35/7، طٰهٰ: 20/123-124) پر جيڪي ماڻهو الله طرفان وحي ذريعي پيغمبرن معرفت موڪليل هدايت ۽ رهبري جي راهه اختيار نه ڪندا ۽ ان جا انڪاري رهندا ۽ ان کي غلط ۽ ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته انهن جو ٺڪاڻو جهنم هوندو ۽ اهي ان جهنم ۾ هميشه هميشه لاءِ هوندا.

ياد رهي ته ”توبه“ جي معنىٰ آهي ”رجوع ڪرڻ، واپس ورڻ“. خطا کان ڪوبه انسان سواءِ انبياء ڪرام جي مبرّا نه آهي. ”كُلُّ بَنِىْ آدَمَ خَطَّاءُوْنَ وَ خَيْرُ الْخَطَّائِيْنَ التَّوَّابُوْن“ (سنن ابن ماجه، سنن ترمذي) آدم جي پوري اولاد خطاڪار آهي ۽ منهنجن خطاڪارن ۾ سٺو اهو آهي، جو توبه ڪري ٿو. ”اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ“ (البقره: 37/2) خداوند ڪريم ئي توّاب ۽ رحيم آهي. ”اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ“ موجب ٻانهو به ”تواب“ آهي. ٻانهو به توبه سان گناهه کان واپس ٿئي ٿو ۽ الله به توبه ڪرڻ واري طرف رحمت سان رجوع ڪري ٿو. فرق رڳو اهو آهي، جو ٻانهي لاءِ ”تَابَ اِلىٰ“ ايندو آهي ۽ الله پاران ”تَابَ عَلىٰ“ ايندو آهي. اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ تُبْتُ اِلَيْكَ فَتُبْ عَلَيْنَا آهي. جهڙيءَ طرح الله ٻانهي جو ولي آهي ۽ ٻانهو ولي الله آهي. (سبحان الله وبحمده) الله ته وڏو رحم ڪرڻ وارو آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”وَاِنْ تَقَرَّبَ اِلَىَّ بِشِبْرٍ تَقَرَّبْتُ اِلَيْهِ ذِرَاعًا وَاِنْ تَقَرَّبَ اِلَىَّ ذِرَاعًا تَقَرَّبْتُ اِلَيْهِ بَاعًا وَاِنْ اَتَانِىْ يَمْشِىْ اَتَيْتُهٗ هَرْوَلَةً“

(صحيحين) جيڪڏهن منهنجو ٻانهو گرانٺ ڀر مون ڏانهن اچي ٿو تہ مان پورو هٿ (ٻانهن) جيترو هن طرف اچان ٿو. جيڪڏهن هو هڪ هٿ اچي ٿو تہ مان ٻہ هٿ اچان ٿو. جيڪڏهن هو هلي اچي ٿو تہ مان ڊوڙندو اچان ٿو. (سبحان الله وبحمده) الله رحمان رحيم طرفان اهو آواز اچي ٿو: "لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ" الله جي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو.

باز آ باز آ، ہرچہ ہستی باز آ

***

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا ڏوراپو ڏيئي
سڄڻ سيوئي ڏکيون ڊول ڏلائيون (شاهہ)

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ
بِعَهْدِكُمْ ۚ وَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ۞ ۴۰ وَاٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَلَا تَكُوْنُوْٓا
اَوَّلَ كَافِرٍۢ بِهٖ ۠ وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۡ وَّاِيَّايَ فَاتَّقُوْنِ ۞ ۴۱

اي يعقوب جي اولاد! منهنجا اهي انعام ياد ڪريو، جيڪي مون اوهان تي ڪيا آهن ۽ اوهان مون سان ڪيل وعدو پورو ڪريو تہ مان بہ اوهان سان (پنهنجا) ڪيل وعدا پورا ڪريان ۽ مون کان (منهنجي مڪافات عمل کان) ڊڄندا رهو.(40) ۽ ان ڪتاب تي ايمان آڻيو، جيڪو مون (پنهنجي رسول محمد خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم تي) نازل ڪيو آهي جيڪو تصديق ڪري ٿو ان ڪتاب جي، جيڪو اوهان وٽ (اڳ ۾ ئي) موجود آهي ۽ اوهان ئي سڀ کان اوّل هن جا انڪاري نہ ٿيو ۽ منهنجي آيتن کي دنيا جي ٿورڙي قيمت تي فروخت نہ ڪيو ۽ (ان جي نتيجي ۾) مون کان ڊڄندا رهو. (41)

بني اسرائيل يعني اولاد اسرائيل. "اسر" معنىٰ ٻانهو ۽ غلام، جنهن مان "اسير" بہ نهيو. "ئيل" عبراني ۾ "الله" کي چون. يعني الله جو ٻانهو يا عبدالله. حضرت يعقوب عليه السلام جو نالو. "بني" ان جو اولاد، پوئلڳ.

هتان بني اسرائيل کي خطاب ٿي رهيو آهي، جيڪو 5 رڪوع کان 14 رڪوع تائين لڳاتار آهي. بني اسرائيل حضرت موسىٰ عليه السلام جا مڃڻ وارا هئا. سندن علماء شريعت کان آگاهہ، عالم ۽ فاضل هيا. هاڻي هت انهن کي دعوت ڏني ٿي وڃي تہ هي قرآن تورات يا انجيل جي تعليمات جو محافظ آهي ۽ صاف سٺري شريعت اچي وئي آهي، اوهان ان جو فائدو حاصل ڪريو ۽ اولين ڪافرن مان نہ ٿيو. اڄ جي امت کي "كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ" (آل عمران: 3/ 110) (اي محمد ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي امت! اوهان بهترين امت آهيو. اوهان جو رسول خير الرسل آهي ۽ اوهان خير الامم آهيو. مسلمان جي حيثيت ۾ اوهان تي فرض آهي تہ معروف جو حڪم ڪريو ۽ منڪر کان روڪيو.

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دل سے احساسِ زیاں جاتا رہا (اقبال)

***

سُتا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي (شاهہ)

***

هي تا تورڙيون پورا ڏسي پلئين
راتيون ٻيون گهٽيون جي تو اينديون هيڪليون (شاهہ)

پوين آيتن ۾ اهو اصول يا قانون الٰهي بيان ٿي چڪو آهي تہ جيڪا قوم خدا جي حڪمن جي پابنديءَ سان زندگي بسر ڪندي تہ اها ڪاميابي ۽ ڪامراني جون منزلون طئي ڪندي رهندي. دنياوي زندگي خوشحال شاداب هوندي تہ آخرت ۾ بہ جنتي زندگي جا مزا ماڻيندي پر جيڪڏهن احڪام الٰهي جي انحرافي ڪندي، حق ۽ سچ جي راهہ کان منهن موڙيندي تہ ان جو مقدر بدنصيبي، بدحالي ۽ خواري هوندو. (البقره: 10/2، يونس:

7-8/10) ان جو زنده مثال بني اسرائيل جي قوم آهي جيڪا هن وقت اي رسول ﷺ! تنهنجي سخت مخالفت ڪري رهي آهي. تون انهن کي آگاهه ڪر ته خداوند اوهان جي هن حالت زار تي فرمائي ٿو ته اي اسرائيل جي اولاد! اوهان پاڻ تي ٿيل منهنجي انهن نعمتن کي ياد ڪريو، جن نعمتن سان مون اوهان کي دنياوي سرفرازي ۽ سرخيلي عطا ڪئي ۽ مون ساڻ پنهنجي انهن ڪيل وعدن، جن ۾ خدائي حڪمن موجب زندگي گذارڻ، نيڪي ۽ سعادت جي راهه اختيار ڪرڻ هو، جي پوريءَ طرح پورائي ڪريو ته مان به اوهان سان ان جي بدلي ۾ هدايت ۽ رهنمائي جون راهون کولي ڇڏيندس. ان ڪري ياد رکو ته انهيءَ ڪيل عهد جي وعده وفائي نه ڪرڻ ۽ ان جي خلاف قدم کڻڻ ۾ ڪنهن ٻئي کان نه پر منهنجي گرفت کان خوف ڪائو. اوهان پاڻ کي حامل ڪتاب به سڏيو ٿا، مگر ان ڪتاب جي صريح تعليمات کان ٿوري مال متاع عيوض منهن موڙيو ٿا. (يونس: 10/ 69 - 70)

”وَاٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ“ (البقره: 2: 137) اوهان کي گهرجي ته اوهان ان ڪلام تي جيڪو مون باري تعالىٰ، محمد رسول ﷺ تي نازل ڪيو آهي ۽ جيڪو ڪلام اوهان جي ان ڪتاب جي، جيڪو اوهان وٽ موجود آهي، سچائي ۽ خدا طرفان نازل ڪيل ڪتاب هجڻ جي تصديق ڪري ٿو، ان تي ايمان آڻيو. حضرت عيسىٰ عليه السلام فرمايو: ”وَمُبَشِّرًا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ“ (الصف: 61/ 6) ائين نه ٿئي ته هن سچي حق ۽ هدايت واري آخري ڪتاب الٰهي جي انڪار جي ڦٽڪار اوهان جي نصيبن ۾ هجي. سڀ کان اول اوهان جي نصيبن ۾ ان ڪري جو اوهان تورات جو علم رکو ٿا. ان ڪي الله جو ڪتاب سمجهو ٿا ته قرآن حڪيم به الله جو ڪتاب آهي ۽ تورات جي تعليم جو محافظ آهي. تورات حضرت موسىٰ عليه السلام تي نازل ٿيو ته هيءُ ڪتاب (قرآن مجيد) به الله جي رسول ﷺ تي نازل ٿيو آهي، جيڪو الله طرفان تمام انسانن لاءِ، تمام زمانن لاءِ قيامت تائين رهندو، ان ڪري ان جي اطاعت ڪريو ۽ پنهنجي عاقبت سنواريو. اوهان تورات جي احڪامن تي عمل ڪرڻ بدران ان جي خلاف ورزي ڪريو ٿا، يا ان ڪري خدائي آيتن ۽ احڪامن کي پنهنجي ذاتي مفادن عيوض ، ٿورڙي رقم جي لالچ ۾ اچي ڇپائڻ، لڪائڻ يا تبديل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪريو ۽ اهڙي گندي ۽ غلط ڪم ڪرڻ ۾ مڪافات عمل ۽ عذاب الٰهي جو دل ۾ خوف رکو. (البقره: 137/2، النساء: 173/4، محمد: 1/47)

وَلَا تَلۡبِسُوا الۡحَقَّ بِالۡبَاطِلِ وَتَكۡتُمُوا الۡحَقَّ وَاَنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۲﴾ وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارۡكَعُوۡا مَعَ الرّٰكِعِيۡنَ ﴿۴۳﴾

۽ حق کي باطل سان نہ گڏايو ۽ نہ وري حق کي ڄاڻي واڻي لڪائي رکو. (42) ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيندا رهو ۽ رڪوع ڪندڙن سان گڏجي رڪوع ڪريو. (43)

۽ حق کي باطل سان ملائي مشتبه بڻائي پنهنجي خود ساختہ تاويلن ۽ تعبيرن سان پيش ڪري ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ ۽ اصل حقيقت لڪائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو، اهو اوهان اڻڄاڻائي ۾ نہ مگر ڄاڻي ٻجهي ڪري رهيا آهيو. (البقره: 159/2)

ياد رهي تہ مغالطي ۾ غلط راهہ اختيار ڪرڻ ضلالت ۽ گمراهي آهي، پر ڄاڻي واڻي حق کي ڄاڻڻ بعد ان جو انڪار ڪرڻ الله جي عذاب کي دعوت ڏيڻ آهي. يهود علماء ذاتي مفاد لاءِ پنهنجن پوئلڳ ماڻهن کي حق سان باطل ملائي خلط ملط ڪري غلط طريقي سان گمراهہ ڪندا هيا ۽ ان کي خدائي حڪم سڏيندا هيا، يا خدا جو حڪم لڪائي ڇڏيندا هيا ۽ پنهنجو ناهہ ناهي ماڻهن کي لٽيندا هئا. انهن بيمارين جو علاج نماز ۽ زڪواة ۾ آهي. ان ڪري پنهنجي هن غلط روش کي ڇڏي اقامت صلوات يعني نماز جي نظام جي قيام جي ڪوشش ڪريو ۽ ڪاربند رهو. (البقره: 153/2) جنهن جي برڪتن ۽ فائدن کان محروم ٿي ويا آهيو ۽ زڪوات ادا ڪرڻ واري نظام کي مضبوط بڻايو، اوهان مال و دولت جي حرص ۽ هوس ۾ ان جي ادائگي کي وساري وينا آهيو، جنهن جي ڪري نہ خلق خدا جي ڀلائي ۽ مدد جو خيال آهي تہ نہ وري حڪمِ الٰهي جي ڪا پرواهہ آهي. ان ڪري الله جي بارگاهہ ۾ سر تسليم خم ڪري جهڪڻ وارن سان گڏجي رڪوع ۾ جهڪي وڃو. نماز باضابطہ جماعت سان ادا ڪرڻ اتحاد جو بنياد رکي ٿي، جنهن سان معاشري ۾ يڪجهتي ۽ توازن قائم رهي ٿو ۽ زڪواة سان معاشري جي ڪمزور طبقي کي پاڻ پرو ڪرڻ ۽ سندن معاشي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. حديث ۾ آهي: "خَيْرُ النَّاسِ اَنْفَعُهُمْ لِلنَّاسِ" (معجم الاوسط للطبراني) ڀلو ماڻهو اهو آهي، جيڪو ماڻهن کي وڌيڪ فائدو رسائي.

اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ اَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ اَفَلَا
تَعْقِلُوْنَ ۝۴۴ وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ۝۴۵ۙ
الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَاَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ۝۴۶ ع

رکوع ۵

ڇا اوهان ٻين ماڻهن کي نيڪي (ڪرڻ) جو حڪم ڪيو ٿا، پر پنهنجو پاڻ کان
پلجي وڃو ٿا. حالانڪ اوهان الله جو ڪتاب بہ پڙهندارهو ٿا پوءِ بہ اوهان نٿا
سوچيو؟(44) ۽ صبر ۽ نماز جي ذريعي (الله کان) مدد گهرو. برابر اها عاجزي
ڪندڙن کان سواءِ ٻين کي ڏکي لڳندي. (45) هي اُهي انسان آهن، جيڪي
يقين رکن ٿا تہ هو پنهنجي پالڻهار سان ملاقات ڪرڻ وارا آهن ۽ اهي
(آخرڪار) انهيءَ ڏانهن ئي رجوع ڪرڻ وارا آهن. (46)

اوهان ٻين ماڻهن کي تہ چڱا ڪم ڪرڻ جو تہ ٻڌايو ٿا پر پنهنجي سار نٿا لهو ۽ پاڻ انهن چڱن ڪمن ڪرڻ جا پابند نٿا ٿيو ۽ پنهنجي ڪتن ڪمن جي خبر نٿا رکو. (البقره: 44/2) حالانڪ الله جو ڪتاب اوهان وٽ موجود آهي. هميشه ان جي تلاوت بہ ڪندا ٿا رهو، مگر ان جي حڪمن ۽ تعليم جي صريحًا خلاف ورزي ڪيو ٿا. "لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ۝ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ۝" (الصف: 61/2-3) جو ڪجهہ پاڻ نٿا ڪريو، اهو ٻين کي چوٿا چئو. ٻين کي چئو ۽ پاڻ نہ ڪريو، اها بيزاريءَ واري ۽ ناپسنديده ڳالهہ آهي. هي ٻين کي نصيحت، خود کي فضيحت آهي. يادرهي تہ ساڳين گناهن ۾ هڪ جاهل جي مقابلي ۾ عالم لاءِ وڌيڪ بيزاري آهي. اها يهودين جي علماء کي تنبيهہ آهي، جيڪا هن وقت جي علماءِ لاءِ پڻ آهي. "لَوْلَا يَنْهٰهُمُ الرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ عَنْ قَوْلِهِمُ الْاِثْمَ وَاَكْلِهِمُ السُّحْتَ" (المائده: 63/5) يهود جا علماء ۽ مشائخ انهن کي ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ حرام کائڻ کان ڇو نٿا روڪين.

خود بدلتے نہیں، قرآں کو بدل دیتے ہیں
ہوئے کس درجہ فقیہانِ حرم بے توفیق (اقبال)

اهڙي سچي حقيقت جي حڪمت ۽ مصلحتن کي نٿا سمجهي سگهو. اوهان کي

پنهنجي هن حالت زار مان نڪرڻ ۽ وري سڌي رستي تي هلي ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سستي، ڪاهلي ۽ بي دلي واري بزدلانہ حالت کي ڇڏي پنهنجي اصلاح لاءِ عملي قدم کڻڻا پوندا ۽ حق ۽ سچائي لاءِ دل و جان سان ڪم ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ مشڪلاتون ۽ تڪليفون آڏو ايندڀون آهن. ان لاءِ اوهان صبر ۽ برداشت جي قوت کان ۽ نماز جي پوري خشوع ۽ خضوع سان ادائگي ذريعي مدد ۽ اعانت حاصل ڪريو. "وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ" (البقره 153/2) هن آيت بعد پوين 4 آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ قتل ٿي وڃڻ، بک، ڏک، خوف خطرا، مال متاع، تجارت جي نقصان وقت صبر کان ڪم وٺو. الله تعالىٰ تي توڪل رکي سازگار حالتن جو انتظار ڪريو، پاڻ کي روئڻ پٽڻ، جزع و فزع کان روڪي رکو ۽ پاڻ کي خواه مخواه جي خواهشن کان بچائي رکو. حديث شريف ۾ آهي: "جَاهِدُوْا اَهْوَآئَکُمْ کَمَا تُجَاهِدُوْنَ اَعْدَآئَکُمْ" پنهنجين نفساني خواهشن سان ائين لڙو، جيئن اوهان دشمن سان لڙو ٿا. نفس کي معاصي کان بچائڻ مصيبتن کي ٽاري ٿو. "وَمَآ اَصَابَکُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا کَسَبَتْ اَيْدِيْکُمْ" (الشورىٰ: 30/42) جيڪا مصيبت توهان کي پهچي ٿي، اها اوهان جي هٿن جي ڪمائي آهي.

ہزاریں خواہشیں ایسی کہ ہر خواہش پر دم نکلے
بہت نکلے میرے ارمان، لیکن پھر بھی کم نکلے (غالب)

پر ياد رکو نماز اهڙو عمل آهي، جيڪو اوهان جي راحت ۽ سڪون واري زندگي ۾ وقت تي فرض جي ادائگي جو حوصلو ۽ همت پيدا ڪندو. تفڪرات کي رفع دفع ڪرڻ ۽ حاجتن کي حل ڪرڻ ۾ نماز جو وڏو اثر ۽ ڪردار آهي. "وَاْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا" (طٰهٰ: 132/20) پنهنجي اهل کي نماز جو حڪم ڪر ۽ پاڻ بہ ان تي مستحڪم رهہ. نماز لاءِ صبر جي حالت ۽ صبر لاءِ نماز جي اعانت اهڙيءَ طرح جڙيل آهي، جو "وَاِنَّهَا لَکَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ" (البقره: 45/2) ۾ "اِنَّهَا" جو ضمير صبر ۽ نماز جي نمائندگي ڪري ٿو. جڏهن تہ بني اسرائيل تي ٿيل نعمتن ڏانهن بہ "اِنَّهَا" جو ضمير ٿي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح "وَاللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ" (التوبه: 62/9) ۾ "يُّرْضُوْهُ" جو ضمير الله تعالىٰ ۽ سندس رسول ﷺ ڏانهن آهي.

نماز جي پابندي بظاهر ڏکي نظر ايندي آهي، پر حقيقت ۾ جن جون دليون الله جي عشق ۾ ڏڙڪن ٿيون ۽ جن کي يقين آهي تہ هڪ ڏينهن انهن کي الله جي حضور پيش ٿي

پنهنجي پروردگار سان ملڻو آهي تہ انهن لاءِ هي عمل مشڪل يا ڏکيو ناهي. اهي خوف خدا رکڻ وارا انسان انهن هدايتن تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهن ٿا. حديث شريف ۾ آهي: إِذَا حَزَبَهُ أَمْرٌ فَزَعَ إِلَى الصَّلٰوةِ (مسند احمد- سنن ابي داؤد) نبي ڪريم ﷺ کي جڏهن بہ ڪو شديد معاملو آڏو ايندو هيو تہ فورًا نماز جو اهتمام ڪندا هئا. كَانَ النَّبِيُّ ﷺ إِذَا حَزَبَهُ أَمْرٌ صَلّٰى پاڻ ڪريم ﷺ کي ڪا مشڪلات محسوس ٿيندي هئي تہ نماز جو اهتمام ڪندا هئا.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾
وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا
يُؤْخَذُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾

اي يعقوب جي اولاد! منهنجا اهي انعام ياد ڪريو، جيڪي مون اوهان تي ڪيا ۽ مون اوهان کي ان وقت (يا زماني ۾) سڀ جهان وارين قومن تي فضيلت ڏني. (47) ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو، جنهن ڏينهن ڪوبہ ڪنهن کان ڪجهہ ٽاري نہ سگهندو ۽ نہ ڪا واري سندس سفارش قبول ڪئي ويندي ۽ نہ وري (عذاب کان بچڻ لاءِ) ڪوئي معاوضو قبول ڪيو ويندو ۽ نہ ان جي ڪابہ امداد ڪئي ويندي.(48)

هن کان اڳ الله تعالىٰ اجمالي طور بني اسرائيل تي ٿيل نعمتن جو ذڪر ڪيو هو، پر هاڻي هتان انهن نعمتن جو تفصيلي ذڪر اچي ٿو، جيڪي چاليهہ کن آهن، جنهن لاءِ ڪين هت خطاب آهي تہ اي بني اسرائيل! اوهان منهنجي انهن نعمتن کي ياد ڪريو، جن سان مون (الله) اوهان کي ان وقت جي همعصر قومن ۾ سرفراز ڪيو ۽ پنهنجن بيشمار نعمتن ۽ نوازشن سان ٻين تي فضيلت عطا ڪئي. (البقره: 123/2)

پهرين نعمت ان وقت جي اقوام عالم تي فضيلت آهي. حضرت يعقوب عليه السلام کان حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ عليهما السلام تائين جو هزارين سال عرصو ڪين دنيا جي بادشاهت ۽ حڪمرانيءَ سان گڏ دين جي امامت ملي. اهڙي فضيلت ان دور ۾ ڪنهن کي نہ ملي. حضرت سليمان ۽ حضرت داؤد عليهما السلام اولو العزم بادشاهہ ٿيا. حضرت يعقوب ۽ حضرت

عيسىٰ عليه السلام تائين به هزار کن سالن جو عرصو آهي، جنهن ۾ هو هدايت توڙي ضلالت ۽
گمراهيءَ طرف ٿيندا رهيا. جڏهن گمراهيءَ جي انتها تي پهتا ته کين ان ڏينهن جي خوف
طرف ڌيان ڇڪايو ويو، جو هر حالت ۾ اچڻ وارو آهي. جڏهن اوهان الله جي حڪمن جي پيروي
ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي ته هاڻي ان ڏينهن جي پڪڙ کان ڊڄو ۽ پاڻ بچايو، جنهن وقت ڪو به
انسان ٻئي انسان کي نه بچائي سگهندو ۽ نه وري ان جي ڪا به مدد هن کي سندس برن ڪمن جي
مڪافات عمل واري عذاب کان آجو رکي سگهندي. (الانعام: 16/6) ان وقت ڪو ڪنهن
جي بدلي ۾ ڪم ايندو نه وري ڪنهن جي سفارش هلي سگهندي. هر بدڪردار نفسانفسي
جي حالت ۾ هوندو ۽ هر هڪ کي پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جو انفرادي ۽ اجتماعي قوم جي
حيثيت ۾ حساب ڏيڻو پوندو. (البقره: 2/167-166، آل عمران: 3/106، طٰـه: 20/109، لقمان: 31/33، الفاطر:
35/18، الدخان: 44/41، الحاقه: 69/ 26 کان 32، القيامه: 75/ 6 کان 14، عبس: 80/33 کان 37 ۽ 40 کان 42)

وَاِذۡ نَجَّيۡنٰكُمۡ مِّنۡ اٰلِ فِرۡعَوۡنَ يَسُوۡمُوۡنَكُمۡ سُوۡٓءَ الۡعَذَابِ يُذَبِّحُوۡنَ اَبۡنَآءَكُمۡ وَ
يَسۡتَحۡيُوۡنَ نِسَآءَكُمۡ‌ؕ وَفِىۡ ذٰلِكُمۡ بَلَآءٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ عَظِيۡمٌ ﴿۴۹﴾ وَاِذۡ فَرَقۡنَا بِكُمُ
الۡبَحۡرَ فَاَنۡجَيۡنٰكُمۡ وَاَغۡرَقۡنَآ اٰلَ فِرۡعَوۡنَ وَاَنۡتُمۡ تَنۡظُرُوۡنَ ﴿۵۰﴾

۽ (اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن مون اوهان کي فرعون جي قوم کان ڇوٽڪارو
ڏياريو جيڪي اوهان کي سخت عذاب ڏيندا هيا. اوهان جي پٽن کي ذبح ڪندا
هيا ۽ اوهان جي ڌيئرن (عورتن) کي زنده ڇڏي ڏيندا هيا. هن ۾ اوهان جي لاءِ اوهان
جي پروردگار پاران وڏي آزمائش هئي.(49) ۽ جڏهن اسان اوهان کي بچائڻ لاءِ
دريا (سمنڊ) کي (رستو ڏيڻ لاءِ چيريوسون ۽ اوهان کي جهڙي طرح بچايوسون ۽
فرعون وارن کي غرق ڪيوسون. جيڪو (منظر) اوهان پاڻ ڏسي رهيا هيا (50)

۽ پنهنجو اهو برو دور به ياد ڪيو، جڏهن آل فرعون يعني فرعون ۽ ان جي حوارين
(ساٿين) گڏجي اوهان کي غلامي واري بي بسي ۽ بي ڪسي حالت ۾ سخت عذابن ۽
تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو ته اسان ان وقت به اوهان کي ايڏي وڏي عذاب ۽ تڪليفن کان
ڇوٽڪارو ڏياريو. اهي (فرعوني لشڪر وارا) چونڊي چونڊي اوهان جي ڪارائتن ماڻهن

جو قتل عام ڪندا هئا ته جيئن اوهان طرفان ڪا تحريڪ هنن خلاف شروع ٿي نه سگهي ۽ اوهان جي عورتن کي ان ڪري قتل ڪرڻ کان ڇڏي ڏيندا رهيا ۽ زنده رکندا هئا ته جيئن اهي هنن جون ڪنيزائون بڻجي سگهن. (الاعراف: 141/7) "اَبۡنَآءَكُمۡ" مان مراد نوان ڄاول ٻار ڪان وڌيڪ فرزندانِ قوم مراد آهي، ڇوته "اَبۡنَآءَكُمۡ" جي مقابلي ۾ "نِسَآءَكُمۡ" آهي، "بَنَاتِكُمۡ" ناهي. المائده: 18/5 ۾ "وَقَالَتِ الۡيَهُوۡدُ وَالنَّصٰرٰى نَحۡنُ اَبۡنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ" مان مراد نوزاد ٻار مراد ناهن. اهڙيءَ طرح "وَوَصّٰى بِهَآ اِبۡرٰهٖمُ بَنِيۡهِ وَيَعۡقُوۡبُ يٰبَنِىَّ" (البقره: 2/ 132) ۾ "بَنِىَّ" (ابنآء) اشخاص لاءِ استعمال ٿيو آهي. جهڙيءَ طرح "وَاِلٰهَ آبَآئِكُمۡ" ابن ڏاڏن لاءِ آهي ته "اَبۡنَآءَ" به پوٽن لاءِ آهي. (البقره: 170/2، 133) هي گهڙي اوهان جي لاءِ پنهنجي پروردگار طرفان هڪ وڏي آزمائش هئي ته جيئن اوهان هن ظلم جي باهه مان پچي پڪا پختا ٿي نڪرو. (القصص 6/28، 5، 4) ان بعد اهو وقت به قابل ذڪر آهي ته جڏهن اوهان حضرت موسىٰ عليه السلام جي قيادت ۾ مصر کان نڪتا هئا ۽ فرعون پنهنجي لشڪر سان اوهان جو پيڇو ڪري رهيو هو ته ان وقت اسان سمنڊ جي پاڻي کي چيري اهڙي طرح الڳ ڪيو جو اوهان آسانيءَ سان سمنڊ پار ڪري ٻئي ڪناري پهچي ويا، پر فرعون لشڪر سميت غرق ٿي ويو ۽ اهو پورو منظر اوهان پنهنجي اکين سان ڏٺو. (يونس: 92/10، 91، 90، طٰهٰ: 20/ 77 کان 80، الشعراء: 61/26 کان 66، الدخان: 44/24-23) اوهان کي الله جي اها عظيم نعمت به ضرور ياد رکڻ گهرجي.

هن آيت ۾ ڪجهه نعمتن جو ذڪر آهي. فرعون کان نجات ڏياري. سخت عذاب کان ان بچايو ۽ آزاد ڪرايو. اوهان جا نرينه اولاد قتل ۽ عورتون داشته ٿينديون هيون. حضرت يوسف عليه السلام سان مصر ۾ 200 سالن ۾ هنن جو تعداد لکن ۾ ٿي ويو. مصر جي فرعونن کي اها ڳالهه ناپسند هئي. هنن تي ٽيڪس مڙهيا ويا. غلام بڻايا ويا، ذليل بڻايا ويا. عورت توڙي مرد فرعون جي ذلت آميز مزدوري ڪندا هيا. الله تعالىٰ آخرڪار انهن سمورين زيادتين کان حضرت موسىٰ عليه السلام ذريعي نجات ڏياري ۽ ڪين درياپار ڪرايو ۽ فرعون لشڪر سميت غرق ٿيو.

نوٽ: آل فرعون ۾ 'آل' مان مراد فرعون جا رڳو اهل و عيال نه پر هن جي جماعت لشڪر سڀ شامل آهن. 'آل' جي معنىٰ حديث ۾ آهي: كُلُّ نَقِيٍّ تَقِيٍّ فَهُوَ آلِيۡ سمورا نيڪو ڪار پرهيزگار منهنجو آل آهن.

وَاِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰٓى اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَاِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَالْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿٥٣﴾

۽ (اهو واقعو بہ ياد ڪريو) جڏهن اسان موسىٰ (عليه السلام) سان چاليهہ راتين جو وعدو ڪيو هو پوءِ اوهان موسىٰ (عليه السلام) جي چلّي (اعتڪاف ۾ وڃڻ) بعد گابي کي پنهنجو معبود بڻايو ۽ (ائين ڪرڻ سان) واقعي وڏا ظالم هيو. (51) پوءِ ان کان بعد بہ اسان اوهان کي معاف ڪري ڇڏيو تہ جيئن اوهان (هن احسان تي الله جا) شڪرگذار ٿيو. (52) ۽ جڏهن اسان موسىٰ (عليه السلام) کي ڪتاب ۽ فرقان يعني حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارا احڪام عطا ڪيا تہ جيئن اوهان هدايت حاصل ڪري سگهو. (53)

هنن آيتن ۾ الله تعالىٰ مزيد واقعن ۽ نعمتن جو ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي تہ جيئن يهودي پنهنجن آباء و اجداد تي ٿيل احسانن کي ياد ڪري شڪرگذار ٿي الله جي اطاعت اختيار ڪن، احڪام قبول ڪري سچي مؤمن واري زندگي اختيار ڪن، ان ڪري ڪين چيو ٿو وڃي تہ اهو واقعو بہ ياد ڪريو جڏهن وادي سينا ۾ پهچڻ بعد جتي اوهان جي تربيت ٿي رهي هئي ۽ اسان ان دوران موسىٰ (عليه السلام) سان چاليهہ راتين جو ميعاد مقرر ڪيو هو تہ هو چاليهہ راتين جو پهاڙ تي چلو ڪدي اڪيلائي ۾ الله جي عبادت ڪري قربت حاصل ڪري تہ ان دوران يعني موسىٰ عليه السلام جي غير حاضري ۾ اوهان هڪ گابي جي پرستش ڪرڻ شروع ڪري ڏني (الاعراف: 148/7) ۽ خدا جي عبادت کي ڇڏي حق جي واٽ کان پري نڪري ويا. اسان جي بي شمار احسانن باوجود اوهان جي اها انحرافي هڪ وڏي گمراهي هئي. مگر ان ايڏي وڏي ڏوهہ هوندي بہ اسان اوهان کي بخش ڪري ڇڏيو. (البقره: 52/2) تہ جيئن اوهان الله جي انهن احسانن جي قدرداني ڪريو. انهي دوران الله جو اهو احسان بہ ياد ڪريو، جڏهن اسان موسىٰ عليه السلام سان انهن چاليهہ راتين واري چلي جي ميعاد دوران پنهنجو واعدو پورو ڪندي اوهان جي هدايت ۽ رهبري لاءِ ڪيس الڪتاب هدايت نامو ۽

الفرقان حق ۽ باطل ۾ فرق ۽ تميز ڪرڻ واري ڪسوٽي عطا ڪئي تہ اوهان ان مان سبق حاصل ڪري پنهنجين غلطين، گناهن ۽ نافرمانين جو ازالو ڪري سگهو ۽ راهہ حق تي هلي هدايت يافتہ ٿي وڃو.

حضرت موسىٰ عليه السلام جي هن 40 ڏينهن واري چلّي جي نسبت سان بزرگان دين بہ 40 ڏينهن جو چلو ڪرائيندا آهن تہ جيئن ايترا ڏينهن عبادت ۾ مداومت ڪرائڻ سان عمل ۾ خلوص ۽ نهراءُ اچي ويندو ۽ ان بعد ان عمل جي پابنديءَ ۾ ڪابہ دشواري نہ ٿيندي. حضرت آدم عليه السلام جو خمير بہ 40 ڏينهن رهيو. حديث شريف آهي تہ رحم مادر ۾ 40 ڏينهن نطفو رهي ٿو. 40 ڏينهن ۾ علقه ٿئي ٿو ۽ پوءِ وري 40 ڏينهن ۾ مضغة (گوشت جو ٽڪرو) ٿئي ٿو، پوءِ هڏيون نهن ٿيون ۽ روح ڦوڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح پنجن مهينن اندر 140 ڏينهن ۾ جان اچي وڃي ٿي. نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ جيڪو شخص منهنجي مسجد ۾ 40 نمازون بنا ناغي ادا ڪندو تہ ان کي دوزخ کان نجات جو پروانو ملندو. اهوئي سبب آهي، جو هر مؤمن عمره يا حج وقت يا ڪنهن بہ صورت ۾ مسجد نبوي خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم پهچڻ تي لاڳيتو بنا ناغہ 40 نمازون ادا ڪندو آهي.

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِىِٕكُمْ فَاقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِىِٕكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۴﴾

۽ جڏهن موسىٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم کي چيو تہ اي منهنجي قوم! اوهان ڳابي کي پنهنجو معبود بڻائي پنهنجو پاڻ تي وڏو ظلم ڪيو آهي. هاڻي اوهان پنهنجي پيدا ڪرڻ واري (حقيقي رب) جي حضور توبه ڪريو ۽ هڪٻئي کي قتل ڪريو. اهو عمل (توبه ڪرڻ) اوهان جي لاءِ اوهان جي رب وٽ بهترين آهي. اهوئي اوهان جي توبه قبول ڪرڻ وارو ۽ مهربان رحم ڪندڙ آهي.(54)

پر اهو وقت بہ ياد ڪريو جڏهن موسىٰ (عليه السلام) 40 راتيون پهاڙ تي گذاري پنهنجي

قوم ڏانهن واپس آيو ۽ اوهان جي لاءِ ڪتاب الٰهي جو نسخو اوهان جي هدايت ۽ رهبري لاءِ گڏ ڪٽي آيو ته اوهان کي گابي جي پوڄا پاٽ ۾ مصروف ڏسي چوڻ لڳو ته اي منهنجي قوم (برادري) اوهان الله وحده لا شريڪ له جي عبادت ۽ اطاعت کي ڇڏي، گابي جي پوڄا ڪري پنهنجو پاڻ سان وڏو ظلم ۽ زيادتي ڪري سڀ حدون پار ڪري چڪا آهيو. (الاعراف: 152/7) هاڻي اوهان لاءِ لازم آهي ته اوهان پنهنجي ڪيئي تي توبه تائب ٿيو ۽ پنهنجي هن شرڪ جهڙي ناقابل معافي گناهه جي عيوض پنهنجي جان جي قرباني ڏيو ۽ اهو ئي طريقو آهي، جنهن سان خدا جي خوشنودي وري حاصل ڪري سگهو ٿا. الله اهڙن توبه ڪندڙ ٻانهن لاءِ نهايت رحم ڪندڙ ۽ سندن توبه قبول ڪندڙ آهي. (الاعراف: 153/7)

جان جي قربانيءَ لاءِ حڪم هيو ته جن گابي جي پوڄا ڪئي آهي، انهن کي اهي ماڻهو قتل ڪن، جن پوڄا نه ڪئي آهي، پر يهودين پنهنجن قريبي عزيزن، جن ۾ والد، پٽ، ڀاءُ به ٿي آيا، قتل ڪرڻ کان ٽٽايو، جنهن سبب عذاب الاهيءَ ۾ سخت اونداهيءَ جو غبار آيو، جنهن ۾ هٿ هٿ کي به نه پيو سجاڻي. ان اونداهيءَ سبب 70 هزار ماڻهو ماريا ويا. هي ياد ڏهاني يهودِ مدينه جي اصلاح لاءِ هئي.

وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ
وَاَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ۝٥٥ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۝٥٦ وَظَلَّلْنَا
عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ
وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ۝٥٧

۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهان چيو هيو ته اي موسىٰ! اسان توتي ڪڏهن به يقين نه ڪنداسون، جيستائين اسان الله کي روبرو نه ڏسون. (55) پوءِ اوهان تي وڄ ڪڙڪي، جيڪو منظر اوهان جي سامهون هيو، اوهان جي موت کان پوءِ وري اسان اوهان کي زنده ڪيوسون ته جيئن اوهان (هن احسان تي) اسان جو شڪر ادا ڪريو. (56) ۽ اسان اوهان تي بادل جو سايو ڪيو ۽ اوهان تي مَنّ ۽ سلوىٰ

**لاتاسون ۽ اوهان کي چيوسون تہ اهي پاڪيزه شيون جيڪي اسان اوهان کي عطا ڪيون آهن، خوب کائو. (نافرماني ڪري) هنن اسان جو ڪجهہ نہ بگاڙيو آهي، پر پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو اٿن. (57)**

هي اهو وقت آهي، جڏهن حضرت موسىٰ ﷺ تورات کڻي آيو ۽ بني اسرائيل کي چيو تہ هي الله جي طرفان اوهان جي لاءِ هدايت نامو آهي. بني اسرائيل چيو تہ اسان ڪيئن قبول ڪريون تہ هي الله جو ڪتاب آهي، تنهنجو ناهي. الله اسان کي پاڻ ٻڌائي تہ واقعي هي منهنجو ڪلام آهي. ان ڪري قوم جا ستر سنجيده اڳواڻ حضرت موسىٰ ﷺ سان گڏ طور جبل تي ويا. الله تعالىٰ حضرت موسىٰ ﷺ سان ڪلام ڪيو، جيڪو هنن ٻڌو، پر چيائون تہ اسان خدا کي پنهنجين اکين سان ڏسون تہ پوءِ مڃينداسون. جنهن تي الله جي تجلّيءَ جو ڪوهہ طور تي ظهور ٿيو ۽ اهي ستر شخص مري ويا. هن روئداد ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي ارشاد رباني آهي تہ اوهان خدا جي پيغمبر جي نصيحت قبول ڪرڻ ۽ الله تي ايمان آڻڻ بدران چيو تہ اي موسىٰ! اسان تو تي ايستائين ايمان نہ آڻينداسون ۽ تنهنجي توحيد ۽ وحدت واري پيغام کي تيستائين قبول نہ ڪنداسون، جيستائين اسان پاڻ پنهنجي اکين سان خدا کي توسان ڪلام ڪندي نہ ڏسون. اوهان جي هن ارڏي ۽ گستاخي واري سوال جي جواب ۾ اوهان پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ بجلي جي ڪڙڪ اوهان کي گهيري ورتو ۽ اوهان جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. (الاعراف: 155/7) اسان وري بہ ڪرم گستري ڪري اوهان کي ايڏي وڏي جان ليوا عبرتناڪ حادثي کان پوءِ ٻيهر نئين زندگي عطا ڪئي ۽ پنهنجن پيرن تي کڙو ڪيو تہ جيئن اوهان خدا جي هن عنايت ۽ مهرباني جي قدرشناسي ڪري پنهنجي خدا جي هيڪڙائي تي پختو پڪو ايمان رکو. اوهان مصر کان پنهنجي اصل وطن ورڻ بعد بہ پنهنجي وطن ۾ پنهنجا قدم مضبوط ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ کان ڪاهلي ۽ ڪمزوري ڏيکاري ان ڪري اوهان کي چاليهہ سال ريگستان ۾ خانہ بدوش زندگي گذارڻي پئي. صحرا جي انهي بي آب و گياهہ تپش ۽ گرم موسم ۾ بادل اوهان جي سرن مٿان سائبان رهيا. مينهن وسيا، بر پٽ آباد ٿيا. پاڻيءَ جا چشما ۽ تلاءَ ٺهي ويا ۽ من و سلوىٰ جا انبار لڳي ويا، جنهن ڪري اوهان لاءِ جنگل ۾ منگل ۽ بر ۾ بازارون ٿي ويون ۽ اوهان

كي كاڌي پيتي جي سامان جي فراواني سميت بادلن جي سايه سبب سڪون و آرام مهيا ٿيو ۽ وري اوهان کي موقعو مهيا ڪيو ويو ته خدا جي هنن بي شمار نعمتن تي خدا پروردگار جا شڪرگذار ٻانها ٿيو. مگر پوءِ به اوهان پنهنجين بد اعمالين کان باز نه آيا. ذرا غور ڪيو ته نافرماني ۽ ناشڪري ڪري اوهان اسان جو (الله جو) ڇا بگاڙيو، الٽو نقصان ڪيو ته پنهنجو ئي ڪيو. ڇو ته الله جي حڪمن ۽ هدايتن جي نافرماني ڪرڻ سان الله بي پرواهه بي نياز جو ڪجهه بگاڙي نٿو سگهجي. الٽو انسان پنهنجي دنيا ۽ آخرت خراب ۽ برباد ڪري ٿو.

وَاِذْ قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ رَغَدًا وَّادْخُلُوا الْبَابَ
سُجَّدًا وَّ قُوْلُوْا حِطَّةٌ نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَسَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ۵۸ فَبَدَّلَ
الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَنْزَلْنَا عَلَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رِجْزًا
ع ۳ مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ۵۹ ع

۽ اهو موقعو به ياد ڪريو، جڏهن اسان اوهان کي حڪم ڏنو هيو ته هن شهر ۾ داخل ٿي وڃو ۽ پوءِ جتي دل گهري اتان مزي مزي سان کائو پر (ياد رکو) ته دروازي کان جهڪي (عجز ۽ انڪساريءَ سان) داخل ٿجو ۽ پوءِ ”اسان کي بخش ڪر“ جو ورد ڪندا رهو ته اسان اوهان جي گناهن کان درگذرڪنداسون ۽ احسان اختيار ڪندڙن کي وڌيڪ فضل و ڪرم سان نوازينداسون. (58) پوءِ هنن ظالمن کي جيڪو حڪم (قول) ڪيو ويو هيو، ان کي ٻين لفظن ۾ بدلي ڇڏيو جنهن جي ڪري اسان انهن ظالمن تي (طاعون جهڙي وبا) سخت عذاب نازل ڪيو، ڇو ته هو لڳاتار حڪم عدولي ڪري رهيا هئا. (59)

بني اسرائيل تي ٿيندڙ عنايتن جو بيان جاري آهي. پر ياد رهي ته هي واقعا ان ترتيب سان پيش نه ڪيا ويا آهن، جنهن ترتيب سان رونما ٿيا آهن، ڇو ته قرآن قصه خواني نه، پر موقعي مهل سان واقعا بيان ڪيا آهن، جتي جنهن نعمت جو ذڪر ڪرڻ بهتر هيو،

اتي ان جو بيان ڪيو ويو آهي تہ جيئن مديني جي يهودين کي انهن نعمتن ۽ نعمتن جي ناقدريءَ جي ياد ڏياري وڃي تہ جيئن هو ان مان سبق حاصل ڪن. ڪن تفسيرن موجب هي واقعو حضرت يوشع بن نون عليه السلام جي ڏينهن ۾ ٿيو، پر ڪجهہ تفسيرن موجب اهو تيہ جي ميدان وقت وقوع پذير ٿيو، جنهن جو ذڪر سورة الاعراف: 7 / 62-161 ۾ بہ آيو آهي، جتي بني اسرائيل جا ٻيا واقعا بہ بيان ڪيا ويا آهن. هتي بہ انهن ڏانهن اشارو ڪري ڇيو ويو آهي تہ اوهان پنهنجي بداعمالين سبب ايترا تہ بي حس ٿي ويا آهيو جو اوهان لاءِ اها حقيقت بہ عبرت جو مقام نہ آهي تہ جڏهن اوهان صحرا نوردي جي خانہ بدوش زندگي بسر ڪري رهيا هئا تہ هڪ شهر جي آبادي اوهان جي قريب هئي. اسان اوهان کي چيو تہ انهيءَ شهر ۾ فتح ماڻي داخل ٿي وڃو ۽ پوءِ ان ۾ پنهنجي پسند جا مزي مزي سان کاڌا کائو ۽ ياد رکو تہ ٻين فاتحن وانگر سرڪش ۽ مغرور ٿي داخل نہ ٿجو، مگر دل ۾ عجز ۽ انڪساري ڪندي، توبه ۽ استغفار جي وردن سان الله جي بارگاهہ ۾ ”حِطَّةٌ“ يعني ”يا خدا اسان کي ڪيل گناهن واري آلودگي کان پاڪ ڪر“ جو ورد جاري رکندي ۽ نوڙت جي روش سان داخل ٿي پنهنجي هن خانہ بدوشي واري صحرائي زندگي کان نجات حاصل ڪريو. جيڪڏهن اوهان اها روش ۽ اهو رستو اختيار ڪيو تہ (الله) اوهان جون خطائون معاف ڪرڻ فرمائيندو ۽ هو پنهنجي رحيمي ۽ ڪريمي واري صفات سان نيڪو ڪارن جي نيڪين ۾ برڪتون ۽ فراواني ڪندو آهي، پر ٿيو ائين جو ان جي ابتڙ اوهان مان ڪيترن ماڻهن جن جا شب و روز ظلم ۽ زيادتين ۾ گذرندا هئا. انهن خدا طرفان ٻڌايل فرمان کي ڦيرائي عاجزي، انڪساري ۽ مغفرت بدران غفلت، غرور ۽ ذاتي لوڀ لالچ وارن جملن ۾ ادا ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ اسان انهن تي آسمان کان عذاب نازل ڪيو، جيڪو انهن جي بار بار نافرماني ڪرڻ جو لازمي نتيجو هو جنهن جي ڪري هو وري انهي شهر جي زندگي کان محروم ٿي ريگستان ۾ رهڻ لڳا. وڌيڪ ڏسو (المائده: 21/5 کان 26) پر سورة النصر ۾ ماڻهو فوج در فوج اسلام ۾ اچڻ لڳا تہ نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي ”فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَاسۡتَغۡفِرۡهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ۝“ جو حڪم فرمايو ويو. يعني خدا جو شڪرانو ڪيو، ان بعد حفاظت ۽ بخشش جي طلب ۽ خدا کان معافيءَ جو يقين مراد آهي. بني اسرائيل وانگر ناشڪري، غرور ۽ انا نہ آهي، جن ”حِطَّةٌ“ جي بدلي ”حِنۡطَةٌ“ چيو. (معاذالله)

وَ اِذِ اسۡتَسۡقٰی مُوۡسٰی لِقَوۡمِهٖ فَقُلۡنَا اضۡرِبۡ بِّعَصَاكَ الۡحَجَرَ ؕ فَانۡفَجَرَتۡ مِنۡهُ اثۡنَتَا عَشۡرَةَ عَيۡنًا ؕ قَدۡ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ مَّشۡرَبَهُمۡ ؕ كُلُوۡا وَاشۡرَبُوۡا مِنۡ رِّزۡقِ اللّٰهِ وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿٦٠﴾

۽ (اهو وقت بہ ياد ڪريو) جڏهن موسىٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم لاءِ پاڻي گهريو تہ اسان فرمايو تہ تون پنهنجي لٺ هن پٿر تي هڻ، جنهن جي ڪري انهيءَ (پٿر) مان ٻارنهن چشما ڦٽي پيا. هر قبيلي پنهنجو پنهنجو چشمو (گهاٽ) معلوم ڪري ورتو. (ڪين هدايت ڪئي وئي تہ) پنهنجي الله جي عطا ڪيل رزق کي کائو پيئو، پر زمين تي فساد نہ ڪندا وتو. (60)

هي واقعو جيڪو بني اسرائيل کي ياد ڏياريو پيو وڃي، اهو بہ تيه جي سينا صحرا جي لق و دق بيابان ۾ رونما ٿيو. جڏهن ڏپ جي گرمي، پاڻيءَ جي اڻاٺ ڇهہ لک کن ڪان زياده بني اسرائيل کي پريشان ڪيو تہ حضرت موسىٰ عليه السلام جي دعا سان بادل سايه فگن ٿيو. جبل جي هڪ حصي مان ضرب عصا موسوي سان ٻارنهن قبيلن لاءِ ٻارنهن چشما ڦٽي نڪتا ۽ هر قبيلي هڪ هڪ چشمو سنڀالي ورتو. ”اسباط“ جمع آهي ”سبط“ جو، جنهن جي معنىٰ آهي پوٽو. هت قبيلي جي معنىٰ ۾ آيو آهي. حضرت يعقوب جي ٻارنهن پٽن مان ٻارنهن قبيلا نهيا ۽ هر قبيلي جو وڏيرو هيو. پاڻيءَ جي ڪثرت ٿي وئي. مايوسي ۽ پريشاني ختم ٿي وئي. هن عظيم نعمت جي ياد دهانيءَ لاءِ فرمان خداوندي آهي تہ اهو واقعو ياد ڪريو جڏهن تيه جي ريگستان ۾ پاڻي اٽلي تي ويو ۽ اوهان پياس سبب بي حال ٿيڻ لڳا تہ موسىٰ عليه السلام الله جي بارگاهہ ۾ پاڻي لاءِ درخواست ڪئي تہ اسان کيس چيو تہ پنهنجي عصا سان پهاڙ جي چوٽي تي ضرب لڳاءِ تہ پاڻي نڪري ايندو. موسىٰ خدا جي حڪم جي تعميل ڪئي تہ ٻارنهن چشما ڦٽي نڪتا ۽ سمورن ماڻهن (ٻارنهن قبيلن ئي) پنهنجي پنهنجي چشمي (گهاٽ) جو هنڌ معلوم ڪري ورتو. (الاعراف: 160/7) ان وقت اوهان کي اها هدايت ڪئي وئي هئي تہ پاڻ ۾ ملي جلي اتحاد ۽ اتفاق سان کائو پيئو ۽ الله جي هن بخشش ۽ عطا مان پورو پورو فائدو حاصل ڪريو. هي منّ و سلوىٰ وارو رزق اوهان کي توهان جي مشقت ۽

محنت کان سواءِ ملي رهيو آهي، پاڻ ۾ وڙهي جهڳڙو فساد برپا نہ ڪريو. مگر اوهان هن
چٽي هدايت هجڻ باوجود پاڻ ۾ وڙهي فتنو فساد پيدا ڪيو ۽ خدا جي قهر ڪي دعوت ڏني.

معلوم هئڻ گهرجي مولانا ابوالڪلام آزاد تفسير ترجمان القرآن ۾ ان ريگستان
ڪي سينا جو ريگستان چيو آهي، جيڪو دراصل تيه وادي جزيره نما سينا ۾ واقع آهي.

وَاِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ نَّصْبِرَ عَلٰى طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُخْرِجْ لَنَا مِمَّا
تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ مِنْۢ بَقْلِهَا وَقِثَّآئِهَا وَفُوْمِهَا وَعَدَسِهَا وَبَصَلِهَا ؕ قَالَ اَتَسْتَبْدِلُوْنَ
الَّذِىْ هُوَ اَدْنٰى بِالَّذِىْ هُوَ خَيْرٌ ؕ اِهْبِطُوْا مِصْرًا فَاِنَّ لَكُمْ مَّا سَاَلْتُمْ ؕ وَضُرِبَتْ
عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ۗ وَبَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا
يَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوْا
يَعْتَدُوْنَ ۧ ﴿٦١﴾ ع ٢ ٧ ٧

۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهان چيو هو تہ اي موسىٰ! اسان فقط هڪ کاڌي (منّ و
سلوىٰ) تي هرگز صبر نٿا ڪري سگهون. تون پنهنجي رب کان (اسان جي لاءِ)
دعا ڪر تہ هو اسان جي لاءِ زمين واريون سبزيون ونگيون، ٿوم، دال ۽ بصر پيدا
ڪري، جنهن تي موسىٰ (عليہ السلام) پنهنجي قوم کي چيو تہ ڇا اوهان هڪ گهٽيا
شيءِ، سٺي شيءِ جي بدلي ۾ گهري رهيا آهيو. (جيڪڏهن اوهان جي اها
خواهش آهي) تہ پوءِ ڪنهن شهر ڏانهن لهي وڃو، اتي اوهان کي جيڪو گهرو
ٿا، ملي ويندو. مٿن خواري ۽ محتاجي مڙهي وئي ۽ الله جي ڏمر هيٺ اچي ويا.
اهو ان ڪري آهي، جو هنن الله جي حڪم کي نٿي مڃيو ۽ نبين جو ناحق قتل
ڪندا هيا ۽ اهو (عذاب) انهيءَ ڪري بہ هيو تہ هو نافرماني ڪندا هيا ۽
(هميشه) هر حد پار ڪري ويندا هيا. (61)

ياد ڪريو جڏهن اوهان موسىٰ ﷤ سان شڪايت ڪئي تہ اسان ڪان اهو نٿو ٿي سگهي تہ اسان رڳو هڪ قسم جي کاڌي تي صبر ڪري سگهون، تنهن ڪري تون پنهنجي رب جي آڏو ٻاڏاءِ تہ اهو اسان لاءِ اهو سڀ ڪجهہ مهيا ڪري، جيڪو زمين مان پيدا ٿو ٿئي، سبزي ترڪاري (ڪڪڙي) گندم (ٿوم)، دال، پياز جيڪي شيون اسان مصر ۾ کائيندا هياسون. موسىٰ ﷤ اهو ٻڌي ڪين وراڻيو تہ اوهان جي سوچ سمجهہ ۽ عقل تي افسوس آهي، جو اوهان هن آزادي ۽ جدوجهد واري صحرائي زندگيءَ کي پنهنجي هن ادنىٰ خواهش تي قربان ڪرڻ گهرو ٿا. جيڪڏهن اوهان جي بدبختي ۽ گمراهيءَ جو اهو حال آهي تہ پوءِ هي مجاهدانہ زندگي ڇڏي (ترڪ ڪري ) شهري زندگي اختيار ڪريو، جتي اوهان کي اهو سڀ ڪجهہ ملي ويندو، جيڪو اوهان گهري رهيا آهيو.

فطرت کے مقاصد کی کرتا ہے نگہبانی
یا بندہ صحرائی یا مرد کہستانی (اقبال)

هن غلط روش سبب بني اسرائيل تي ذلت خواري ۽ مسڪينيءَ جي مار ٿي ۽ خدا جي قهر جا حقدار ٿيا ڇو تہ هو الله جي آيتن جو کلم کلا انڪار ڪندا هئا ۽ نبين جي ناحق قتل ۾ ملوث رهيا. هيڏا وڏا ڏوهہ ۽ ڏاڍايون انهن ۾ ان ڪري اچي ويون، جو هنن هر وقت سرڪشي ۽ بي راهہ رويءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ ظلم ۽ زيادتين جون سڀ حدون پار ڪري ويا. خدا جي عظيم احسانن ۽ نعمتن جي شڪرگذاريءَ بدران شرارت ۽ سرڪشي ڪندا رهيا. نبين سان دشمني ڪيائون ۽ ڪين ايذايائون ۽ ناحق قتل ڪيو ۽ ڪفران نعمت ڪيو. هر برائي ۽ گمراهيءَ جو اظهار ڪيو.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالنَّصٰرٰى وَالصّٰبِـِٕيْنَ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

بيشڪ جن بہ ماڻهن ايمان آندو (پنهنجي پنهنجي دور جي رسول تي مسلمان

هجي يا) يهودي هجي يا نصاريٰ يا صابي هجي، پوءِ جنهن بہ (ان سان گڏ) الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا تہ ان جي لاءِ سندس پالڻهار وٽ وڏو اجر آهي. اهي ماڻهو نہ ڪنهن خوف جو شڪار ٿيندا ۽ نہ وري غمگين يا ڏکارا ٿيندا. (62)

---

يهود، هَوَادة بمعنىٰ محبت کان آهي يا تَوَهّدَ بمعنىٰ توبه کان آهي. نصراني نصران يا ناصره بستيءَ ڏانهن منسوب آهي. صابئين، صابي کان ستاره پرست. بني اسرائيل يعني يهود ۽ نصاريٰ جو اهو عقيدو هو تہ اهي الله جا پيارا آهن. وَقَالَتِ الْيَهُوْدُ وَالنَّصٰرٰى نَحْنُ اَبْنٰٓؤُا اللّٰهِ وَاَحِبَّآؤُهٗ ؕ (المائده: 18/5) يهود ۽ نصاريٰ انهن ٻنهي جي دعوىٰ هئي تہ اسان خدا جي پياري اولاد آهيون. وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ اهي چوندا هئا تہ اسان کجهہ بہ ڪيون، اسان جو ڪو ئي مؤاخذو نہ ٿيندو. (البقره: 80/2) اسان کي جهنم ۾ وڌو ويو تہ بہ رڳو ڪجهہ ڏينهن لاءِ. قُلْ فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ؕ اي پيغمبر خدا خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ تون انهن کان پڇ تہ پوءِ الله اوهان کي توهان جي برن عملن تي عذاب ڇو ٿو ڏئي. ان ڪري اهڙو عقيدو ۽ دعوىٰ خام خياليءَ ڪانسواءِ ڪجهہ ناهي.

الله جو راضپو يا جنت جو حصول ڪنهن نسل لاءِ خاص نہ آهي. مَنْ بَطَّأَ عَمَلُهٗ لَمْ يُسْرِعْ نَسَبُهٗ (صحيح بخاري- صحيح مسلم) جنهن جا اعمالناما ان کي پنتي ڪن، تہ ان جو نسل ان کي اڳتي نہ ڪندو. پوءِ بيشڪ اهو مسلمان هجي يا يهودي، نصاريٰ يا صابئي هجي، جيڪو بہ الله تي اهڙي طرح ايمان آڻي ٿو جهڙي طرح ايمان آڻڻ جو حق آهي، جنهن ۾ الله تي ايمان آڻڻ سان گڏ الله جي رسول حضرت محمد مصطفىٰ خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ تي ايمان آڻڻ بہ لازم آهي. فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ (البقره: 137/2) پوءِ جيڪڏهن هي يهود، نصاريٰ وغيرهم اهڙي طرح ايمان آڻين، جهڙي طرح اوهان مسلمانن ايمان آندو آهي تہ رڳو پوءِ هدايت جي راهہ تي هوندا پر جيڪڏهن ائين نہ ڪيائون ۽ اهڙي طرح ايمان آڻڻ کان منهن موڙيائون تہ پوءِ سمجهو تہ هنن جي ايمان آڻڻ جي نہ ڪا اميد آهي نہ ڪا حيثيت. هنن حق جي راهہ اختيار ڪرڻ بدران هٺ ڌرمي اختيار ڪئي، تنهن ڪري انهن سان اوهان کو بہ

تعلق نہ رکو. (ڏسو آل عمران: 82-101/3) خدا اوهان کي هنن جي مخالفت کان محفوظ رکندو. هو سڀ کجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. حديث شريف ۾ آهي. وَالَّذِیْ نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِیَدِہٖ لَا یَسْمَعُ بِیْ اَحَدٌ مِّنْ ھٰذِہِ الْاُمَّۃِ یَھُوْدِیٌّ وَّلَا نَصْرَانِیٌّ ثُمَّ یَمُوْتُ وَلَمْ یُؤْمِنْ بِالَّذِیْ اُرْسِلْتُ بِہٖ اِلَّا کَانَ مِنْ اَصْحَابِ النَّارِ ان ذات (باري تعالىٰ) جو قسم آهي، جنهن جي هٿ ۾ مون محمد ﷺ جي جان آهي تہ ڪو بہ ماڻهو جو منهنجي بعثت جو ٻڌي اهو عيسائي هجي يا يهودي ۽ مون تي ايمان نہ آڻي تہ اهو جهنم ۾ ويندو. معلوم ٿيو تہ هت آمن بالله مان مراد آمن الرسول بہ آهي. هن جي تائيد ۾ ڪيترين آيتون موجود آهن. وڌيڪ ڏسو (آل عمران: 19/3، 31، 81، 85، النساء: 61/4، 47، المائده: 51/5، 69، 81، الحج: 17/22) اهي ماڻهو آخرت تي بہ ايمان آڻن ۽ نيڪ عمل ڪن تہ پوءِ اهڙن سيني ماڻهن لاءِ رب پاڪ وٽان وڏو اجر آهي. دنيا ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ نہ ڪو خوف آهي ۽ نہ وري اهي غمگين ٿيندا.

ڪوڙيين ڪايائون تنهن جون، لکن لک هزار
جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين، درشن ڏاروڏار
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان. (شاھ)

ياد رکڻ گهرجي تہ نبي آخر زمان جيڪو خاتم النبين آهي ۽ قيامت تائين ايندڙ تمام نوع انسان لاءِ رسول نبي ۽ هدايت جو رهبر ۽ رهنما آهي، ان تي ايمان آڻڻ کان سواءِ ڪو بہ عمل الله جي بارگاهہ ۾ قبول نہ آهي. هن آيت ۾ اها وضاحت ڪئي وئي آهي تہ نجات جو دارومدار نسب يا نسل تي نہ آهي، جهڙيءَ طرح يهودي سمجهندا هئا، مگر ڪامل ايمان ۽ عمل تي آهي.

سيد قطب پنهنجي تفسير "في ظلال القرآن" ۾ لکيو آهي تہ "مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰہِ وَالْیَوْمِ الْاٰخِرِ فَالْعِبْرَۃُ بِحَقِیْقَۃِ الْعَقِیْدَۃِ لَا بِعَصَبِیَّۃٍ وَّجِنْسٍ اَوْ قَوْمٍ وَذٰلِكَ طَبْعًا قَبْلَ الْبِعْثَۃِ" ايمان بالله ۽ يوم آخرت مان مراد اصل عقيدو آهي، جنس يا قوم (يهودي، نصارىٰ وغيره) واري عصبيت ناهي ۽ ان مان مراد بعثت (رسول الله ﷺ) کان اڳ لاءِ آهي، بعد بعثت حضور ﷺ تي ايمان ۽ آخرت تي ايمان لازم آهي.

ڏات ناهي ذات تي جو وهي سو لهي. (شاھ)

ان ڪري پاڻ پڏائڻ سان ڪوبہ الله وٽ تقرّب نہ ٿيندو آهي. سورة النجم: 32/53 ۾ آهي: ”فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ؀“ اوهان پنهنجو پاڻ نہ پڏايو، الله کي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ ڪير متقي ۽ نيڪوڪار آهي. سورة الحجرات: 13/49 ۾ آهي: ”يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقْنٰكُمْ مِّنْ ذَكَرٍ وَّاُنْثٰى وَجَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّقَبَاۗىِٕلَ لِتَعَارَفُوْا ۭ اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ“ اوهان کي هڪ مرد ۽ عورت جي جوڙ مان پيدا ڪيو آهي. اوهان کي ذاتين، پاڙن ۽ قبيلن ۾ تقسيم ڪيو آهي، تہ هڪ ٻئي کي سڃاڻو. بيشڪ الله وٽ وڌيڪ عزت مآب ۽ سنو اهو آهي، جيڪو متقي يعني خدا جو نيڪ ترين ٻانهو آهي.

اهوئي الله جي اجر ۽ رحمت سبب هر خوف ۽ غم کان آجو آهي. الله عزوجل تي ايمان ۽ آخرت تي ايمان بہ انبياءِ ڪرام معرفت الله طرفان موڪليل ڪتابن ۽ فرشتن ذريعي ٿئي ٿو، ان ڪري سورة البقره: 177/2 ۾ آهي: ”لَيْسَ الْبِرَّ اَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْھَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْمَلٰۗىِٕكَةِ وَالْكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ“ اهڙيءَ طرح سورة البقره: 285/2 ۾ آهي: ”كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰۗىِٕكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۣ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۣ“ ۾ تفصيلي ايمان جو ذڪر آهي. پلا رڳو الله تعالىٰ، آخرت کي مڃڻ، باقي الله جي نبين، فرشتن، ڪتابن کي تسليم نہ ڪرڻ، خود الله ۽ آخرت جو نامڪمل ايمان آهي. خاص طرح سان نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم تي ايمان نہ آڻڻ، چاڪاڻ تہ اهو ”اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ“ جي صريح خلاف ورزي ۽ ڪفر آهي. (معاذ الله ثم معاذ الله) سورة النساءِ: 4/ 152- 150 ۾ اهڙو مضمون آيو آهي، ان ڪري ايمان مفصل ئي ايمان آهي. هن آيت جي وڌيڪ وضاحت آيت نمبر 137 ۾ ڏسو، ڇوتہ ڪجھ ماڻهو سمجهن ٿا تہ هن وقت جا يهودي، نصارىٰ ۽ صابئي بہ دين حق تي آهن، اهڙو عقيدو غلط آهي، ڇوتہ هو توحيد، رسالت ۽ آخرت ۾ ايمان نٿا رکن. وڌيڪ ڏسو آل عمران: 101-82 جو تفسير شرح البيان ۾.

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ وَرَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ۭ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ؀٦٣ ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ ۚ فَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَكُنْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ؀٦٤

۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان اوهان کان پڪو قول و اقرار ورتو هيو ۽ اوهان جي مٿان ڪوه طور کي ڪڙو ڪيوسون تہ جيڪو ڪجھہ اسان اوهان کي ڏنو آهي ان کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکو (پوريءَ طرح عمل ڪريو) ۽ جو ڪجھہ انهيءَ ڪتاب (تورات) ۾ آيو آهي، ان کي ياد ڪريو تہ جيئن اوهان (خدا جي عذاب کان) بچي سگھو. (63) پر هن (پڪي عهد ۽ تنبيه) کان پوءِ بہ اوهان ڦري ويو. جيڪڏهن اوهان تي الله جو فضل ۽ رحمت نہ هجي ها تہ اوهان يقينًا تباھہ تي وڃو ها. (64)

هن آيت ۾ ٻن اهم واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪ ميثاق آهي تہ اوهان هن ڪتاب تورات تي مضبوطيءَ سان عمل پيرا ٿيو ۽ ان مطابق زندگي گذاريو ۽ ٻيو ان عهد کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هنن کان اهو عمل هڪ اهڙي پهاڙي هيٺان ورتو ويو، جيڪا مٿن ڇٽيءَ وانگر هئي، جنهن جو مقصد هيو تہ الله جي ڪتاب تي ايمان نہ آڻڻ وارن جو برو حشر تي سگھي ٿو. هن جو ذڪر سورة الاعراف: 171/7 آهي تہ اوهان اهو وقت بہ ياد ڪريو جڏهن اسان اوهان کان عهد ورتو هو ۽ اوهان ڪوھہ طور جي بلندين جي هيٺان موجود هيا. اهو وعدو هي هيو تہ جيڪو هدايت وارو ڪتاب اوهان کي ڏنو ويو آهي، ان تي پوري مضبوطي سان قائم رهجو ۽ جيڪي ڪجھہ احڪام ان ۾ اوهان کي ڏنا ويا آهن، انهن کي پوري طرح ياد رکجو. ائين ڪرڻ سان اوهان خدا جي نافرماني ۽ عذاب کان بچي ويندا.

ليڪن اوهان پڪو وعدو ڪرڻ بعد ڪيل عهد کان ڦري ويا. اوهان جي انهيءَ عهد شڪني باوجود الله تعالىٰ پنهنجي قانون مهلت مطابق اوهان تي يڪدم قهر نازل نہ ڪيو، پر جيڪڏهن خدا جي اها رحمت ۽ نوازش اوهان تي نہ هجي ها تہ اوهان جي انهيءَ روش تي فورًا وڏي تباهي ۽ نقصان ۾ اچي وڃو ها.

وَلَقَدْ عَلِمْتُمُ الَّذِيْنَ اعْتَدَوْا مِنْكُمْ فِي السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِـِٕيْنَ ۚ﴿٦٥﴾ فَجَعَلْنٰهَا نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَمَا خَلْفَهَا وَمَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾

۽ (يهوديو) اوهان يقينًا انهن ماڻهن کان چڱي طرح واقف آهيو اوهان مان جن چنڇر جي ڏينهن لاءِ (ڏنل حڪمن ۾) سرڪشي ڪئي تہ اسان انهن کي چيو تہ خسيس (ذليل) ٻولڙا ٿي پئو. (65) پوءِ اسان انهيءَ (عبرتناڪ واقعي) کي ان زماني ۽ بعد ۾ ايندڙ ماڻهن لاءِ درس عبرت ۽ پرهيزگارن لاءِ باعث نصيحت ڪيو. (66)

شريعت موسوي ۾ ڇنڇر جو ڏينهن يهودين جي لاءِ عبادت جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو هيو. ان ڏينهن ٻيو ڪاروبار ڪرڻ کان روڪيو ويو هيو. جنهن شهر ۾ يهودي رهندا هئا، ان ۾ مڇيءَ جو ڪاروبار ڪندا هئا. ڪين ڇنڇر جي ڏينهن کان سواءِ باقي ڇهہ ڏينهن مڇيءَ جي شڪار جي اجازت هئي. يهودين جي آزمائش لاءِ قدرت جو نظام اهڙو هيو، جو ڇنڇر جي ڏينهن مڇيون وڏي تعداد ۾ نظر ايندڙيون هيون ۽ ڇنڇر کان سواءِ ٻين ڏينهن ۾ گهٽ يا ورلي نظر ايندڙيون هيون. جيئن تہ اهي مڇيءَ جا واپاري هئا، ان ڪري انهن منع ٿيل ڏينهن يعني ڇنڇر تي، جڏهن مڇيون گهڻيون ظاهر ٿينديون هيون تہ انهن کي ڄار ۾ ڦاسائي رکندا هئا، يا وري ٻئي تلاءَ ڏانهن منتقل ڪندا هئا. اهڙا بهانا تلاش ڪري الله جي قانون جي سخت ڀڃڪڙي ڪندا هئا. سندن هن مڪر، فريب ۽ دوکي دهيءَ جي عمل کي ياد ڪندي ارشاد رباني آهي تہ يقينًا اوهان کي انهن ماڻهن جو پورو پورو علم آهي، جيڪي اوهان مان ئي هئا. جن سبت جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي. (الاعراف: 163/7، النحل: 124/16) جيڪو ڏينهن ڪم ڪار کان تعطيل ۽ مذهبي عبادت طور ملائڻو هيو، پر اوهان شرعي حڪمن ۾ حيلا بهانا گهڙي رڳو نمائشي طور ان تي عمل ڪيو ۽ پنهنجي گمراهيءَ جي انتها ڪري ڇڏي. اوهان جي انهيءَ بي ڍنگي روش تي اسان چيو تہ ذليل ۽ خوار بندرن واري زندگي گذاريو. (المائده 60/5)

اوهان جي هن حالت، زار کي ان دور جي ماڻهن ۽ ان کان بعد ۾ ايندڙن لاءِ عبرت ناڪ سزا ۽ نيڪوڪارن ۽ پرهيز گارن لاءِ نصيحت آموز سبق بڻائي ڇڏيو. ان ۾ اختلاف آهي تہ واقعي شڪل شباهت ۾ بندر ٿي ويا هئا يا هنن ۾ بندرن واريون ذليل ۽ قبيح خصلتون پيدا ٿي ويون هيون، جو انساني صورت ۾ بندر لڳندا هئا.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖٓ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ؕ قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا
هُزُوًا ؕ قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ
لَّنَا مَا هِيَ ؕ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّلَا بِكْرٌ ؕ عَوَانٌۢ بَيْنَ
ذٰلِكَ ؕ فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾

۽ (اهو واقعو بہ ياد ڪريو) جڏهن موسىٰ (عليه السلام) پنهنجي قوم کي چيو تہ الله اوهان کي هڪ ڳئون ذبح ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. جنهن تي هنن وراڻيو تہ ڇا تون اسان سان مذاق ڪرڻ گهرين ٿو. موسىٰ (عليه السلام) چيو تہ مان الله جي پناهہ گهران ٿو هن ڪان تہ مان جاهلن مان ٿي وڃان. (67) (تڏهن) هنن چيو تہ تون اسان جي لاءِ پنهنجي رب کان دعا گهر تہ هو ٻڌائي تہ ڳئون ڪهڙي هجي. موسىٰ (عليه السلام) چيو تہ اها ڳئون نہ ڪراڙي هجي ۽ نہ وري ڳابي هجي، پر درمياني عمر جي هجي. هاڻي جيڪو حڪم اوهان کي مليو آهي، ان جي تعميل ڪريو.(68)

هن نهايت اهم واقعي جي شروعات تہ آيت نمبر72 "وَاِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ؕ" سان ٿئي ٿي. يعني جڏهن اوهان هڪ شخص کي قتل ڪيو هيو ۽ قاتل معلوم نٿي ٿي سگهيو تہ الله تعالىٰ پنهنجي نوازش سان هڪ ڳابي جي ڪهڻ ۽ ان ذريعي قاتل معلوم ڪرڻ جو حڪم ڏنو هيو، جنهن ۾ يهود ٽال مٽول ڪرڻ لڳا ۽ بار بار سوال پڇي، پاڻ لاءِ رسي وڏيڪ تنگ ڪندا رهيا. ان ڪري ڪين چيو وڃي ٿو تہ اوهان جي بهاني بازي ۽ حيلا سازي جي عادت ايتري تہ پڪي پختي ٿي چڪي آهي، جو توهان حق ۽ سچائي کي ٽوڙي مروڙي بيان ڪرڻ ۾ پيش پيش آهيو. هن سلسلي ۾ پنهنجي انهيءَ مڪروه تاريخ جو اهو واقعو بہ ياد ڪريو تہ جڏهن موسىٰ عليه السلام پنهنجي قوم کي چيو تہ جيڪڏهن اوهان هن لاش جو اصل قاتل معلوم ڪرڻ گهرو ٿا تہ پوءِ الله جو حڪم آهي تہ هڪ ڳئون ذبح ڪريو. جنهن تي هنن وراڻيو تہ قتل سان ڳئون ذبح ڪرڻ جو عمل ڪهڙو تعلق رکي ٿو. اي

موسىٰ! تون اهڙو مذاق ڇوٿو ڪرين. حضرت موسىٰ عليه السلام فرمايو ته مان خدا جو رسول آهيان، مسخري يا مذاق منهنجو وطيرو ناهي. (البقره: 67/2، الاعراف: 152/7) ته اوهان هڪ رسول پاران خدا جي ڏنل حڪم تي عمل ڪرڻ بدران طرح طرح جا خدشا ۽ خام خيال ڪرڻ لڳا آهيو ۽ چوڻ لڳا آهيو ته تون اسان سان ٺٺول ٿو ڪرين. موسىٰ عليه السلام چيو ته نعوذبالله مان الله جي پناهه گهران ٿو ته حڪم الٰهي جي پهچائڻ ۾ مان مسخري يا چٿر وارو ڪم ڪري جاهلن جو طريقو اختيار ڪيان.

اهو ٻڌي چوڻ لڳا ته پيلا پنهنجي الله کان پڇي اهو ٻڌاءِ ته ڪهڙي قسم جو جانور ذبح ڪرڻ گهرجي ڇو ته اسان کي خبر ناهي ته خدا کي ڪهڙي قسم جو جانور پسند هوندو. (تي سگهي ٿو ته بني اسرائيل مان ڳئون پرستي جي پراڻي عادت کي ختم ڪرڻ لاءِ الله طرفان سندن هٿان ڳئون ذبح ڪرڻ جي مصلحت واري حڪم ڏنو هجي) موسىٰ عليه السلام وراڻيو ته خداوند جو فرمان آهي ته اها ڳئون نه ڪراڙي آهي ۽ نه وري ننڍي نيٽي وهڙي آهي، اڌڙوٽ عمر جي آهي. اوهان کي واضح هدايت ملي چڪي آهي، هاڻي بنا چون و چرا ان جي تعميل ڪريو.

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا لَوْنُهَا ۚ قَالَ إِنَّهُ يَقُولُ إِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ
فَاقِعٌ لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ۙ إِنَّ
الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ۗ وَإِنَّآ إِنْ شَآءَ اللّٰهُ لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ إِنَّهُ يَقُولُ إِنَّهَا
بَقَرَةٌ لَّا ذَلُولٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَلَا تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيْهَا ۗ قَالُوا
الْـٰٔنَ جِئْتَ بِالْحَقِّ ۚ فَذَبَحُوْهَا وَمَا كَادُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٧١﴾ ع ٨/١٨

هو (وري) چوڻ لڳا پنهنجي پروردگار وٽ اسان جي حق ۾ دعا گهر ته هو (الله) چٽو ڪري ته ان جو رنگ ڪهڙو آهي (موسىٰ عليه السلام) چيو ته اها ڳئون هيڊي ڪَڪَڙي هجي، سندس رنگ ڳوڙهو هجي، جيڪو ڏسندڙن کي وڻي وڃي. (69) هنن چيو ته پنهنجي پالڻهار وٽ اسان جي لاءِ درخواست ڪر ته هو اسان کي

صاف ٻڌائي تہ اها ڳئون ڪهڙي آهي؟ دراصل ڳئونءَ بابت اسان منجهيل آهيون. ان شاءَ الله! اسان ضرور (ان ڳئونءَ تائين) پهچي ويندا سون. (70) موسىٰ (عليه السلام) چيو تہ الله جو فرمان آهي تہ اها ڳئون اهڙي خراب ٿيل ناهي، جو ڪيتي ڪيڙيندي هجي ۽ نہ وري زمين کي (نار رستي) پاڻي پياري ٿي، پر اهڙي اعلىٰ نسل جي تندرست توانا ڳئون آهي جنهن تي ڪوبہ داغ ڌبو ناهي. هنن چيو تہ هاڻي تو پورو پورو پار پتو ڏنو آهي. پوءِ ان ڳئونءَ کي ذبح ڪيائون ۽ جيڪو ڪرڻ نہ پئي گهريائون. (71)

حڪم جي تعميل ڪرڻ بدران هڪ نئون سوال ڪڙو ڪندي چوڻ لڳا تہ پنهنجي رب کان اهو پڇي ڏي تہ هو اسان کي ٻڌائي تہ اهو جانور ڪهڙي رنگ جو آهي. موسىٰ عليه السلام وراڻيو تہ اها ڳئون ڳوڙهي سنهري ڪڪڙي رنگ جي آهي جيڪو (رنگ) ڏسندڙن کي ڏاڍو وڻي ٿو.

چوڻ لڳا تہ انهيءَ وضاحت باوجود پنهنجي رب کان وڌيڪ پڇي ڏي تہ آخر اها ڳئون آهي ڪهڙي؟ اسان اجان انهيءَ ڳئون بابت مونجهاري جو شڪار آهيون. الله ڪندو تہ اسان ضرور ان گهربل ڳئون جو پتو لهي وٺنداسون.

موسىٰ عليه السلام کين چيو تہ اها ڳئون نہ ڪڏهن هرن ۾ جوٽي وئي آهي ۽ نہ وري نار ۾ وهي ڪيت کي پاڻي پيارڻ ۾ استعمال ٿي آهي. پوري جي پوري صحيح سالم بي داغ ۽ بي عيب آهي. جڏهن ايتري قدر ڳئون جي وضاحت ڪئي وئي تہ پوءِ چيائون تہ ها هاڻي تو بلڪل ڳالهہ چٽي ڪري ڇڏي. پوءِ مجبورًا کين اها ڳئون ذبح ڪرڻي پئي توڙي ڪٽي هو سچي دل سان اهو ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ هئا. دراصل دين جي سولي سڌي حڪم ۾ خواه مخواهہ جا سوال جواب ڪري مونجهارا پيدا ڪرڻ ۽ ڪوشش ڪري اصل حقيقت کان بچڻ جي ڪوشش سندن زندگيءَ جو اصول بڻجي ويو هو. پر خداوند سندن دل کي انهيءَ بقره جي پوڄا ڪرڻ ان کي ديوتا سمجهڻ واري عقيدي کي ختم ڪرڻ لاءِ سندن هٿان بقره (ڳئون) کي ذبح ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

وَاِذۡ قَتَلۡتُمۡ نَفۡسًا فَادّٰرَءۡتُمۡ فِيۡهَا ؕ وَاللّٰهُ مُخۡرِجٌ مَّا كُنۡتُمۡ تَكۡتُمُوۡنَ ۚ﴿٧٢﴾ فَقُلۡنَا اضۡرِبُوۡهُ
بِبَعۡضِهَا ؕ كَذٰلِكَ يُحۡىِ اللّٰهُ الۡمَوۡتٰى ۙ وَيُرِيۡكُمۡ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ
قَسَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ فَهِىَ كَالۡحِجَارَةِ اَوۡ اَشَدُّ قَسۡوَةً ؕ وَاِنَّ مِنَ
الۡحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنۡهُ الۡاَنۡهٰرُ ؕ وَاِنَّ مِنۡهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخۡرُجُ مِنۡهُ
الۡمَآءُ ؕ وَاِنَّ مِنۡهَا لَمَا يَهۡبِطُ مِنۡ خَشۡيَةِ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا
تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٧٤﴾

۽ (اهو واقعو بہ ياد ڪريو) جڏهن توهان هڪ جان (شخص) کي قتل ڪيو ۽ پوءِ اوهان (هڪ ٻئي تي الزام هڻي) پاڻ ۾ جهڳڙو ڪري رهيا هيا ۽ جنهن ڳالهہ کي اوهان لڪايو ٿي، الله ان کي ظاهر ڪرڻ وارو هيو. (72) پوءِ اسان حڪم ڪيو تہ ان مردي تي ڳئونءَ جو هڪ ٽڪرو هڻو. اهڙيءَ طرح الله مئلن کي زندهہ ڪري ٿو ۽ اوهان کي پنهنجي (قدرت جون) نشانيون ڏيکاري ٿو تہ جيئن اوهان (ان مان) عقل ۽ دانش کان ڪم وٺو. (73) اهڙي وڏي واقعي کان پوءِ بہ اوهان جون دليون سخت ٿي ويون (گويا هو (سختيءَ ۾) پٿرن وانگر ٿي ويون يا ان کان بہ زياده سخت (ڇوتہ) پٿرن مان بہ ڪجهہ اهڙا آهن جن مان نهرون وهي نڪرن ٿيون ۽ يقينًا انهن مان ڪجهہ اهڙا بہ پٿر آهن جيڪي ڦاٽي پون ٿا ۽ انهن مان پاڻي نڪري اچي ٿو ۽ بيشڪ انهن مان ڪجهہ اهڙا بہ آهن جيڪي الله جي خوف کان ڪري پون ٿا. (پر افسوس اوهان جي دل تہ پٿرن کان بہ سخت آهي، جن ۾ ڪابہ نرمي ۽ حق پسندي ناهي). ۽ الله اوهان جي اعمال کان بيخبر نہ آهي. (74)

اصل قصو هن طرح ٿيو وجي ٿو تہ يهودين ۾ عاميل نالي هڪ مالدار شخص هيو، جنهن کي هڪ اڪيلو سؤٽ هيو ۽ سندس ٻيو ڪوبہ وارث نہ هيو. عاميل شاهوڪار

هو ۽ سندس سؤٽ مسڪين، بي سروسامان هيو. عاميل ڪي سندس سؤٽ انهيءَ ڪري قتل ڪيو تہ هن جو سمورو مال دولت هن ڪي ملي. هن عاميل ڪي قتل ڪري، سندس لاش ٻين جي دروازي تي اڇلائي آيو ۽ پنهنجي سؤٽ عاميل جو خون جو بدلو گهرڻ لڳو. ڳوٺ وارن هن قتل کان انڪار ڏيکاريو. معاملو منجهي پيو ۽ وڏيڪ ڳنڀير ٿي ويو، جنهن سبب نقص امن جو خطرو يقيني بڻجي پيو. ڪن تفسيرن ۾ عاميل جا وارث هڪ نياڻي ۽ هڪ سؤٽ ڄاڻايا ويا آهن. سؤٽ عاميل کي قتل ڪري، سندس نياڻيءَ سان شادي ڪري مال دولت هٿ ڪئي ۽ ٻين تي ڪوڙو الزام هڻي، معاملو سنگين ڪري ڇڏيو. جنهن ڪي ٽارڻ لاءِ چيو ويو تہ پنهنجو اهو واقعو ياد ڪريو جڏهن اوهان هڪ انسان جو قتل ڪيو ۽ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪري هڪٻئي تي قتل ڪرڻ جو الزام هڻي رهيا هئا. پر اوهان جيڪو ڪجهہ لڪائڻ ٿي گهريو الله ان کي ظاهر ڪرڻ ٿي گهريو.

ان ڪري الله پاران حڪم ٿيو تہ ذبيحه جي جسم جو ڪو حصو مقتول کي هڻو (تہ سچو قاتل پڪڙجي پوندو) پوءِ ائين ڪرڻ سان ڪنل ڳئونءَ جي جسم مان ڪجهہ ٽڪرو ڪاٽي، ان مقتول جي جسم سان لڳايو ويو تہ مقتول زندهہ ٿي پيو ۽ انبوهہ اڳيان پنهنجي قاتل جو نالو ڪنيائين ۽ وري بي جان ٿي ويو. "نَفْس" جو لفظ مذڪر ۽ مؤنث ٻنهي لاءِ اچي ٿو. هت "اِضْرِبُوْهُ" ۾ "ه" مذڪر آهي، جنهن مان مراد "نَفْس" آهي. "بِبَعْضِهَا" ۾ "هَا" جي ذڪر مان مراد ذبيحو آهي. (اضواءُ البيان) " فَقُلْنَا اضْرِبُوا الْقَتِيْلَ بِاَحَدِ اَعْضَآءِ الْبَقَرَةِ الْمَذْبُوْحَةِ " (تفسير الموسوعة القرآنية الميسرة) يعني ڳئونءَ جو ڪو بہ عضوو مقتول کي هڻو. الله تعالىٰ اهڙي طرح مئلن کي زندهہ ڪري انهن جي واتان قاتل پڪڙائي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اوهان کي پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جون چنيون نشانيون ڏيکاري ٿو تہ اوهان عقلمنديءَ کان ڪم وٺندي سڌي راهہ اختيار ڪريو. هن واقعي کي اڳتي پوئتي يعني تقديم کي تاخير ۽ تاخير کي تقديم ڪرڻ ۾ اها مصلحت آهي تہ هُت قصو بيان ٿي رهيو آهي، پر هِت هڪ واقعو آهي، جيڪو الله جي حڪمت ۽ نعمت سان پيش ٿيو آهي.

اهڙين عبرت آموز نشانين جي باوجود سڌرڻ بدران اوهان جون دليون پٿر جهڙيون سخت ٿي ويون يا چئجي تہ پٿرن کان بہ وڌيڪ سخت ٿي ويون. يعني جڏهن انسان جي دل گناهہ ۾ زنگ آلود ٿي وڃي ٿي ۽ مٿس "خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ" جي مهر ثبت ٿئي

ٿي، تہ ان جو سڌرڻ ناممڪن آهي. اها سختي پٿرن جي سختيءَ ڪان بہ وڌيڪ آهي، ڇو تہ پٿرن جا ڪيترائي اهڙا پهاڙ آهن، جن مان نهرون (نديون) وهي نڪرن ٿيون. پر ڪي اهڙا بہ جبل آهن (جن مان نديون تہ وهي نٿيون نڪرن) پر انهن جي ڦاٽي پوڻ سان پاڻيءَ جا ريلا وهي نڪرن ٿا. وري ڪي اهڙا بہ جبل آهن، جيڪي الله جي حڪم سان نرم ٿي ريزه ريزه ٿي ويندا آهن، پر اوهان جون دليون انهن جبلن ۽ پٿرن ڪان بہ وڌيڪ سخت آهن. (الحديد 16/57، الحشر: 21/59) پر ياد رکو تہ الله اوهان جي انهن ڪڌن ڪرتوتن ڪان بلڪل غافل نہ آهي. جيڪو الله هن مئل کي زنده ڪري سگهي ٿو، اهو اوهان سڀني کي مرڻ بعد زنده ڪندو، ان ڪري هوش ڪان ڪم وٺو.

ياد رکڻ گهرجي تہ بعض تفسيرن ۾ ڪنل ڳئونءَ جو ٽڪرو لاش کي هڻڻ يا لاش جي جسم جو بعض ٽڪرو لاش کي هڻڻ بہ آيو آهي. مردن کي زنده ڪرڻ جا اهڙا پنج مثال سورة البقره ۾ ئي آهن. البقره آيت 56، آيت 73، آيت 243، آيت 259 ۽ آيت 260.

اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ يُّؤْمِنُوْا لَكُمْ وَقَدْ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۷۵﴾ وَاِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚۖ وَاِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ قَالُوْٓا اَتُحَدِّثُوْنَهُمْ بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ۭ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۷۶﴾ اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿۷۷﴾

(اي مسلمانؤ!) ڇا اوهان اها اميد رکو ٿا تہ هي (يهودي) اوهان جي ڳالهہ مڃي ويندا جڏهن تہ حال هي آهي تہ انهن مان هڪ ٽولي جا ماڻهو اهڙا بہ آهن، جو اهي الله جو ڪلام (توريت) ٻڌن ٿا ۽ ان جي سمجهڻ ڪان بعد پاڻ تبديل ڪري ڇڏين ٿا ۽ کين معلوم آهي تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن. (75) ۽ هو جڏهن مؤمنن سان ملن ٿا تہ چون ٿا تہ اسان بہ (اوهان وانگر (حضرت محمد مصطفیٰ خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ تي) ايمان

آندو آهي. وري جڏهن هو پاڻ ۾ اڪيلائيءَ ۾ هوندا آهن تہ پنهنجو پاڻ کي چون ٿا تہ ڇا جيڪا ڳالهہ اوهان تي الله کولي بيان ڪئي آهي، نبي آخر زمان (حضرت محمد مصطفیٰ خاتم النبيين صلی الله عليه وآله وسلم جي شان ۾) اها اوهان هنن کي ٻڌايو ٿا تہ جيئن هو اوهان جي خلاف الله وٽ حجت قائم ڪري سگهن. ڇا اوهان کي ايترو عقل بہ نہ آهي. (76) ڇا هنن (يهودين) کي اها خبر ناهي تہ هو جو ڪجهہ لڪائي رکن ٿا يا ظاهر ڪن ٿا اهو الله کي معلوم آهي. (77)

گذشتہ واقعن ۽ حالتن مان يهودين جون دليون حق تعالیٰ جي انعامات ۽ احسانات سبب نرم ٿي وڃن ها، پر "بسا آرزو که خاک شدند" ڪيترين ئي آرزوئون ۽ خواهشون خاڪ ۾ ملي وڃن ٿيون. سو يهودين جي شقاوت قلبي ڪين ايمان جي ويجهو اچڻ کان بہ روڪيو هيو ۽ مسلمان توڙي حضور اڪرم خاتم النبيين صلی الله عليه وآله وسلم اميدون لڳايون ويٺا هئا تہ هو ايمان آڻيندا، پر سندن دليون پٿرن کان بہ سخت ٿي ويون هيون، جن جا پنج گروهہ نظر اچن ٿا. ٻن گروهن جو ذڪر آيت نمبر 75 کان 77 تائين آهي، باقي ٽن گروهن جو ذڪر آيت نمبر78 کان 82 تائين آهي. هت پهريون گروهہ تحريف ڪندڙن جو آهي، جيڪي تورات جي حقيقي تعليم ۾ پنهنجن مفادن خاطر گهٽ وڌائي ڪندا هئا. ٻيو گروهہ اهو هو، جيڪي مؤمنن سان ملندا هئا تہ ايمان جي دعویٰ ڪندا هئا ۽ بعد ۾ چوندا هئا تہ مسلمانن سان اهي ڳالهيون نہ ڪريو، جيڪي حق آهن. اهي ان کي اوهان خلاف حجت طور پيش ڪندا. پر حقيقت اها آهي تہ بني اسرائيل جي بي حسي ۽ بي راهہ روي انهيءَ حد تي پهچي چڪي هئي، جو هو ڪنهن بہ عبرت آميز واقعي مان سبق حاصل ڪرڻ کان محروم هئا. نہ رڳو ايترو پر ڪتاب الٰهي جي واضح احڪامن کي هو نظرانداز ڪري پنهنجون تاويلون ۽ تشريحون پيش ڪندا هئا. هت نبي اڪرم خاتم النبيين صلی الله عليه وآله وسلم ۽ مسلمانن کي خطاب ڪندي چيو ويو آهي تہ ڇا اوهان انهن ماڻهن مان اها اميد رکو ٿا تہ اهي اوهان جي ڳالهہ (نصيحت) مڃي حق ۽ سچائيءَ جو رستو اختيار ڪندا، حالانڪ هنن مان ڪجهہ ماڻهو اهي آهن، جيڪي ڪلام الٰهي کي ٻڌن ٿا ۽ ان کي سمجهن ٿا ۽ ڄاڻي ٻجهي ان ۾ تحريف ۽ تاويل ڪري پنهنجي مرضي ۽ منشا جا مطلب ڪڍي خلق خدا کي گمراهہ ڪن ٿا.

هن علماء ۽ مشائخ جي گروهه کان علاوه هڪ ٻيو گروهه اهڙو آهي، جو انهن جو هڪ رخ هي به آهي ته هو جڏهن مؤمنن سان ملن ٿا ته ڪين چون ٿا ته اسان اوهان وانگر ايمان آڻڻ وارا آهيون، (البقره: 14/2) پر جنهن وقت اڪيلائيءَ ۾ هو پنهنجو پاڻ ۾ ملن ٿا ته هو هڪ ٻئي کي چون ٿا ته ڪتاب الٰهي توريت مان جيڪو ڪجهه اوهان ڄاڻو ٿا ان کي هنن (مؤمنن) تي ظاهر ڪري ڪين موقعو فراهم ڪيو ٿا ته هو اوهان جي خلاف الله وٽ انهن ڳالهين کي ثبوت طور پيش ڪن ته هنن خبر هوندي به انڪار ڪيو آهي. ڇا اوهان ايترو به نٿا سمجهي سگهو. مگر افسوس آهي هنن عقل جي انڌن تي ته الله سندن هر حال کان واقف آهي. خدا کان ڪا به شيءِ ڳجهي ناهي. اوهان جو ڪجهه ظاهري طور ڪيو ٿا يا ڳجهه ڳوهه ۾ ڪرڻ گهرو ٿا ته ڪنهن کي ان جي خبر نه پوي، پر الله کي هر شيءِ جو پورو پورو علم آهي. سورة الملڪ: 13/67 ۾ آهي: ”وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ“ اوهان ڳجهيءَ طرح گفتگو ڪريو يا ظاهريءَ طور ڳالهايو، سڀ الله ڄاڻي ٿو. ”يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ ۝“ (المؤمن: 19/40) هو اوهان جي اکين جي خيانت واري نظر کي به ڄاڻي ٿو ته اوهان جي سينن جي راز کان به واقف آهي. اهڙيءَ طرح سوره لقمان: 16/31 ۾ آهي: ”اِنَّهَآ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ“ سرنهن جو داڻو پهاڙن جي غارن ۾ پيل هجي، يا آسمانن ۽ زمين ۾ پيل هجي، ته اهو به الله جي علم کان ٻاهر نه آهي. (البقره: 284/2)

النصف

وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ۝٧٨ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ۗ ثُمَّ يَقُوْلُوْنَ هٰذَا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ ۝٧٩

۽ انهن (يهودين) ۾ (ڪجهه) اڻ پڙهه به آهن، جن کي ڪتاب (توريت) جو علم ناهي، سواءِ بي بنياد آرزوئن جي. اهي رڳو وهم و گمان ۽ ٻڌ شڌ جي ڳالهين

۾ رهن ٿا. (78) پوءِ اهڙن ماڻهن لاءِ هلاڪت ۽ بربادي آهي، جيڪي ڪتاب (تورات) پنهنجي هٿن سان ڦيرائي گهيرائي) لکن ٿا ۽ چون ٿا تہ اهو الله جي طرفان آهي تہ جيئن هو ان عوض حقير (ٿورڙي) قيمت وصول ڪن، پوءِ انهن لاءِ بربادي آهي انهن جي هٿن جي لکڻ جي سبب ۽ انهن لاءِ بربادي آهي ڪمائن جي ڪري. (79)

---

هنن يهودين جو ٽيون گروهہ اهو آهي، جيڪو اهل ڪتاب هوندي بہ ڪتاب جي تعليم کان محروم آهي. انهن ۾ اهي ماڻهو بہ موجود آهن، جيڪي اڻ پڙهہ ۽ جٽ آهن، ڪتاب الٰهي جو پاڻ علم نہ رکن رڳو پنهنجي خواهش، وهمن ۽ گمانن ۾ گرفتار رهن ٿا، ڪين حق ۽ سچائي جو ذرا ير علم ناهي. پر حق ۽ سچائي بيان ڪرڻ بدران مفادپرست علماء ۽ مشائخ جا پيروڪار آهن ۽ غلط روايتن جا زوردار حامي آهن.

هي چوٿون گروهہ آهي، انهن جاهل ماڻهن جو، جن کان وڌيڪ تباهي ۽ بربادي انهن عالمن جي حصي ۾ آهي، جيڪي شريعت جي حڪمن کي پنهنجي خواهش ۽ مرضيءَ موجب وضع ڪن ٿا ۽ پوءِ انهن جاهل ۽ اڻپڙهہ ماڻهن کي ٻڌائين ٿا تہ اهي الله جا احڪام آهن ۽ اهڙي طرح هو ڪوشش ڪن ٿا تہ انهيءَ جي بدلي ۾ هو دنياوي فائدا حاصل ڪن. جيڪا درحقيقت هڪ اڻ مول دولت جي بدلي نهايت حقير ۽ ناچيز قيمت آهي. پوءِ تباهي ۽ بربادي، حسرت ۽ هلاڪت آهي، انهن هٿن جي، جن سان هنن اهي خودساختہ تاويلون ۽ تحريفون ڪيون ۽ افسوس صد افسوس آهي، اهڙي ڪمائيءَ تي جيڪا هو هن ڪڌي ڪم ذريعي حاصل ڪن ٿا.

جنهن سناسي سانديو گندي ۽ گراهہ
انهيءَ کان الله، اجان آڳاهون ٿيو.

گولا جي گراهہ جا، جونا سي جوڳي
قتل سي قوڳي، جن شڪم سانديا. (شاهہ)

وَقَالُوا لَن تَمَسَّنَا النَّارُ إِلَّا أَيَّامًا مَّعْدُودَةً ۚ قُلْ أَتَّخَذْتُمْ عِندَ اللَّهِ عَهْدًا
فَلَن يُخْلِفَ اللَّهُ عَهْدَهُ ۖ أَمْ تَقُولُونَ عَلَى اللَّهِ مَا لَا تَعْلَمُونَ ﴿٨٠﴾ بَلَىٰ مَن كَسَبَ
سَيِّئَةً وَأَحَاطَتْ بِهِ خَطِيئَتُهُ فَأُولَٰئِكَ أَصْحَابُ النَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٨١﴾
وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٨٢﴾ ع

اهي (يهود) اهو بہ چون ٿا تہ اسان کي (دوزخ جي) باھ بہ چار ڏينهن کان سواءِ هرگز ڇُهي نہ سگهندي. هنن کان پڇا اهو تہ پڇو تہ ڇا هو الله کان ڪو اهڙو وعدو وٺي چڪا آهن تہ پوءِ الله پنهنجي وعدي جي پڄڪڙي ڪونہ ڪندو. يا اوهان الله تي (اهڙو) بهتان هڻي رهيا آهيو، جنهن جي اوهان کي خود خبر نہ آهي.(80) ها واقعي جنهن بہ برائي اختيار ڪئي ۽ سندس گناهن هن کي هر طرف کان گهيري ورتو تہ اهي ماڻهوئي دوزخي آهن ۽ ان ۾ هميشه هميشه رهندا. (81) ۽ جيڪي ماڻهو مشرف بايمان ٿيا ۽ (انهن) چڱا ڪم ڪيا تہ اهي ماڻهوئي جنتي آهن ۽ ان ۾ هميشه هميشه رهندا. (82)

هي پنجون گروھ آهي، جن ۾ ڪجھ يهودي دعوىٰ ڪن ٿا تہ اسان کي دوزخ جي باھ ڇُهي بہ نہ سگهندي، ڇو تہ اسان جي يهودي قوم خدا پاران نجات يافتہ آهي، پر جيڪڏهن دوزخ جي باھ ۾ وڌا بہ ويا سون تہ اهو گهڻي وقت لاءِ نہ، پر رڳو چند ڏينهن لاءِ هوندو، اهو بہ انهيءَ ڪري تہ اسان جي گناهن جي مرمير صاف ٿي وڃي يا سندن خيال هو تہ اسان جو سفارشي اسان کي اچي ڇڏائي وٺي ۽ پوءِ هميشه هميشه لاءِ بهشت ۾ داخل ٿي ويندا سون. ياد رکو تہ ڪا بہ قوم بحيثيت قوم خدا جي پسنديده ۽ پياري نہ هوندي آهي ۽ نہ وري خدا وٽ ڪنهن جي سفارش هلندي آهي. ها اوهان جيڪا دعوىٰ ڪري رهيا آهيو، ان جو خدا کان ڪو لکت ۾ عهد و اقرار ورتل آهي جو الله ان جي خلاف نہ ويندو يا الله تي اهڙو بهتان مڙهي رهيا آهيو جنهن جو اوهان کي ڪجھ علم ناهي.

انسانن جي نجات جو ذريعو قوميت يا سفارش نہ، پر سندن عمل ۽ ڪردار تي دارومدار رکي ٿو. خدا جو قانون آهي تہ جنهن ماڻهو بہ برائي ڪئي ۽ هو گناهن ۾ گهريل رهيو تہ اهو دوزخي ٽولي مان آهي ۽ هميشه هميشه لاءِ سندس ٺڪاڻو دوزخ آهي، پر جيڪو ماڻهو ايمان جي دولت سان مالامال آهي ۽ نيڪ عملن جو اثاثو رکي ٿو تہ اهڙا اصحاب ئي جنتي ماڻهو آهن ۽ اهي هميشه هميشه لاءِ جنت جا مزا ماڻيندا رهندا.

هنن آيتن ۾ قانون الٰهي بيان ڪيو ويو آهي تہ يهودين کي سندن اعمالنامن جي پاداش ۾ جهنم جي باهہ ۾ هميشہ هميشہ رهڻو پوندو. هنن جي خوشفهمي ۽ خوش خيالي بي سود ۽ بي نتيجه آهي. پر جيڪي ماڻهو صدق دل سان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيندا، چڱا ڪم ڪندا، الله جا حق ۽ انسانن جا حق ايمانداريءَ سان بجا آڻيندا، تہ انهن لاءِ جنت جي بشارت آهي ۽ اهي ئي جنت ۾ دائمي سڪونت جا حقدار هوندا. ان ڪري مسلمانن کي گهرجي تہ اهي بہ مسلمانيءَ جي دعوىٰ ڪرڻ بدران نيڪ عمل تي زور ڏين، جنهن طرف حضور اڪرم خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اشارو ڪيو آهي تہ منهنجي امت تي بہ اهو وقت اچڻ وارو آهي، جهڙيءَ طرح اسرائيل تي گذري چڪو آهي. الله تعالىٰ مسلمانن کي اهڙيءَ گمراهيءَ کان محفوظ رکي. آمين

وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ لَا تَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ قف وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا
وَّذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَقُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا وَّاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا
الزَّكٰوةَ ط ثُمَّ تَوَلَّيْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْكُمْ وَاَنْتُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٨٣﴾ وَاِذْ اَخَذْنَا مِيْثَاقَكُمْ
لَا تَسْفِكُوْنَ دِمَآءَكُمْ وَلَا تُخْرِجُوْنَ اَنْفُسَكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ ثُمَّ اَقْرَرْتُمْ
وَاَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿٨٤﴾

۽ ياد ڪريو جڏهن اسان بني اسرائيل کان اهو عهد ورتو هيو تہ اوهان الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت ڪونہ ڪندا ۽ ماءُ پيءُ سان سٺو برتاءُ رکندا ۽

قريبي رشتيدارن، يتيمن ۽ محتاجن سان به (ڀلائي ڪندا) ۽ ماڻهن سان به
نيڪيءَ واري سني گفتگو ڪندا نماز قائم رکندا ۽ زڪواة ڏيندا رهندا ته پوءِ
اوهان مان ڪجهه ماڻهن کانسواءِ ٻيا سڀ (هن عهد و اقرار) کان ڦري ويا ۽
اوهان حق کان ڦري وڃڻ وارا آهيو. (83) ۽ جڏهن اسان اوهان کان اهو پڪو وعدو
ورتو ته اوهان پنهنجو پاڻ ۾ (قتل و غارت ڪري) خون نه وهائيندا نه وري
پنهنجن ماڻهن کي سندن گهرن ۽ ديس مان جلاوطن ڪري ڇڏيندا. اوهان اهڙو
عهد اقرار به ڪيو ۽ اوهان پاڻ شاهدي ڏيو ٿا. (84)

هن کان اڳ يهودين جي باطل عقيدي ۽ فاسد خيالن جي ترديد ڪئي وئي آهي ته اسان انبياء جو اولاد ۽ الله جي پياري قوم آهيون، جهنم جي عذاب کان يهود هجڻ سبب محفوظ آهيون. ڪين هت ٻڌايو ويو آهي ته يهودين جي اها خام خيالي ڪنهن به طرح ڪم نه ايندي. ڪين معلوم هئڻ گهرجي ته نجات جو ذريعو هن ۾ آهي ته هڪ الله کي پنهنجو معبود ڪجي، جنهن سان ڪنهن کي به شريڪ يا مد مقابل نه ڪيو وڃي. الله جي وحدانيت تي پختو يقين رکڻ بعد مخلوق ۾ والدين سان احسان وارو رويو اختيار ڪجي، ڪين "اف" به نه چئجي. والدين ڪافر آهن، ته به قابل احترام آهن. انهن جون ضرورتون پوريون ڪريو. ان بعد قريبي رشتيدار ۽ قوم جي ٻين مستحق ۽ محروم طبقن جي خيرخواهيءَ کي خدا جو فرض سمجهي ادا ڪيو، جنهن لاءِ هي حڪم آهي ته اهو وقت ياد ڪريو جڏهن اسان بني اسرائيل کان عهد ورتو هو. اهو عهد هي نه هيو ته اوهان جو ڪجهه به ڪندا رهو ته اوهان کان ڪو پڇاڻو ڪو نه ٿيندو، پر اهو هي عهد هيو ته الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت نه ڪجو ۽ ماءُ پيءُ سان احسان جو رشتو رکجو. قريبي مائٽن سان نيڪي ڪجو. حديث شريف ۾ آهي ته غريب رشتيدار سان احسان ڪرڻ جو ٻيڻو ثواب آهي. هڪ صدقي جو اجر ۽ ٻيو صله رحميءَ جو اجر. يتيمن مسڪينن جي سار سنڀال لهجو ۽ سيني انسانن سان سٺا ٻول ٻولجو. نماز قائم ڪجو ۽ زڪوات ادا ڪندا رهجو. هي هيون بنيادي شيون جن جي ادائگيءَ جو اوهان کان عهد اقرار ورتو ويو هو. چند ماڻهن کانسواءِ باقي اوهان جي وڏي اڪثريت انهي عهد و اقرار ڪيل راهه کي ڇڏي الٽو رستو اختيار

ڪيو ۽ سچ ۽ حق ڪان منهن موڙي ڇڏيو. اوهان کي اهو به ياد آهي ته جڏهن اسان اوهان ڪان اهو عهد به ورتو هو ته پاڻ ۾ وڙهي خونريزي نه ڪجو ۽ نه وري پنهنجن ماڻهن کي جلاوطن ڪجو. اوهان اڄ به اها ڳالهه تسليم ڪيو ٿا ۽ ان جي گواهي به ڏيو ٿا ته واقعي اوهان اهو عهد ڪيو هو. جڏهن دين جو اصل روح ختم ٿي ويندو آهي ته پوءِ ماڻهو دين جا اصول ۽ احڪام ڇڏي، پنهنجي خام خيالن ۽ باطل خواهشن کي دينداري جو نالو ڏئي ڪوڙي زندگي اختيار ڪندا آهن. جنهن به قوم يا امت جو اهو حال هوندو آهي ته ان جو انجام به اهو ئي ٿيندو، جيڪو هت بيان ٿي رهيو آهي:

انسان تي سڀ ڪان اول حقوق الله آهن، جنهن ۾ خدا جي وحدانيت تي يقين ڪرڻ، ان کي معبود سمجهڻ، هن ڪائنات جو اڪيلو خودمختار، صاحبِ اقتدار پروردگار سمجهڻ. بعد ۾ حقوق العباد جو ذڪر آهي، جن ۾ سڀ ڪان اول والدين جي فرمانبرداري، همدردي، احسانمنديءَ جو رويو اختيار ڪرڻو آهي. والدين به خالق مجازي آهن، جن کي ڪنهن به قسم جو ايذاءُ يا اهنج جهنم جي نويد آهي. خوشقسمت اهي انسان آهن، جن والدين جي محبت سان خدمت ڪئي. ان بعد باقي رشتيدار محروم ۽ معذور طبقا آهن، جن جي ڀلائي، خيرخواهي ۽ امداد فرضِ خداوندي آهي. ان بعد اقامت صلواة ۽ اداءِ زڪواة جهڙن دين اسلام جي ٿنڀن جو ذڪر آهي. انسان جي ناحق خون وهائڻ ڪان سختيءَ سان روڪيو ويو آهي. (البقره: 177/2، البقره: 220/2، النساء: 36/4- 29، بني اسرائيل: 17/ 23 ڪان 39، العنڪبوت: 29/ 8، لقمان: 15/31 ڪان 21، الاحقاف 15/46، الذاريات: 9/51 ڪان 14، الفجر: 89/ 19-20، البلد: 90/ 16-14) هنن احڪامن تي هلڻ سان ئي انفرادي ۽ معاشري جي اجتماعي فلاح و بهبود ڪري سگهجي ٿي. باقي يهودين جي باطل دعوائن، عقيدن سان ڪجهه حاصل نه ٿيندو.

ثُمَّ اَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ تَقْتُلُوْنَ اَنْفُسَكُمْ وَ تُخْرِجُوْنَ فَرِيْقًا مِّنْكُمْ مِّنْ دِيَارِهِمْ ز
تَظٰهَرُوْنَ عَلَيْهِمْ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ط وَاِنْ يَّاْتُوْكُمْ اُسٰرٰى تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ
مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ط اَفَتُؤْمِنُوْنَ بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَتَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ج فَمَا
جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ج وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ

يُرَدُّوْنَ اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ۭ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ
اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۡ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَلَا هُمْ
يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع ١٠

پوءِ اهي اوهان ئي آهيو، جيڪي پنهنجن کي قتل ڪن ٿا ۽ پنهنجن جي ئي هڪ ٽولي کي انهن جي گهرن کان جلاوطن ڪن ٿا ۽ انهن جي خلاف گناهہ ۽ زيادتيءَ ۾ (سندن دشمنن) جي مدد ڪن ٿا پر جيڪڏهن اهي اوهان وٽ قيدي ٿي اچن ٿا تہ انهن جو (کين آزاد ڪرڻ لاءِ) فديو (چٽي يا ڏنڊ) ڏئي آزاد ڪرايو ٿا، حالانڪ هنن جي وطن کان نيڪالي بہ اوهان تي حرام ڪئي وئي هئي. ڇا اوهان ڪتاب (تورات) جي ڪجهہ حصن تي ايمان رکو ٿا ۽ ڪجهہ حصن جو انڪار ڪريو ٿا. پوءِ جيڪوبہ شخص ائين ڪري ان جي ڪهڙي سزا هئڻ گهرجي. ها انهن لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ ذلت، رسوائي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن بہ (اهڙا ماڻهو) سخت ترين عذاب ڏانهن ڌڪيليا ويندا ۽ الله اوهان جي اهڙين ڪارگذارين کان غافل نہ آهي. (85) هي اهي ماڻهو آهن، جن آخرت جي بدلي ۾ دنيا جي زندگي خريد ڪئي آهي. پوءِ نہ انهن تي عذاب هلڪو ڪيو ويندو ۽ نہ سندن ڪا مدد ڪئي ويندي. (86)

اوهان حقوق الله ۽ حقوق العباد جو خيال رکڻ ۾ ناڪام ويا ۽ عهد ڪرڻ جي باوجود پنهنجي پراڻي عادت موجب عهدشڪني ڪري الله جي نافرمانيءَ جا مرتڪب ٿيا آهيو. الله ۽ ان جي رسولن جي تعليم ڏانهن ڪفر ۽ انڪار جو رويو رکيو. اوهان جي هن بداعمالي ۽ عهدشڪنيءَ سبب دنيا جي ذلت ۽ خواري، آخرت جي عذاب جي سزا مقرر ٿي. ڪنهن کي ناحق قتل ڪرڻ يا ملڪ نيڪالي ڏيڻ کان سختيءَ سان روڪيو ويو هو،

پر افسوس جو اهڙي صاف ۽ محڪم قول و اقرار کان بعد بہ اوهان هڪبئي جي قتل ۽ خون ريزي ۾ رڌل آهيو ۽ زور زبردستي ڪري ڪمزور ۽ بي پهچ ماڻهن کي پنهنجي ڏيهہ (بستيءَ) مان نيڪالي ڏيو ٿا. اهڙي گندي ۽ ظالمانہ عمل جي مجرمن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران غريبن ۽ بيواهن جي خلاف ظلم ۽ زيادتي ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ٿا، جنهن سان سرڪشي ۽ ڏاڍ ڪندڙن جي حوصلا افزائي ۽ ڪمزور ۽ هيٺن جي حوصلا شڪني ٿئي ٿي، جڏهن اوهان جا اهي نيڪالي ڏنل ماڻهو دشمنن وٽ قيدي ٿي پون ٿا تہ اوهان فديو ڏئي انهن کي آزاد ڪرايو ٿا ۽ سمجهو ٿا تہ اوهان شريعت موجب وڏو ڪار خير ڪيو آهي. حالانڪ انهن قيدي ماڻهن کي سندن گهرن مان جلاوطن ڪرڻ هڪ سنگين ڏوهہ هيو، جنهن جي اوهان کي سختي سان منع ٿيل هئي. اهو انهيءَ ڪري آهي جو اوهان ڪتاب الٰهي جي ڪجهہ حصي کي مڃو ٿا ۽ ڪجهہ حصي کي مڃڻ کان انڪار ڪريو ٿا. اهو سڀ ڪجهہ اوهان پنهنجن ذاتي مفادن ۽ ريتن رسمن طور ڪريو ٿا. پوءِ جن ماڻهن جا اهڙا افعال آهن، انهن کي مڪافات عمل ۾ دنيا اندر ذلت ۽ خواري کان سواءِ ڇا ملندو ۽ قيامت جي ڏينهن انهن لاءِ سخت کان سخت عذاب هوندو ۽ نہ وري ڪين ڪٿان مدد ملي سگهندي. ياد رکو الله اوهان جي اعمال کان بي خبر ناهي.

يقينًا هي اهي ماڻهو آهن جن ذاتي عيش و عشرت واري دنياوي زندگيءَ جي عيوض آخرت جي سرفرازي ۽ ڪاميابي واري زندگيءَ جو سودو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن ماڻهن جي فلاح ۽ نجات جي ڪا بہ اميد باقي نٿي رهي، انهن لاءِ ئي درد ناڪ عذاب آهي، جنهن ۾ ڪا بہ ڪمي ڪو نہ هوندي ۽ نہ وري ڪنهن بہ قسم جي سندن مدد ٿي سگهندي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَقَفَّيْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ؗ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ
مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ اَفَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا
لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ۚ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ؗ وَفَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾ وَقَالُوْا
قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾

۽ بيشڪ اسان موسىٰ (عليه السلام) کي ڪتاب (تورات) عطا ڪيو ۽ ان کان پوءِ اسان هڪ ٻئي پٺيان (ڪيترائي) پيغمبر موڪليا ۽ اسان مريم (عليها السلام) جي فرزند عيسىٰ (عليه السلام) کي ٻه چٽيون چٽيون آيتون عطا ڪيون ۽ اسان روح القدس (پاڪ روح) جي ذريعي ان جي تائيد ۽ مدد ڪئي. پوءِ ڇا ٿيو ته ڪو به (خدا جو) پيغمبر اوهان وٽ اهڙو حڪم کڻي آيو جيڪو اوهان جي خواهش نفس جي خلاف هيو ته پوءِ اوهان تڪبّر ڪيو ۽ ڪجهه (پيغمبرن) کي اوهان ڪوڙو ڪوٺيو ۽ ڪجهه کي قتل ڪيو. (87) ۽ يهودين چيو ته اسان جي دلين تي غلاف (پردا) پيل آهن. (حقيقت اها ناهي) پر هنن جي انڪار ڪرڻ سبب الله (تعالىٰ) انهن تي لعنت ڪئي. هي تمام ٿورو ايمان رکن ٿا (يا انهن مان ٿورڙا ايمان رکن ٿا). (88)

---

اسان اوهان جي هدايت لاءِ موسىٰ عليه السلام کي ڪتاب (توريت) ڏنو ۽ ان بعد هڪ ٻئي پٺيان نبين جي اچڻ جو سلسلو جاري رکيو، آخر ۾ عيسىٰ عليه السلام پٽ مريم کي چٽا دليل ۽ روشن آيتون ڏئي موڪليو ۽ اسان سندس روح القدس (جبرائيل عليه السلام، جنهن کي روح الامين به چون ٿا) جي ذريعي تائيد ڪئي، پر اوهان انبياء جي انهيءَ پوري سلسلي جي هدايت ۽ رهبري مان ڪو به فائدو حاصل نه ڪيو. الٽو ائين ٿيو ته جڏهن به ڪو رسول سچورو دعوت الٰهي جو پيغام کڻي آيو، جيڪو اوهان جي ذاتي مفادن ۽ نفساني خواهشن جي خلاف هيو ته اوهان ان جي خلاف تڪبر ۽ غرور جو مظاهرو ڪيو. انهن مان ڪن کي ڪوڙو قرار ڏنو، ڪن کي ناحق قتل ڪري ڇڏيو. اوهان جو اهو انڪار، هٺ ڌرمي ۽ سرڪشيءَ واري روش اڄ به جاري آهي.

قرآن جي نصيحت آموز بيان تي غور و فڪر ڪرڻ بدران هنن جو اهو حال آهي جو چون ٿا ته اسان جي دلين تي غلاف ۽ پردا پيل آهن. (حٰم السجده: 5/41) ان ڪري هن ڪتاب جو اسان تي ڪو به اثر ٿي نٿو سگهي. (البقره: 7/2-6) انهي حق جي انڪار سبب الله طرفان مٿن دائمي ملامت ۽ ڦٽڪار آهي، جنهن ڪري سندن حق ٻڌڻ ۽ ان تي غور ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي آهي ۽ قرآن جي هن هدايت ڀري دعوت کي پوريءَ

طرح قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. هو ڪجهہ شين کي مڃين ٿا، پر ڪجهہ جو انڪار ڪن ٿا. مثلاً خدا جا قائل هيا. قيامت، جنت ۽ دوزخ جا بہ قائل هيا، پر محمد ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ جي نبوت ۽ قرآن ڪريم کي مڃڻ کان انڪاري هيا. ان ڪري سندن اهو اڌ ڳيڌو ايمان قبول نہ هيو. (يونس: 15/10، هود: 113/11، بني اسرائيل: 17/74-73-72، القلم 9/68) يا انهن مان ٿورڙا ماڻهو آهن، جيڪي ايمان قبول ڪن ٿا. يعني ايمان ٿورڙي مقدار ۾ قبول ڪن ٿا يا ٿورڙي تعداد ۾ قبول ڪن ٿا.

وَلَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمْ ۙ وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ
يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚۖ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۚ فَلَعْنَةُ
اللّٰهِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٩﴾ بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ اَنْ يَّكْفُرُوْا بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ
بَغْيًا اَنْ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوْ بِغَضَبٍ
عَلٰى غَضَبٍ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩٠﴾

۽ جڏهن هنن وٽ الله جي طرفان اهو ڪتاب (قرآن) آيو جيڪو ان ڪتاب (تورات) جي تصديق ڪندڙ آهي، جيڪو هنن وٽ موجود آهي، حالانڪ هن کان اڳ هو پاڻ (نبي آخر زمان حضرت محمد مصطفىٰ خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ ۽ ان تي نازل ڪيل ڪتاب (قرآن) جي وسيلي سان) ڪافرن تي فتحيابيءَ جون دعائون گهرندا هيا. سو هاڻي جڏهن انهن وٽ اهو نبي (حضرت محمد مصطفىٰ خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ قرآن سميت) تشريف فرما ٿيو آهي، جنهن کان هو اڳ واقف هئا تہ ان جا انڪاري ٿي ويا آهن. اهڙي (ڄاڻ رکندڙ) انڪار ڪندڙن تي الله جي لعنت آهي.(89) هنن پنهنجو پاڻ وڪڻي ڪهڙو نہ خراب سودو ڪيو آهي، جو هو الله جي طرفان نازل ٿيل ڪتاب (قرآن) جو انڪار ڪري رهيا آهن رڳو انهيءَ حسد

۽ ساڙ ۾ ته الله پنهنجي فضل سان پنهنجي ٻانهن مان جنهن تي به گهري وحي ڪري ڇڏي ٿو. ان ڪري هو غضب در غضب يعني (ٻيڻي غضب) جا حقدار ٿيا ۽ (واقعي) ڪافرن لاءِ ذلت ڀريو عذاب آهي.(90)

سندن هدايت لاءِ جڏهن الله پاران ڪتاب (قرآن ڪريم) نازل ٿيو، جيڪو ان ڪتاب جي سچائي ۽ خدا طرفان نازل هجڻ جي تصديق ڪري ٿو، جيڪو ڪتاب (تورات) انهن وٽ اڳ ۾ موجود آهي، جنهن ۾ هن ڪتاب جو ذڪر به موجود آهي ۽ هن ڪتاب جي نازل ٿيڻ کان اڳ بارگاهه الٰهي مان هن ڪتاب (قرآن) جي اچڻ جون دعائون به گهرندا هئا ته جيئن هو ڪافرن تي پنهنجي برتري ۽ غلبو ثابت ڪري سگهن پنهنجي فتح و نصرت جو ڏاڪو ڄمائي سگهن ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي اسم مبارڪ ۽ قرآن جو حوالو ڏئي فتح و نصرت جي دعا گهرندا هئا. ڪين اهو معلوم هوندي ته هي الله طرفان نازل ٿيو آهي ۽ اهو ئي ڪتاب آهي، جنهن جون دعائون گهرندا هئاسون پوءِ به ان جو صاف صاف انڪار ڪري وينا. ان ڪري اهڙن ماڻهن تي جيڪي ڄاڻي ٻجهي انڪار ڪن، خدا جي لعنت آهي ۽ اهي فلاح ۽ نجات کان محروم آهن. (النساء: 166/4، 82، يونس: 38/10، هود: 13/11، بني اسرائيل: 17/88-82، الزمر: 39/ 27، حٰم السجده: 41/41، الحشر: 21/59)

هي ڪيڏي نه بدبختي آهي جو هنن پنهنجي زندگين جي فلاح ۽ ڀلائي جو سودو خسيس شيءِ عيوض ڪري ڇڏيو جو حسد، بغض ۽ ڪيني جي ڪري الله پاران نازل ڪيل ڪتاب (قرآن) جي سچائي جو انڪار ڪري وينا ۽ چوڻ لڳا ته ڪتاب ته رڳو اسان (يهودين) تي نازل ٿي سگهي ٿو. هن رسول (ﷺ) تي ڪيئن نازل ٿيو. جڏهن ته هي بني اسرائيل يعني حضرت اسحاق عليه السلام جي اولاد مان نه آهي. هينئر تائين به هزار سالن کان نبوت جو سلسلو بني اسرائيل يعني حضرت اسحاق عليه السلام واري نسل کان رهيو آهي. هاڻي ايڏي وڏي دور بعد اچانڪ بني اسرائيل جي نبوت جو نزول بند يا ختم ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ اسان ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيون. سو ڪين ٻڌايو ته الله پاران ڪتاب جي نزول لاءِ يهودين يا قوميت جي تخصيص نه آهي، هو جنهن تي چاهي پنهنجي ڪتاب جو نزول

ڪري ٿو. هو پنهنجي هن هٺ ڌرمي ۽ عناد سبب الله جي هڪ عذاب کان بعد ٻئي عذاب جا مستحق ٿي ويا. اهڙن ڪافرن لاءِ هميشه ذلت ۽ خواري وارو عذاب آهي.

وَ اِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ اٰمِنُوۡا بِمَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ قَالُوۡا نُؤۡمِنُ بِمَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡنَا وَيَكۡفُرُوۡنَ
بِمَا وَرَآءَهٗ ۚ وَهُوَ الۡحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمۡ ؕ قُلۡ فَلِمَ تَقۡتُلُوۡنَ اَنۡۢبِيَآءَ اللّٰهِ
مِنۡ قَبۡلُ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۹۱﴾ وَلَقَدۡ جَآءَكُمۡ مُّوۡسٰى بِالۡبَيِّنٰتِ ثُمَّ اتَّخَذۡتُمُ
الۡعِجۡلَ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ وَاَنۡتُمۡ ظٰلِمُوۡنَ ﴿۹۲﴾

۽ جڏهن هنن کي چيو وڃي ٿو تہ ان ڪتاب تي ايمان آڻيو، جنهن کي الله (هاڻي) نازل ڪرڻ فرمايو آهي تہ چون ٿا تہ اسان رڳو ان ڪتاب (تورات) تي ايمان آڻيون ٿا، جيڪو اسان تي نازل ڪيو ويو آهي ۽ هو ان کان سواءِ ٻئي جو انڪار ڪن ٿا. حالانڪ هي قرآن بہ سراپا سچ (حق) آهي ۽ ان ڪتاب جي بہ تصديق ڪري ٿو، جيڪو هنن وٽ آهي. اوهان هنن کان اهو دريافت ڪريو تہ هن کان اڳ نبي سڳورن کي ڇو قتل ڪندا رهيا آهيو جيڪڏهن اوهان پنهنجي ڪتاب (تورات) تي ايمان رکڻ واري دعوىٰ ۾ سچا آهيو. (91) پر (دراصل اها حقيقت آهي تہ اوهان وٽ خود موسىٰ (عليه السلام) چٽيون نشانيون آنديون پر اوهان ان جي عدم موجودگيءَ ۾ گابي کي پنهنجو معبود بڻائي ڇڏيو. دراصل اوهان آهيو ئي وڏا ظالم. (92)

جڏهن هنن کي چيو وڃي ٿو تہ هاڻي جيڪي الله، هن رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي قرآن نازل ڪيو آهي، ان تي ايمان آڻيو ۽ ان جي صداقتن کي قبول ڪندي ان مطابق زندگي بسر ڪريو تہ هو چون ٿا تہ اسان رڳو ان تي ايمان رکون ٿا، جيڪو اسان جي بني اسرائيل نبين تي نازل ٿيو آهي ۽ هي نبي (محمد رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم) بني اسرائيل مان نہ آهي، ان

تي ڪيئن ايمان آڻيون، جڏهن تہ نبوت رڳو بني اسرائيل لاءِ خاص آهي، هو انهيءَ ڪري هن قرآن جو انڪار ڪن ٿا. حالانڪہ هي برحق ڪتاب آهي، جيڪو هنن جي ڪتاب جي سچائين ۽ خدائي احڪامن جي درست هئڻ جي تصديق ڪري ٿو. انهن سمورين سچائي جي تعليمات ڪي ئي دهرائي ٿو. پوءِ تون هنن يهودين جي انهيءَ غلط ۽ بيهوده دعوىٰ بعد ڪانئن پڇ تہ اوهان جن بني اسرائيل جي نبين جا گيت ڳائي رهيا آهيو ۽ پاڻ ڪي انهن جو پوئلڳ ظاهر ڪيو ٿا ۽ غير بني اسرائيل نبي ڪي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪريو ٿا تہ پوءِ ٻڌايو تہ جيڪڏهن اوهان انهن جا سچا پوئلڳ ۽ مجيندڙ آهيو تہ انهن جي تذليل ۽ تحقير جو ڪندا هئا ۽ ايتري قدر جو انهن ڪي ناحق قتل ڪري ڇڏيندا هئا، سو ڇو؟

ٻيو تہ ڇڏيو پر اوهان رڳو اهو ٻڌايو تہ انهن بني اسرائيل جي نبين مان هڪ نبي موسىٰ عليه السلام سان اوهان جو ڪهڙو رويو رهيو جيڪو اوهان ڏانهن خدا جا چٽا ۽ روشن احڪام ۽ دليل پيش ڪري توحيد جي تعليم عام ڪري رهيو هو، مگر رڳو چاليهہ ڏينهن لاءِ ڪوهہ طور لاءِ روانو ٿيو تہ اوهان توحيد جي سبق ڪي ڇڏي، ڳابي جي پوڄا ۽ عبادت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. اوهان جو اهو ورتاءُ، طريقو ۽ عقيدو ايمان سڏبو يا ڪفر. اطاعت سڏبي يا سرڪشي. اوهان تہ هميشه هر دور ۾ ڪفر ۽ ظلم جي هر حد پار ڪندڙ آهيو. دراصل اڄ بہ اقوام عالم ۾ اهائي گمراهي سندن دامن گير آهي تہ جڏهن هنن وٽ پنهنجو پنهنجو مذهب موجود آهي، پلا ان ڪي ڇڏي هو هن نئين دين ڪي ڇو قبول ڪن. قرآن کين ٻڌائڻ ٿو گهري تہ اِنَّ الدِّيۡنَ عِنۡدَ اللّٰهِ الۡاِسۡلَامُ (آل عمران: 19/3) الله جي طرفان فقط هڪ طريقِ حيات، هڪ دين آهي، جنهن جو نالو اسلام آهي ۽ قرآن ڪو نئون دين نہ آهي، پر اهو پوين نبين تي نازل ٿيل تمام سچاين ۽ الٰهي احڪامن جو پرچاري آهي. قرآن تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي ٻڌايل حڪمن موجب زندگي گذارڻ ئي دراصل پوين تمام نبين، رسولن ۽ ڪتابن جي پيروي ڪرڻ برابر آهي. (البقره: 137/2، آل عمران: 199/3) ”وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُۚ“ (آل عمران: 85/3) دين اسلام کان سواءِ ٻيو ڪو دين قبول نہ ڪيو ويندو.

وَ اِذۡ اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَكُمۡ وَ رَفَعۡنَا فَوۡقَكُمُ الطُّوۡرَ ؕ خُذُوۡا مَاۤ اٰتَيۡنٰكُمۡ بِقُوَّةٍ وَّاسۡمَعُوۡا ؕ قَالُوۡا سَمِعۡنَا وَعَصَيۡنَا ۗ وَاُشۡرِبُوۡا فِىۡ قُلُوۡبِهِمُ الۡعِجۡلَ بِكُفۡرِهِمۡ ؕ قُلۡ

بِئْسَمَا يَأْمُرُكُم بِهِ إِيمَانُكُمْ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿٩٣﴾ قُلْ إِن كَانَتْ لَكُمُ الدَّارُ الْآخِرَةُ عِندَ اللَّهِ خَالِصَةً مِّن دُونِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ ﴿٩٤﴾

۽ (اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن ڪوهِ طور اوهان تي ڇانيل هو ۽ ان جي دامن ۾ اسان اوهان کان پڪو وعدو ورتو هيو ته هن (ڪتاب) تي پوريءَ طرح عمل ڪريو جيڪو اسان اوهان کي عطا ڪيو آهي ۽ پوري توجّه سان ٻڌو ته (جواب ۾ اوهان جي وڏڙن) چيو اسان ٻڌو ۽ ان جو انڪار ڪيو ۽ هنن جي ڪفر جي ڪري ڳابي جي محبت سندن دلين ۾ ٺمٽار هئي. اي محبوب! تون هنن کي ٻڌائي ڇڏ ته اوهان جو اهو (نام نهاد) ايمان جيڪو ڪجهه اوهان کي حڪم ڪري ٿو، سي سڀ برا اعمال ئي آهن. جيڪڏهن واقعي اوهان جو اهو ايمان آهي.(93) (اي حبيب خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم!) تون هنن کي چؤ ته آخرت جو گهر الله وٽ رڳو اوهان جي لاءِ مخصوص آهي ۽ ٻين ماڻهن لاءِ نه آهي ته پوءِ اوهان (ٻي ڏڙڪ موت جي آرزو ڪريو جيڪڏهن اوهان سچا آهيو. (94)

اهو وقت به ياد ڪريو، جڏهن اوهان کان دين خداوندي تي پوري دل و جان سان عمل پيرا هجڻ جو عهد طورسينا جي سائي هيٺ ورتو هو (البقره: 63/2) ته ان تي مضبوطيءَ سان قائم رهجو ۽ جيڪو ڪتاب اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي، ان جي حڪمن مطابق زندگي بسر ڪجو، اوهان ان جي جواب ۾ وڏي واڪي چيو هو ته اسان اهو حڪم پوري طرح ٻڌو آهي. ظاهري طرح ته اوهان اثبات ۾ جواب ڏنو پر اندر ئي اندر ۾ ان جي مڃڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان ڪلم ڪلا انڪار ڪيو، جنهن جي ڪري هڪ الله جي بندگي ڪرڻ بدران اوهان جي دل ۾ ڳابي جي پوڄا رچي مچي وئي. اي پيغمبر خدا انهيءَ گمراهه ٽولي کي ٻڌائي ڇڏ ته هي جيڪو اوهان جو چوڻ آهي ته اسان جو پنهنجي ڪتاب تي ايمان آهي ۽

اسان هن ڪتاب (قرآن) تي جو ايمان آڻيون، جيڪڏهن واقعي ايمان جي طلب رکندڙ آهيو
تہ پوءِ اوهان جي اها عقيدي ۽ ايمان جي دعوىٰ گمراهي ۽ خساري واري آهي.

اوهان جو اهو چوڻ تہ آخرت جي نجات ۽ جنت جو حصول اوهان جو پيدائشي
حق آهي چو تہ اوهان يهودي يا بني اسرائيل آهيو. جيڪڏهن واقعي اوهان پنهنجي انهيءَ
دعوىٰ ۾ سچا آهيو ۽ سمجهو ٿا تہ ٻين ماڻهن جي مقابلي ۾ الله تعالىٰ وٽ جنت رڳو
اوهان لاءِ مخصوص آهي تہ پوءِ موت کان ڇو ٿا ڊڄو. (البقره: 80/2، 95-94، المائده: 18/5،
الجمعه: 6/62) اوهان تہ پاڻ هن فاني دنيا کي ترڪ ڪري آخرت جي دائمي خوشگوار زندگيءَ جا
طلبگار ٿي موت جي آرزو ڪريو تہ جيئن هن دنيا جي ڏک ڏولاون واري زندگي کان
ڇوٽڪارو حاصل ڪري عيش و عشرت واري حيات جا مزا ماڻيو. (هود: 7/11، الملڪ: 2/67)

وَ لَنْ يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًۢا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ۭ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ۝۹۵
وَلَتَجِدَنَّهُمْ اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰي حَيٰوةٍ ۚ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۚ يَوَدُّ اَحَدُهُمْ
لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَمَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ۭ وَاللّٰهُ
بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ۝۹۶

معانقة ٢

ع ١١

هو (موت جي) آرزو هرگز ڪونہ ڪندا پنهنجي انهن گناهن جي سبب، جيڪي
هنن جا هٿ (پاڻ) اڳتي موڪلي چڪا آهن. الله ظالمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي
ٿو. (95) تون هنن کي يقينًا ٻين ماڻهن کان وڌيڪ زنده رهڻ جو خواهشمند
محسوس ڪندين. مشرڪن کان بہ وڌيڪ. هنن جو هرهڪ ماڻهو گهري ٿو تہ
هن کي هزار سال جي عمر ملي (بالفرض) هن کي جيڪڏهن ايتري عمر ملي
بہ وڃي تہ اها بہ هن کي عذاب کان بچائي نٿي سگهي. الله هنن جي اعمال کي
چڱيءَ طرح ڏسي رهيو آهي. (96)

پر اوهان ڏسي رهيا آهيو تہ هي ٿولو پنهنجي بداعمالين جي لازمي نتيجن کان

ايترو تہ ڊنل آهي، جو اهو پنهنجي مرڻ جي ڪڏهن بہ آرزو ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ الله تعالیٰ هنن ظالمن جي انهن ڪڌن ڪرتوتن ۽ بداعماليين کان پوري طرح واقف آهي. مرڻ جي تمنا ڪرڻ تہ هڪ طرف، پر الٽو هنن کي ڏسندين تہ هو مشرڪن کان بہ وڌيڪ وڏي ڄمار جي خواهش ۽ حرص رکن ٿا. جڏهن تہ مؤمن موت کان ڪونہ ٿا ڊڄن. هنن وٽ "اَلْمَوْتُ جَسَرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ" موت هڪ پل آهي،جيڪا هڪ دوست (مؤمن) کي ٻئي دوست (الله تعالیٰ) سان ملائي ٿي.

موت اک بہانا ہے دوست سے دوست ملنے کا

هنن ايمان جي ڪوڙي دعویٰ ڪندڙ ماڻهن وٽ هن فاني دنيا جو ٺاٽ باٽ زياده پسند آهي. جنهن ڪري هنن جو هر ماڻهو هزار سال زنده رهڻ جي تمنا رکي ٿو. حالانڪہ اها وڏي ڄمار بہ هنن کي عذاب الٰهي کان بچائي ڪا نہ سگهندي. الله هنن جي هر عمل کان پوري طرح ڄاڻ رکي ٿو ۽ ڪين پنهنجن بداعمالن جو پورو پورو بدلو ضرور ملندو.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہیں آفاق (اقبال)

نبي اڪرم ﷺ جي وصال جو وقت قريب آيو تہ پاڻ فرمايائون: "اَللّٰهُمَّ اَلْحِقْنِيْ بِالرَّفِيْقِ الْاَعْلٰى" يعني اي الله! مون کي جلد عالمِ قدس تي پهچاءِ ۽ پنهنجي ديدار سان مشرف ڪرڻ فرماءِ. حضرت سعد بن وقاص رضي الله عنه فرمائين ٿا تہ نبي ڪريم ﷺ جن ايران جي بادشاهہ رستم ڪي خط لکيو، جنهن جا آخري الفاظ هي هئا: "فَاِنَّ مَعِيَ قَوْمٌ يُّحِبُّوْنَ الْمَوْتَ كَمَا يُحِبُّوْنَ الْاَعَاجِمُ خَمْرًا" منهنجا جانثار سپاهي موت لاءِ اهڙا آتا ۽ شائق آهن، جهڙا ايراني ماڻهو شراب لاءِ مست آهن. (تفسير سوره آل عمران: 173/3)

قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٧﴾ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَرُسُلِهٖ وَجِبْرِيْلَ وَمِيْكٰىلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٩٨﴾

(اي حبيب ﷺ!) هنن کي چؤ تہ جو شخص بہ جبرئيل (عليه السلام) جو دشمن آهي (وڏو ظالم آهي) ڇوتہ انهيءَ تہ هن قرآن کي الله جي حڪم سان تنهنجي دل تي نازل ڪيو آهي. جيڪو (قرآن) هن ڪان اڳ (نازل ٿيل) ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ مؤمنن لاءِ سراپا هدايت ۽ خوشخبري آهي (97) جيڪو شخص بہ الله جو ۽ ان جي فرشتن ۽ ان جي رسولن ۽ جبرئيل ۽ ميڪائيل جو دشمن آهي، تہ يقينًا الله انهن ڪافرن جو دشمن آهي. (98)

هي يهودي الله جي خاص فرشتي جبرئيل سان انهيءَ ڪري عداوت رکن ٿا تہ هن الله جو ڪلام (قرآن حڪيم) ڪنهن غير اسرائيلي شخص تي ڇو وحي ڪيو آهي. هنن کي ٻڌاءِ تہ جبرئيل تي ناراض ٿيڻ جو ڪو سبب نہ آهي. هو ازخود تہ جنهن لاءِ گهري ان تي وحي آڻڻ جو مجاز نہ آهي. هو الله جي حڪم سان ئي قلب محمد ﷺ تي وحي نازل ڪرڻ جو فريضو ادا ڪري ٿو. اهو ڪتاب (قرآن مجيد) آهي، جيڪو هن جي ڪن ۽ زبان کان اول قلب مبارڪ تي وحي ٿئي ٿو ۽ پنهنجن تمام ظاهري ۽ باطني معنائن سان سيني ۾ محفوظ ٿي وڃي ٿو. حضرت جبرئيل عليه السلام تہ رڳو الله جي طرفان وحي کڻي اچي ٿو، جنهن ۾ هن جي ڪابہ ذاتي خواهش ناهي، باقي "اَلرَّحْمٰنُ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ..... عَلَّمَهُ الْبَيَانَ" تہ الله جل شانه طرفان آهي اهو سمورو الله جو انتظام آهي. هي اهو ڪتاب الٰهي آهي، جيڪو انهن سمورين سچاين جي تصديق ڪري ٿو، جيڪي اوهان وٽ اوهان جي ڪتابن ۾ آهن. هن ڪتاب جي هدايت جو دائرو توريت ۽ انجيل وانگر رڳو بني اسرائيل جي قوم نہ، پر پوري انسانيت يڪسان طور تي آهي ۽ اهڙن مؤمنن کي ئي فلاح ۽ بهبود جي خوشخبري جون واڌايون ڏيندڙ آهي. ان هوندي بہ جيڪڏهن هو اجان پنهنجي تعصب ۽ حسد واري ضد تي قائم آهن ۽ چون ٿا تہ اسان جي جبرئيل سان اڻ ٻٽت ۽ عداوت آهي ۽ هن طرفان وحي آندل پيغام کي نٿا مڃون تہ پوءِ تون کين ٻڌاءِ تہ جيڪو بہ ماڻهو الله جي نظام، ان جي ملائڪن، رسولن، جبرئيل ۽ ميڪائيل جو مخالف آهي، اهو الله سان بغاوت ڪندڙ ۽ ان سان عداوت رکندڙ آهي، ڇوتہ هو الله جي نظام ۾ دخل انداز ٿي رهيو آهي ۽ الله جو مدمقابل ٿي ان جي آيتن کي رد ڪري پنهنجي خيالن کي ترجيح ڏئي ٿو تہ پوءِ الله

۽ اهڙن حق جي انڪار ڪندڙن جو دوست نہ آهي، پر پنهنجي اهڙن دشمنن ڪي سندن مذموم منصوبن سميت تهس نهس ڪندڙ آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنۡ عَادٰی لِیۡ وَلِیًّا فَقَدۡ آذَنۡتُهٗ بِالۡحَرۡبِ" (صحيح بخاري) جنهن بہ منهنجي وليءَ يا دوست سان دشمني رکي تہ ان سان منهنجو اعلان جنگ آهي. ٻي حديث آهي تہ "مَنۡ عَادٰی اَوۡلِيَاءَ اللهِ فَقَدۡ بَارَزَ اللهَ بِالۡمُحَارِبَةِ" جيڪو اولياء الله سان دشمني ڪندو تہ هن ڄڻ الله سان جنگ جوٽي.

وَ لَقَدۡ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَیۡكَ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ ۚ وَمَا یَكۡفُرُ بِهَاۤ اِلَّا الۡفٰسِقُوۡنَ ﴿۹۹﴾ اَوَ كُلَّمَا عٰهَدُوۡا عَهۡدًا نَّبَذَهٗ فَرِیۡقٌ مِّنۡهُمۡ ؕ بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا یُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾ وَلَمَّا جَآءَهُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمۡ نَبَذَ فَرِیۡقٌ مِّنَ الَّذِیۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ ٭ۙ كِتٰبَ اللّٰهِ وَرَآءَ ظُهُوۡرِهِمۡ كَاَنَّهُمۡ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۰۱﴾

۽ بيشڪ اسان تنهنجي طرف روشن آيتون نازل ڪيون آهن، جن جو انڪار نافرمان ماڻهن کان سواءِ ڪير بہ نٿو ڪري سگهي.(99) ۽ ڇا (ائين ناهي تہ) جڏهن بہ هنن ڪو عهد ڪيو آهي تہ انهن مان هڪ گروهہ ان کي ٽوڙي ڇڏيو آهي پر انهن مان اڪثر جو ايمان ئي نہ آهي. (100) ۽ (اهڙي طرح) جڏهن بہ هنن وٽ الله طرفان رسول (حضرت محمد مصطفیٰ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ) جن آيا جيڪي هن ڪتاب جي تصديق ڪندڙ آهن جيڪو هنن وٽ پهريائين موجود آهي تہ انهيءَ اهل ڪتاب جي هڪ ٽولي الله جي انهيءَ ڪتاب (تورات) کي پنهنجي پٺين پٺيان اڇلائي ڇڏيو ڄڻڪ هو انهيءَ کي ڄاڻندا ئي ناهن. (101)

اي پيغمبر! انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان تو ڏانهن نهايت چٽيون آيتون ۽ روشن دليل نازل ڪيا آهن، جن جو رڳو اهي ئي انڪار ڪري سگهن ٿا، جيڪي حق ۽ سچائي جا انڪاري آهن. سندن اکين تي پردا، ڪنن تي گراني (ٻوڙائپ) ۽ دلين تي گمراهي ڇانيل آهي. هنن جي حق ۽ سچ ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ پروڙڻ جي صلاحيت سلب ٿي چڪي

آهي. جڏهن بہ هنن الله سان حق جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جا عهد اقرار ڪيا آهن تہ هميشه ان جي خلاف ورزي ڪندي ان ڪان منهن موڙي ڇڏيو آهي. حقيقت حال اها آهي تہ هنن ماڻهن جي وڏي اڪثريت ايمان جي انمول نعمت ڪان محروم آهي، جنهن ڪري حق شناسي ۽ سڌي راهہ ڪان محروم آهن.

اي منهنجا پيارا حبيب خاتم النبيين ﷺ! هي ماڻهو جيڪي تنهنجي مخالفت ڪري رهيا آهن، اهي هميشه ڪان ئي ائين ڪندا اچن ٿا، جڏهن هنن ڏي الله پاران بني اسرائيل مان ئي (حضرت عيسىٰ عليه السلام) انجيل جي واضح احڪامن سان سندن اصلاح لاءِ آيو ۽ جيڪو هنن وٽ موجود ڪتاب توريت جي سچاين جي تصديق ڪري رهيو هو، ليڪن ان جي باوجود اُن ٽولي جنهن وٽ سندس ڪتاب بہ موجود هيو، هنن الله جي موڪليل هدايت واري ڪتاب ڪي ڄاڻي واڻي پوئتي ڏڪاري ڦٽو ڪيو ۽ پنهنجي هٺ ڌرمي ۽ گمراهي ۾ غرق رهيا. حالانڪ الله جون آيتون بہ چٽيون ۽ روشن هيون، جنهن ڪي عقل سليم قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر هٺ، ضد، سرڪشي ۽ غرور سبب هو انهن صريح آيتن جا بہ انڪاري آهن ۽ ايمان جي دولت ڪان محروم آهن. هو هدايت واري ڪتاب تي غور ڪرڻ بدران ان ڪي ڏڪاري ڇڏين ٿا ۽ اهڙو تاثر ڏين ٿا تہ ڄڻ هو ان ڪتاب جي سچائي ۽ الله طرفان نازل ٿيڻ ڪان واقف نہ آهن ۽ توريت جي هدايت وارن حڪمن ڪان منهن موڙي، جادوءَ جي ٽوٽڪن تي انحصار ڪن ٿا ۽ ان ڪي سچو دين سمجهن ٿا.

وَاتَّبَعُوْا مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ ۚ وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ۗ وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ بِبَابِلَ هَارُوْتَ وَمَارُوْتَ ۭ وَمَا يُعَلِّمٰنِ مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ۭ فَيَتَعَلَّمُوْنَ مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ زَوْجِهٖ ۭ وَمَا هُمْ بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَتَعَلَّمُوْنَ مَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ ۭ وَلَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ڭ

ع ٢/١٢

وَلَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا
وَاتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۳﴾

هو (خدا جي سچي تعليم کي ڇڏي) انهن خودساخته افسانن جي پٺيان لڳي ويا، جيکي شيطانن حضرت سليمان (عليه السلام) جي مملکت طرف منسوب کيا هيا. سليمان (عليه السلام) هي کفر وارو ڪم ڪونہ ڪيو هو، پر شيطانن ڪيو هو، جيکي ماڻهن کي جادو سيکاريندا هيا. (ٻيو افسانو بابل ۾ هاروت ۽ ماروت جو مشهور ڪيائون) بابل ۾ ٻن فرشتن هاروت ۽ ماروت تي ڪجھ بہ نازل نہ ٿيو هو، جيڪي ڪنهن کي بہ جادوءَ جو علم نہ سيکاريندا هيا تہ اسان هڪ فتنو (آزمائش) آهيون ان ڪري ڪفر نہ ڪريو پر ان هوندي بہ انهن کان اهي ماڻهو جادو سکڻ ايندا هيا، جيڪي مرد ۽ عورت ۾ جدائي پيدا ڪري سگهن. (بابل ۾ نہ بہ فرشتا هاروت ماروت هيا ۽ نہ وري جادو سيکاريندا هئا) حالانڪہ الله جي اذن کان سواءِ هو (جادوءَ ذريعي) ڪنهن کي بہ نقصان پهچائي نہ ٿي سگهيا ۽ ماڻهو اهوئي سکڻ گهرن ٿا، جيڪو هنن کي ڪونفعو تہ ڪونہ ٿو ڏئي، پر نقصان ئي نقصان ڏئي ٿو. حقيقت ۾ هو سمجهن ٿا تہ هو جيڪو ڪجھ خريد ڪن ٿا، ان جو آخرت ۾ ڪو ملھ ڪونهي ۽ اها نهايت بري شيءِ آهي، جنهن جي بدلي ۾ هو انهن جي حقيقي بهتري ۽ فلاح کي وڪڻن ٿا. ڪاش هو (هن گهاٽي واري سودي جي) ڄاڻ رکندا هجن. (102) جيڪڏهن هو ايمان آڻن ها ۽ تقويٰ اختيار ڪن ها تہ الله جي بارگاھ ۾ ڪين سنو خير ملي ها. ڪاش هو هن (راز) کان آگاھ هجن ها. (103)

يهود جي گمراهي ۽ هٺ ڌرميءَ جو داستان هلندڙ آهي. هنن جي ڪم عقلي ۽ ناداني‌ءَ تي ڪيترو ماتم ڪجي، جو هو آسماني ڪتاب توريت جو اتباع ڪرڻ بدران جادو

جهڙن احمقاڻه رسمن ۾ ڦاسي ويا ۽ هينئر به هو پنهنجي ناداني واري روش تي قائم رهندي، حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ تي ايمان آڻڻ کان محروم ٿي ويا آهن. هنن جي گمراهي ۽ ڪمزور عقيدي جي اها حالت آهي، جو هو خدا پاران رسولن معرفت وحي ڪيل هدايت ۽ رهبري جي راهه ڇڏي، سحر ۽ جادوگري جي شيطاني ڪمن جي پيروي ۾ لڳي ويا، جنهن ڪي شيطان صفت ماڻهن حضرت سليمان عليه السلام جي دور بادشاهي ڏانهن منسوب ڪري چوڻ لڳا ته حضرت سليمان جي ايڏي وڏي دٻدٻي واري بادشاهي هن جادوگريءَ جي مرهون منت هئي. حالانڪه حضرت سليمان عليه السلام الله جو نبي سڀورو هو. هن جي بادشاهي الله تعاليٰ جي عنايت آهي. حضرت سليمان عليه السلام ڪڏهن به اهڙو جادوگريءَ وارو ڪافرن جو ڪم ڪو نه ڪيو هو. پر اهو سمورو انهن شيطانن جو عمل هو، جن سان هو ماڻهن کي جادوگريءَ جو سبق سيکاريندا هئا ۽ ان کي غلط طريقي سان حضرت سليمان عليه السلام ڏانهن منسوب ڪري جادوءَ جي ۽ پنهنجي اهميت وڌائيندا هئا ۽ اها ڳالهه به درست ناهي ته بابل شهر ۾ ٻن هاروت ۽ ماروت نالي فرشتن تي اهو جادوءَ جو فن نازل ٿيو هو. هي به هڪ اهڙو هٿ ٺوڪيو افسانو آهي، جهڙو حضرت سليمان عليه السلام ڏانهن جادو منسوب ڪرڻ جو ڪوڙو منصوبو جوڙيو ويو هو.

اصل حقيقت اها نه آهي ته هاروت ماروت واقعي ماڻهن کي جادوءَ جو ڏس ڏيندا هئا يا انهن کي جادو سيکاريندا هئا ته ڪين ٻڌائيندا هئا ته هي اسان وارو ڪم سنو ناهي، نافرمان ماڻهن جو ڏنڊو آهي. اسان ته هڪ فتنو آهيون، اوهان هن ڪفر جهڙي ڪم ۾ نه اچو ته سنو آهي. هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته جادوگريءَ جهڙو مڪروه ڏنڊو ڪندڙ ماڻهن کي به اها خبر هئي ته خراب عمل آهي، پر ان هوندي به اهي فاسق ماڻهو، جن جو پوئين آيت ۾ ذڪر آيو آهي، شيطان صفت ماڻهن کان اهي ٽوٽڪا انهيءَ ڪري سکندا هئا ته جيئن هو زال، مڙس ۾ ڏڦيڙ وجهي جدائي ڪرائي سگهن. حالانڪه هو ڪنهن کي به پنهنجي جادوءَ سان نقصان رسائڻ جي قوت نٿا رکن، باقي ڪنهن کي الله جي مشيّت ۽ طبعي قانون جي ڪري ڪا تڪليف يا نقصان پهچڻ وارو هجي ته اها الڳ ڳالهه آهي. بهرڪيف حقيقت اها آهي ته هي گمراهه ماڻهو وحي ذريعي موڪليل حق ۽ هدايت واري سڌي رستي کي ڇڏي اهڙيون شيون سکن ٿا، جن ۾ هنن جو سراسر نقصان ئي نقصان آهي ۽ ذرو پر ڪو فائدو

ڪونهي. هنن ماڻهن کي چڱي طرح معلوم آهي ته هي سراپا خساري جو سودو آهي ۽ آخرت ۾ هنن لاءِ ڪنهن به خير و برڪت جي اميد ناهي. سچ پچ ته اهڙن ماڻهن جي حال تي افسوس آهي، جيڪي پنهنجي وقتي، دنياوي ۽ جسماني لذتن بدلي پنهنجي زندگيءَ جي فلاح ۽ نجات واري قيمتي ۽ املهه شيءِ جو سودو ڪري رهيا آهن. ڪاش هنن کي پنهنجي هيڏي وڏي غلطي جو پتو پئجي وڃي ۽ پنهنجي نفعي نقصان جو فرق محسوس ڪري سگهن. جيڪڏهن هي گمراهه ماڻهو دل جي اٿاهه سچائيءَ سان الله پاران وحي ڪيل احڪامن تي ايمان آڻين ها، پرهيزگاري ۽ نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪن ها ته يقينًا هو پنهنجي نيڪ عملن جو الله وٽ سنو اجر ماڻين ها. پر هنن نبيءَ تي ايمان آڻڻ بدران ان ڏانهن جادو منسوب ڪيو. ياد رهي ته بابل ان وقت جادوگريءَ ۾ گهڻو مشهور هيو ۽ ماڻهو جادو سکي مالي فائدا حاصل ڪندا هيا ۽ پنهنجي مڪروهه ڌنڌي کي حضرت سليمان عليه السلام ڏانهن منسوب ڪري يا ٻن فرشتن هارون ۽ ماروت جو فعل قرار ڏئي، مقدس ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته جيئن ماڻهو هن جادوءَ کي به الله پاران نازل ڪيل علم سمجهن.

"الجواهر في تفسير القرآن الكريم" جي مُفسر شيخ طنطاوي جوهري رحمة الله عليه هن آيت تي تفصيلي بحث ڪندي لکي ٿو ته "وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ" عطف آهي "وَمَا كَفَرَ سُلَيْمَانُ" تي. "مَا" بمعنىٰ "اَلْجَحْدُ" يعني انڪار آهي، پوءِ جملو ٿيو: "كَاَنَّهٗ قَالَ لَمْ يَكْفُرْ سُلَيْمَانُ وَلَمْ يَنْزِلْ عَلَى الْمَلَكَيْنِ سِحْرٌ" نه سليمان عليه السلام جادوءَ جهڙو ڪفر ڪيو ۽ نه هاروت ماروت کو جادو سيکاريو. "وَمَا يُعَلِّمَانِ مِنْ اَحَدٍ" ۾ "هنن نه سيکاريو" جي معنىٰ مراد آهي، پر جيڪڏهن "وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ" کي عطف "عَلَى السِّحْرِ" يا "مَا تَتْلُوا الشَّيٰطِيْنُ" يا "عَلٰى مُلْكِ سُلَيْمٰنَ" تي عطف ڪبو ته پوءِ "وَمَآ اُنْزِلَ عَلَى الْمَلَكَيْنِ" جي "مَا"، "اِنَّ" بيشڪ يعني اثبات جي معنىٰ ڏيکاريندي. چئبو ته هاروت ماروت ماڻهن کي جادو سيکاريندا هيا، پر ڪين چوندا هيا ته جادو ڪفر آهي، نه سکو. اسان کي اوهان جي آزمائش لاءِ موڪليو ويو آهي. هن مفهوم کان "مَا" نافيه وارو مفهوم وڌيڪ قابلِ اعتماد آهي. الله تعالىٰ جي اها سنت هرگز نه آهي ته هو ڪنهن نبي، رسول يا فرشتي کي فرمائي ته ماڻهن کي آزمائڻ لاءِ جادوءَ جهڙو ڪفر وارو ڪم ڏسين ۽ ڪرائين.

تفسير "في ظلال القرآن" ۾ لکيل آهي ته "وَمَا كَفَرَ سُلَيْمَانُ - بَلِ الشَّيَاطِيْنُ كَفَرُوْا -

ثُمَّ يَنْفِيْ اَنَّ السِّحْرَ مُنَزَّلٌ مِّنَ اللّٰهِ عَلَى الْمَلَكَيْنِ هَارُوْتَ وَ مَارُوْتَ" يعني نہ سليمان جادو ڪيو ۽ نہ هاروت ماروت جو جادو ٿيو، ٻئي گھڙيل قصا آهن.

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دل سے احساسِ زیاں جاتا رہا (اقبال)

***

وکر سو وھاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولايت ۾، ذرو ٿئي نہ ضياع،
سا ڪا هَٽ هلاءِ، آڳھ جنھن جي ايئين. (شاهه ﷫)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَ قُوْلُوا انْظُرْنَا وَ اسْمَعُوْا ؕ وَ لِلْكٰفِرِيْنَ
عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۰۴﴾ مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَلَا الْمُشْرِكِيْنَ
اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ
وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿۱۰۵﴾

مسلمانؤ! (نبي ڪريم خاتم النبيين ﷺ ڪي) "راعنا" چئي (پاڻ ڏانهن متوجّه ڪرڻ لاءِ) خطاب نہ ڪيو، پر (ان جي عوض) "انظرنا" چؤ ۽ (سندس ارشاد گرامي) توجّه سان ٻڌو. ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. (104) اهلِ ڪتاب مان جيڪي ڪافر آهن ۽ مشرڪ اهي پسند نٿا ڪن تہ تنهنجي رب جي طرفان توتي خير ۽ ڀلائي نازل ٿئي ۽ الله جنهن کي گهري پنهنجي رحمت لاءِ خاص ڪري. الله وڏي فضل ڪرڻ وارو آهي. (105)

هت مسلمانن جي جماعت کي ٻڌايو تو وڃي تہ اوهان کي چڱيءَ طرح معلوم ٿي چڪو آهي تہ هي يهودي ڪهڙيءَ طرح حضرت موسیٰ عليه السلام کان بار بار مطالبا ڪندا هئا تہ اسان لاءِ هي مهيا ڪر، هي نہ ڪر، هو ڪر، ورنہ اسان تنهنجي ڪابہ ڳالهہ نہ مڃينداسون.

خدا جي رسولن سان اهڙو گستاخيءَ وارو رويو الله کي پسند نہ آهي. اها غلط روش آهي. مؤمنو! توهان کي اهڙي روش کان بچڻ گهرجي ۽ اوهان جو رويو اهڙو تہ مؤدبانہ هجي، جو جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ کي ڪجهہ چوڻو هجي تہ چوندا رهو تہ اسان تي پنهنجي نگاهہ ڪرم جاري رکو تہ جيئن اسان گمراهہ نہ ٿي وڃون. اسان تنهنجي اطاعت ۽ اتباع جا خواهان آهيون. نيز گفتگو صاف الفاظ ۾ ادب سان ڪريو. ذومعنیٰ الفاظ استعمال نہ ڪريو، ان ڪري هت مسلمانن کي حضور ﷺ جن سان مخاطب ٿيڻ وقت ڪين تربيت ڏني ٿي وڃي تہ اي ايمان وارؤ!"يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا" جي الفاظ سان مسلمانن کي خطاب ڪيو آهي. هن آيت ۾ هي پهريون موقعو آهي، جنهن ۾ مسلمانن کي ڪافرن جي بداخلاقيءَ کان آگاهہ ڪيو ويو آهي ۽ ڪين هدايت ڪئي وئي آهي تہ جڏهن بہ اوهان کي نبي اڪرم ﷺ کي پاڻ ڏانهن متوجّهہ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي تہ اوهان بي ادب ۽ بدڪردار ڪافرن وانگر ڪيس ذومعنيٰ (ٻتي معنیٰ رکندڙ) لفظن جهڙوڪ "راعنا" چئي مخاطب نہ ٿيو پر اوهان صاف ۽ چٽي، معنیٰ وارا لفظ مثلاً "اُنظرنا" (حضرت اسان ڏانهن نگاهہ ڪرم ڪريو) چئي مخاطب ٿيو، چو تہ ڪافر "راعِنَا کي "رَاعِينا" وانگر چئي حضور والا شان عليه التحية و السلام کي "اي اسان جا ڏنار" ۽ "السَّلَامُ عَلَيڪم" جي بجاءِ "السام عليڪم" (يعني توتي موت هجي) چئي پنهنجي ذهني بيماري ۽ دماغي خرابي جو اظهار ڪندا هئا. (النساء: 46/4) اوهان جي عرضداشت بعد جيڪي بہ فرمان نبوي هجي ان کي پوري توجّهہ سان ٻڌو ۽ ان تي عمل پيرا ٿيو. ياد رکو تہ انهن ڪم عقل ڪافرن کي سندن اهانت آميز روش تي الله طرفان نهايت ڏکوئيندڙ عذاب آهي. (المجادله: 8/58) اهل ڪتاب مان جن ماڻهن ڪفر جو رستو اختيار ڪيو آهي ۽ مشرڪ، هي ٻئي منڪرن جا طبقا اهو هرگز هرگز نٿا پسند ڪن تہ اوهان تي الله پاران خيرو برڪت وارو وحي الٰهي جي سلسلي جو نزول جاري ساري رهي. هنن جي دلي خواهش آهي تہ هو شڪ شبها پيدا ڪري اوهان جو ڪنهن نموني هن فلاح و ڪاميابي واري راهہ کان رخ موڙي سگهن. (آل عمران: 89/3) پر حققت اها آهي تہ الله هنن جي باطل خواهشن کان بخوبي باخبر آهي ۽ هو جنهن کي گهري ٿو ان کي پنهنجي رحمتن (نزول وحي) لاءِ منتخب ڪري ٿو. هو پنهنجي ٻانهن تي وڏي فضل ڪرم ڪرڻ وارو آهي. (آل عمران: 3-4/3، النحل: 30/16) هنن جي اها بہ دعویٰ آهي تہ اسان جو دين مسلمانن جي دين کان بهتر آهي، پوءِ اعلیٰ دين کي ڇڏي، ادنیٰ دين

ڏانهن چو اچون. حالانڪ اها هڪ باطل دعوىٰ آهي، جنهن جي ڪا بہ سَندَ نہ آهي. ڪافرن جو اهو عناد خاص مسلمانن سان آهي. حالانڪ ڪين معلوم آهي تہ نبوت وهبي عنايت آهي، ڪسبي اجرت نہ آهي. دين اسلام ئي اصل دين آهي. (آل عمران: 85/3)

مَا نَنْسَخْ مِنْ اٰيَةٍ اَوْ نُنْسِهَا نَاْتِ بِخَيْرٍ مِّنْهَآ اَوْ مِثْلِهَا ؕ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ
عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۱۰۶ اَلَمْ تَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ
وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۝۱۰۷ اَمْ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَسْــَٔلُوْا
رَسُوْلَكُمْ كَمَا سُئِلَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّتَبَدَّلِ الْكُفْرَ بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ
ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ۝۱۰۸

اسان جڏهن بہ ڪنهن آيت کي منسوخ ڪيون ٿا يا ان کي فراموش ڪرايون ٿا تہ (هر حال ۾) ان ڪان بهتر يا ان جهڙي (ڪا ٻي آيت) آڻيون ٿا. ڇا توکي خبرناهي تہ الله هر شيءِ تي مڪمل قدرت رکي ٿو. (106) ڇا توکي معلوم ناهي تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله لاءِ ئي آهي ۽ الله ڪان سواءِ توهان جو ڪوبہ دوست ناهي ۽ نہ وري مددگار آهي.(107) (مسلمانو) ڇا اوهان بہ گهرو ٿا تہ پنهنجي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ ڪان اهڙي طرح سوال ڪريو، جهڙي طرح هن ڪان اڳ موسىٰ (عليہ السلام) ڪان سوال ڪيا ويا هيا (ياد رکو) تہ جو ڪوئي ايمان جي عوض ڪفر اختيار ڪري تہ واقعي اهو سڌي رستي ڪان ڀٽڪي ويو. (108)

هن آيت ڪريمه جو اصل مفهوم ۽ پسمنظر اهو آهي تہ الله جو دين "دين اسلام" حضرت آدم، حضرت نوح، حضرت ابراهيم، حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ عليهم السلام ڪان پاڻ ڪريم خَاتَمُ النَّبِيِّين ﷺ تائين ساڳيو رهيو آهي، البتہ هر دور جي شريعتن ۾ تبديلي رهي آهي، ڇوتہ نوع انساني مختلف مرحلن تي ارتقائي عمل ڪان گذري رهي هئي. ذهني پختگي، شعور جي پختگي، تمدني ۽ تهذيبي ارتقاء مسلسل جاري رهيو. ان ارتقاء جي

مرحلن ۾ جيڪي رسول محدود علائقن ۽ قوم لاءِ هيا، ان مناسبت سان ڪين شرعي احڪام ڏنا ويا، ان ڪري هر ايندڙ رسول جي ڏينهن ۾ شريعت جي احڪامن ڪي تغيّر ۽ تبدّل ٿيندو رهيو، جيڪو انساني فطرت جو اهم جزو هيو. تانجو آخري نبي، آخري ڪتاب سان آيو، جيڪو ڪتاب پوين ڪتابن جي تعليم جو محافظ ۽ دين جي تڪميل جو پيغام هيو. يهودي پنهنجي نسلي فوقيت ۽ علمي وراثت ڪي رڳو پاڻ لاءِ مخصوص سمجهندا هيا ۽ اعتراض تي اعتراض ڪندا رهندا هيا. اهل ڪتاب جو اهو به اعتراض آهي ته جڏهن خدا جا وحي ڪيل ڪتاب موجود آهن ته پوءِ هن نئين ڪتاب "القرآن" جي ڪهڙي ضرورت آهي. پر جيڪڏهن اهو مڃجي به ته هي ڪتاب (قرآن) به الله طرفان نازل آهي ته پوءِ هن جا احڪامات خدا جي نازل ڪيل اڳين ڪتابن جي ابتڙ ڇو آهن. هن ڪي ٻڌاءِ ته اسان پنهنجي ڪجهه حڪمن ڪي وقت ۽ ماحول جي ضرورتن مطابق بلڪل بدلڻ گهرون ٿا ۽ ان جي عيوض انهن کان وڌيڪ بهتر ۽ مفيد حڪم ڏيڻ گهرون ٿا (المائده: 48/5، الانعام: 114/6-115-116) يا ڪجهه پوين حڪمن ڪي جن تي عمل نه ٿي رهيو آهي، اسان انهن ڪي تبديل ٿيڻ کان وساري يا ڇڏي ڏيون ٿا ۽ انهن وساريل يا ڇڏي ڏنل احڪامن جهڙا وري ٻيا حڪم حالات ۽ وقت جي تقاضائن موجب آڻيون ٿا. ان ڪري پوين حڪمن جي بدلي يا انهن جهڙا وري نوان حڪم آڻڻ ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ آهن. (الرعد: 39/13، النحل: 16/ 101، الحج: 52/22) معلوم هئڻ گهرجي ته الله تبارڪ و تعالىٰ جو ڪم حڪمت وارو صحيح اندازن ۽ وقتي ضرورتن مطابق هوندو آهي، جنهن جي هو پوري طرح قدرت رکي ٿو. (المائده: 48/5، الحجر: 9/15) ان ڪري خدا جي حڪمن ۾ شڪ شبها پيدا ڪرڻ بي جاءِ ۽ بي سبب آهي.

شريعت جا آخري احڪام سورة البقره ۽ ٻين مدني سورتن کان بيان ٿيندا، سورة المائده جي آيت "اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِىۡ وَرَضِيۡتُ لَكُمُ الۡاِسۡلَامَ دِيۡنًا" تي ختم ٿيا آهن. هاڻي هيءُ دين ان حالت ۾ قيامت تائين ساڳيو جاري رهندو. تنسيخ ۽ تحريف جو اهو سلسلو نه رڳو پوين شريعتن سان لاڳو رهيو، پر قرآني حڪم جي ڪيترئن ئي حڪمن ڪي بتدريج نافذ ڪيو ويو. جهڙيءَ طرح شراب، سود، زنا جهاد وغيره آهي. حڪمن ۾ آهستي آهستي عمل ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن تنسيخ نه به سڏجي، ته به تبديلي ضروري آئي آهي يا ان ڪي وڌيڪ سهل ۽ موزون بڻايو ويو آهي. امام ابومسلم راغب اصفهاني نسخ جو انڪار ڪيو آهي. شاه ولي الله رحمه الله "الفوز الڪبير" ۾ ان جو

دلڪش ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ تنسيخ، تبديل ۽ ڇڏي ڏنل آيتن تي تفصيلي بحث آهي، جيڪو ضرور ڏسڻ گهرجي. (المائده: 48/5، الانعام: 114/6 کان 116، الحجر: 9/15، النحل: 101/16، الحج: 52/22) نسخ ٿيل شريعت جي تبديلي ۽ نسيان ٿيل جي تجديد سنت الٰهي آهي. هنن کي خبردار ڪر ته ان الله تي جنهن جي زمين ۽ آسمانن تي بادشاهي آهي ڪنهن به ماڻهوءَ کي حق نٿو پهچي ته هو ان تي اعتراض ڪري. پر ان هوندي به جيڪڏهن هي ڇمي گويون ڪن ٿا ۽ پنهنجي ٻي ڏنگي روش کان باز نٿا اچن ته ڪين معلوم هئڻ گهرجي ته هر مشڪلات ۽ مصيبت ۾ الله کانسواءِ ڪو به هنن جو ولي وارث ڪارساز ۽ مددگار نه آهي. هنن کي ٻڌاءِ ته ڇا هو پنهنجي هن رسول خاتم النبيين ﷺ کان پنهنجي دين اسلام جي باري ۾ اهڙا سوال ڪرڻ گهرو ٿا، جهڙا هن کان اڳ بني اسرائيل موسىٰ عليه السلام کان ڪيا هئا. ياد رکو ته جيڪو به اهڙا بيجا ۽ ٻي ڏنگا سوال پڇي حق ۽ سچائي واري سڌي رستي ۾ رووڪڙ پيدا ڪري ٿو ۽ سچي دين جي راهه ڇڏي ايمان عيوض ڪفر خريد ڪري ٿو. يقين ڪريو ته اهو سڌي رستي کان ڀلجي ڀٽڪي گمراهه ٿي ويو آهي. (المائده: 101/5) ظاهر آهي ته جيڪي منافق پاليسيءَ سبب مسلمانن جي صف ۾ شامل هيا، اهي ئي اهڙيون حرڪتون ڪندا رهيا ۽ ايمان جي راهه ڇڏي، ڪفر اختيار ڪندا هيا. هت انهن منافقن جو ذڪر ٿي رهيو آهي، جيڪي پنهنجي منافقانه روش سان اوهان کي ڏوڪو ڏئي ايمان کان باز رکڻ گهرن ٿا.

وَدَّ كَثِيرٌ مِّنْ أَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يَرُدُّونَكُم مِّنۢ بَعْدِ إِيمٰنِكُمْ كُفَّارًا ۚ حَسَدًا
مِّنْ عِندِ أَنفُسِهِم مِّنۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْحَقُّ ۖ فَاعْفُوا وَاصْفَحُوا حَتّٰى
يَأْتِيَ اللَّهُ بِأَمْرِهِ ۗ إِنَّ اللَّهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٠٩﴾ وَأَقِيمُوا الصَّلٰوةَ وَآتُوا الزَّكٰوةَ ۚ الثلثة
وَمَا تُقَدِّمُوا لِأَنفُسِكُم مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوهُ عِندَ اللَّهِ ۗ إِنَّ اللَّهَ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿١١٠﴾

اهل ڪتاب مان اڪثر جي اها خواهش آهي ته اوهان جي ايمان آڻڻ کان پوءِ هو اوهان کي ڪفر طرف موٽائي آڻن، ان حسد ۽ ساڙ سبب جيڪو (اوهان جي لاءِ) هنن جي دلين ۾ آهي. حالانڪ انهن تي حق (سچائي) پوري طرح ظاهر ٿيا آهن.

ان ڪري اوهان درگذر ڪندا رهو ۽ (هنن جي سازش ڪي) نظرانداز ڪريو. جيستائين الله پنهنجو حڪم صادر ڪري. بيشڪ الله هر شيءِ تي ڪامل قدرت رکي ٿو. (109) ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيندا رهو (ياد رکو) اوهان پنهنجي لاءِ جيڪا بہ نيڪي اڳتي موڪليو ٿا اها الله وٽ اوهان کي ملي ويندي. الله اوهان جي پوري ڪارگذاري ڏسي رهيو آهي. (110)

اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ اهل ڪتاب مان وڏي اڪثريت چاهي ٿي تہ اوهان کي ايمان قبول ڪرڻ ڪان پوءِ وري ڪافر بڻائي. توڙي ڪٽي هنن کي اوهان جي حق ۽ سچائي بہ معلوم ٿي چڪي آهي، پر پوءِ بہ هو پنهنجي اندر جي حسد ۽ ساڙ سبب نٿا گهرن تہ اوهان فلاح ۽ ڪاميابيءَ وارا هجو. هنن جي انهي نامناسب رويي سبب في الحال اوهان تيش ۾ اچي هنن سان لڙائي جهڳڙي کان گريز ڪريو ۽ تيستائين عفو ۽ درگذر ڪرڻ کان ڪم وٺو، جيستائين الله پاران اوهان جي حق ۾ مدد ۽ نصرت جو حڪم جاري ٿئي. (المائده: 13/5، الحجر: 85/15، المزمل: 10/73، المدثر: 7/74) الله کي هر شيءِ جو اندازو آهي ۽ هو هر شيءِ تي پوري پوري قدرت رکي ٿو ۽ پوري پوري وقت تي حق ۽ باطل جا مثبت ۽ منفي نتيجا ظاهر ڪري ٿو. اوهان پنهنجي هن حڪمت عملي کي وڏيڪ مضبوط ۽ مستحڪم رکڻ لاءِ اقامت صلواة ۽ ايتاءِ زڪوات يعني نماز ۽ زڪوات جي نظام کي قائم رکو ۽ پنهنجي مستقبل لاءِ جيڪو بہ چڱا ڪم ڪندؤ تہ يقين ڄاڻو الله وٽ ان جي چڱن نتيجن کي ضرور حاصل ڪندو. (الحشر: 18/59، المزمل: 20/73، النبا: 40/78) اوهان هن وقت دشمنن جي بدخواهي باوجود صبر استقامت، عفو درگذر کان ڪم وٺي نماز ۽ زڪوات (البقره: 3/2) وسيلي پنهنجي تربيت ۽ پنهنجي معاشري جي بهبود ۽ ڀلائي جا ڪم ڪندا تہ الله اوهان جي انهن سڀني نيڪ ڪمن کان پوري طرح واقف آهي ۽ ان جا سٺا نتيجا وقت مقرر تي ضرور حاصل ٿيندا. (الحشر: 20/39، المزمل: 20/13، النبا: 40/78)

منافق پنهنجن مڪروهہ منصوبن ۾ ناڪام رهندا ۽ ڪاميابي ۽ ڪامراني اوهان جا قدم چمندي. هنن جي اها خام خيالي سندن شرمندگي ۽ ناڪاميءَ جو سبب بڻبي.

وَ قَالُوۡا لَنۡ یَّدۡخُلَ الۡجَنَّۃَ اِلَّا مَنۡ کَانَ ہُوۡدًا اَوۡ نَصٰرٰی ؕ تِلۡکَ اَمَانِیُّہُمۡ ؕ
قُلۡ ہَاتُوۡا بُرۡہَانَکُمۡ اِنۡ کُنۡتُمۡ صٰدِقِیۡنَ ﴿۱۱۱﴾ بَلٰی ٭ مَنۡ اَسۡلَمَ وَجۡہَہٗ لِلّٰہِ وَ ہُوَ
ع ١٣ ٩ ١٣ مُحۡسِنٌ فَلَہٗۤ اَجۡرُہٗ عِنۡدَ رَبِّہٖ ۪ وَ لَا خَوۡفٌ عَلَیۡہِمۡ وَ لَا ہُمۡ یَحۡزَنُوۡنَ ﴿۱۱۲﴾ ع

**اهي (اهل ڪتاب) چون ٿا تہ يهودي يا نصرانيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ بهشت ۾ ڪڏهن بہ داخل ٿي نہ سگهندو. هي هنن جون باطل اميدون آهن. اي حبيب خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ! تون هنن کي چئو تہ جيڪڏهن اوهان سچا آهيو تہ پوءِ (انهيءَ دعوىٰ جي) ڪا سَنَدَ پيش ڪريو. (111) ها، جنهن ماڻهوءَ پنهنجو منهن الله آڏو جهڪايو (يعني الله آڏو پاڻ کي حوالي ڪيو) ۽ احسان جو رستو اختيار ڪيو تہ ان جي واسطي سندس پروردگار وٽ وڏو اجورو آهي. اهڙن ماڻهن کي نہ خوف هوندو ۽ نہ وري غمگين ٿيندا. (112)**

هن کان اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي تہ يهود جو اسلام قبول نہ ڪرڻ جو سبب سندن دلي حسد ۽ عناد آهي ۽ هو ان ڳالهہ تي اندر ئي اندر ۾ جلندا سڙندا رهندا هيا تہ نبوت بني اسرائيل جو موروثي حق آهي، اهو هن خاندان کان ٻاهر ڪيئن ويو. ان ڪري محض تعصب ۽ حسد سبب حق ۽ سچ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ هر وقت مسلمانن کي اسلام کان ڦيرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا هيا. انهن ڪوششن ۽ تدبيرن مان هڪ اها بہ هئي تہ اسان راهہ راست تي آهيون. هي اهل ڪتاب يهودي دعوىٰ ڪن ٿا تہ يهودي هجڻ کانسواءِ ڪوبہ ٻيو ماڻهو جنت ۾ وڃي نٿو سگهي، ڇوتہ دين حق يهوديت آهي. اهڙي طرح عيسائي چون ٿا عيسائي هجڻ کانسواءِ ڪو بہ بهشت پيڙو ٿي نٿو سگهي، ڇوتہ سچو دين فقط نصرانيت آهي. يعني هنن جو خيال آهي تہ هدايت يافتہ هجڻ لاءِ يهودي يا نصارىٰ هجڻ لازمي آهي. ان کانسواءِ ٻين کي هدايت نصيب ڪا نہ ٿيندي. يهود ۽ نصارىٰ جي دعوىٰ بابت هي ساڳيو مضمون آيت نمبر 135 ۾ بہ آيو آهي. جڏهن ڪنهن کي هدايت ئي نہ ملندي تہ پوءِ هو جنت ۾ ڪيئن داخل ٿيندو. اي خدا جا سچا رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم ! هي هنن

جون هٿ نوڪيون جڙتو خواهشون آهن. حقيقت ائين نہ آهي. تون هنن کان پڇ تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي دعوىٰ ۾ سچا آهيو تہ پوءِ ان جي سچائي جي تائيد ۾ مضبوط دليل پيش ڪريو. (البقره: 135/2) دراصل عالمگير سچائي تہ اها آهي جيڪا قرآن پيش ڪئي آهي ۽ انهن پوين تمام سچائين جي تصديق بہ ڪري ٿو، مگر ماڻهن انهيءَ عالمگير سچائي ۾ پنهنجي پنهنجي پسند، مفاد ۽ اغراض لاءِ تبديليون ڪري پنهنجا پنهنجا جدا مذهب ۽ مسلڪ ناهي ڇڏيا آهن ۽ هر ٽولو پنهنجي پنهنجي مذهب کي سچو قرار ڏئي رهيو آهي. "كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ" (الروم: 30/ 32) پر عالمگير سچائي رڳو قرآن پيش ڪئي آهي. ها نجات ۽ ڪاميابيءَ جو رستو مذهبي گروهہ بندي ۾ نہ، پر عمل صالح ۽ ايمان ڪامل ۾ آهي. ان ڪري جيڪو بہ الله جي آڏو سر بسجود ٿيو ۽ نيڪوڪار ٿيو (البقره : 3/2) اهو پنهنجي انهي نيڪو ڪاري ۽ خدا جي فرمانبرداري جو اجر ضرور ماڻيندو. هو سمورن خوف خطرن ۽ ڏکن ڏولاون کان آجو هوندو. هت لفظ "مُحْسِنٌ" استعمال ٿيو آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ دين جو هر عمل اهڙي بهترين طريقي سان ڪيو وڃي، جو ان جو روح، معنىٰ ۽ الفاظ سڀ هم نوا، هم آواز ۽ هم توازن هجن. حديث جبرئيل ۾ "اِحْسَانُ" جو لفظ آيو آهي، جيڪو ان عمل جو نالو آهي، جو اهڙي احساس سان ڪيو وڃي، تہ ڄڻ اسان الله کي ڏسي رهيا آهيون، يا هو اسان کي ڏسي رهيو آهي. قرآن مجيد بار بار "اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ" جو ذڪر ڪري رهيو آهي. يعني اهڙو ايمان، جو دل جي سچائين سان احڪامِ الاهي تي آماده ڪري، پر يهود ۽ نصارىٰ هن نعمت کان محروم آهن ۽ سندن دينِ حق جي مخالفت جو بہ عجيب رويو آهي. هنن جا پاڻ ۾ ڪيترائي اختلاف ڇو نہ هجن، پر هو پنهنجا سمورا اختلاف هڪ طرف رکي، دين اسلام جي مخالفت ۾ متحده محاذ تي وڃن ٿا، پر جڏهن پاڻ ۾ ملن ٿا تہ هڪ ٻئي جي دين کي گمراهہ دين سمجهن ٿا.

وَ قَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَیْءٍ ۪ وَّ قَالَتِ النَّصٰرٰى لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَیْءٍ ۙ وَّ هُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١١٣﴾

۽ يهودي چون ٿا تہ نصاريٰ ڪنهن سڌري راهہ (يا دين) تي نہ آهن ۽ نصاريٰ چون ٿا تہ يهودي ڪنهن صحيح راهہ (عقيدي) تي نہ آهن، حالانڪ اهي سڀ ڪتاب (توريت) پڙهن ٿا. اهڙي طرح هو (مشرڪ) جن وٽ بلڪل (وحيءَ جو) علم نہ آهي، اهي بہ هنن واري ساڳي ڳالهہ ورجائين ٿا. پوءِ قيامت جي ڏينهن الله پاڻ هنن جي درميان فيصلو ڪندو جنهن (عقيدي، دعويٰ) ۾ هو پاڻ ۾ اختلاف ڪري رهيا آهن. (113)

اهل ڪتاب يعني يهودي ۽ عيسائي ٻئي ڌريون اسلام مخالفت ۾ تہ بلڪل هڪ آهن، پر انهن ٻنهي جي وچ ۾ مذهبي ۽ عقائد ۾ ايترا تہ اختلاف آهن، جو يهودي چون ٿا تہ عيسائي بي دين آهن تہ وري عيسائي چون ٿا تہ يهودي بي دين آهن. حالانڪ ٻئي الله جو ڪتاب پڙهن ٿا، جنهن ۾ ٻنهي لاءِ هڪ ئي نظام زندگيءَ يا دين جو ذڪر آهي، پر ٻئي ڌريون مذهبي گروهہ بندي ڪري سچ ۽ حق جي راهہ ڪان هٽيل آهن. تيستائين هو ان ذاتي مفادن واري اختلاف ڪان نڪري نہ سگهندا، جيستائين عذاب الاهي کين گهيري نہ وٺي. (آل عمران: 105/3) قرآن ڪريم جي مطابق انساني معاشرو انقلاب عظيم ڪان غلبو حاصل ڪندو. (هود: 11/119-118، الصف: 9/61) بلڪل اهڙيءَ طرح جيڪي ڪتاب الاهي ڪان بي بهره (مشرڪ) آهن، اهي بہ عيسائين ۽ يهودين وانگر چون ٿا تہ اسان حق تي آهيون. هي سمورا گمراهہ طبقا جيڪي پنهنجي پنهنجي مذهب، عقيدي يا رسم و رواج جي برحق هجڻ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن ۽ هڪ ٻئي سان تڪرار ڪري رهيا آهن. (آل عمران: 105/3) فيصلي واري ڏينهن الله تبارڪ و تعاليٰ هنن جي درميان فيصلو صادر ڪندو تہ انهن مڙني مان ڪير حق تي آهي.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى فِيْ خَرَابِهَا ؕ
اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَآ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ لَهُمْ فِى الدُّنْيَا خِزْيٌ وَّلَهُمْ فِى
الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١١٤﴾ وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۚ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ
اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾

(يهودين ۽ نصارن جي انهيءَ ذاتي اختلاف باوجود هو گڏجي مسلمانن ۽ سندن عبادت گاهن ۽ مسجدن جي مخالفت ڪن ٿا) ڀلا ان شخص کان وڏيڪ ٻيو ڪير اهڙو ظالم هوندو، جيڪو الله جي مسجدن ۾ جيڪو هن جي اسم گرامي جي ذڪرڪرڻ کان روڪي ۽ ان کي ويران ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. هنن لاءِ ته مناسب ئي نه هيو ته هو مسجدن ۾ خدا جو خوف دل ۾ رکڻ کان سواءِ داخل ئي نه ٿين ها. هنن لاءِ دنيا ۾ به خواري آهي ته آخرت ۾ به وڏو عذاب آهي.(114) (جيڪڏهن مخالف ڪعبة الله ڏانهن منهن ڪري عبادت ڪرڻ کان خوش ناهن ته پوءِ ڪين چؤ ته) مشرق ۽ مغرب الله جا آهن. هو هر سمت ۽ مقام جو مالڪ آهي. ان ڪري جنهن طرف به رخ ڪندؤ ته ان طرف ئي الله آهي. الله نهايت وسعت وارو ۽ سڀڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي. (115)

قرآن جي هن انقلاب آفرين نظام جو بنياد انهن مؤمنن جي هٿان رکيو تو وڃي، جيڪي الله جي دين کي هڪ نظام طور معاشري ۾ نافذ ڪرڻ گهرن ٿا، جنهن جي ابتدا ان مرڪزي مقام کان ڪئي ٿي وڃي، جيڪو مقام پوري عالم اسلام لاءِ مخصوص آهي ۽ جتي صرف هڪ الله جي عبادت ڪئي وڃي ٿي ۽ ان جي حڪمن جي اطاعت ڪئي وڃي ٿي. سڄي عالمگير انساني برادريءَ جي اتحاد ۽ مساوات جو درس ڏنو تو وڃي ۽ اهو بيت الله سمورن مسجدن جو مرڪزي مقام آهي. دنيا ڀر جون عبادتگاهون ان جون شاخون آهن ۽ ان سان منسلڪ آهن، جن سان "اَلْمُسْلِمُوْنَ اِخْوَةٌ" يعني مسلمان برادريءَ جي حيثيت ۾ اسلام جي هڪ لڙهيءَ ۾ تسبيح جي داڻن وانگر اتحاد ۾ پوتل آهن. دراصل اهي مؤمن ئي ڪعبة الله جا حقيقي وارث ۽ حقدار آهن ۽ جيڪي ڪافر يا مشرڪ حاجي حضرات کي پاڻي پيارين ٿا، ڪعبة الله جا خدمتگذار آهن، يا ٻيا ڪافر، اهي حقيقي نگهبان نه آهن. (التوبه: 107/9- 19 ۽ 17) ٻئي طرف هنن ڪافرن جا مذهبي اختلاف ۽ گروهه بنديون انهيءَ حد تائين وڌي ويون آهن، جو هر ٽولي پنهنجي پنهنجي الڳ عبادتگاهه ناهي ڇڏي آهي ۽ هو پنهنجي عبادتگاهه کانسواءِ ٻئي گروهه يا جماعت جي عبادت گاهه کي ناجائز ۽ غلط قرار ڏئي ان کان روڪين ٿا يا ان کي مسمار ڪن ٿا. (التوبه: 107/9 کان 110) ڀلا ان ماڻهوءَ کان

وڏيڪ ظالم ڪير هوندو، جيڪو الله جي گهر مسجد ۾ ماڻهن کي الله جي ذڪر ڪرڻ ۽ عبادت ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ اهڙي طرح انهن (مسجدن) جي ويراني جي ڪوشش ڪري ٿو. جن ماڻهن جو اهو برو حال آهي اهڙن ماڻهن کي ته مسجدن ۾ اچڻ جي اجازت به ناهي. (التوبه: 8/9 ۽ 107-108، الجن: 18/72) سواءِ هن جي ته هو پنهنجي دهشتگردي سان ٻين کي خوفزده ڪرڻ بدران جماعت مسلمين جي هيبت، دهشت، هشمت ۽ خدا جي خوف کان خائف ٿي عبادت الٰهي لاءِ اچن. اهڙن تخريبڪار ماڻهن لاءِ هن دنيا ۾ به ذلت ۽ خواري آهي ته آخرت ۾ به انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. هنن کي معلوم هئڻ گهرجي ته خدا جي بندگي ڪنهن خاص عمارت يا احاطي ۾ محدود ناهي، انسان محبت ۽ خلوص سان جتي به سربسجود ٿيندو ته اتي ان جي بندگيءَ ۽ عبادت قبوليت جو درجو پائيندي. ان ڪري ياد رکڻ گهرجي ته اوڀر هجي يا اولهه (ڏکڻ هجي يا اتر) هي ساري دنيا الله جي آهي، جتي جتي به اوهان الله ڏانهن متوجه ٿيندو ته اتي اتي الله اوهان جي آڏو هوندو. الله جي ذات پاڪ غير محدود آهي. ان لاءِ ڪو خاص هنڌ يا خاص عبادت گاهه جو شرط نه آهي. هو هر هنڌ موجود آهي. "وَهُوَ مَعَكُمۡ اَيۡنَ مَا كُنۡتُمۡ ؕ" (الحديد: 4/57) اوهان جتي به هجو اتي الله آهي. معلوم هجڻ گهرجي ته ڪعبة الله نوع انسان جي عالمي اجتماع جو مرڪزي مقام آهي، جنهن ۾ وحدتِ انسانيت جو پيغام آهي. ان ڪري دنيا جي مسلمانن کي ان ڏانهن رخ ڪري نماز جو حڪم ڏنو ويو آهي، جنهن ڏانهن هر طرف کان متوجه ٿيڻ جو حڪم آهي اولهه، اوڀر، اتر ۽ ڏکڻ وارن جو ان هڪ مرڪز ڏانهن رخ آهي. (آل عمران: 96/3)

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙيين ڪٽس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سجڻ سامهان. (شاهه)

جيڪڏهن مخالفن پاران مڪه مڪرّمه اچڻ ۽ مسلمانن جي دين حق جي تبليغ ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون ته هي ڪعبة الله مشرق مغرب، شمال جنوب هر طرف کان توجه جو مرڪز رهندو، جنهن کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. ياد رهي ته يهود ۽ نصاریٰ به بيت المقدس جي مقامِ عبادت تي متفق نه آهن. ٻنهي جو قبلو بيت المقدس آهي. نصارن حضرت مريم عليها السلام جي اعتڪاف واري مقامِ مشرف کي قبلو بنايو آهي ۽ يهود ان جي ضد ۾ مغرب طرف قبلو بنايو آهي.

وَقَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ بَلْ لَّهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ
قٰنِتُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ
فَيَكُوْنُ ﴿۱۱۷﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَآ اٰيَةٌ ؕ
كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ؕ تَشَابَهَتْ قُلُوْبُهُمْ ؕ قَدْ بَيَّنَّا
الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۱۱۸﴾

۽ هو چون ٿا تہ الله ڪنهن کي پنهنجو پٽ بڻايو آهي، حالانڪ هو (ان ڪان) پاڪ آهي بلڪ جو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي (اهو سڀ) سندس ئي (ملڪيت) آهي ۽ اهي سمورا ان جا فرمانبردار آهن. (116) اهوئي آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي عدم ڪان وجود ۾ آندو ۽ هو جڏهن بہ ڪنهن کي ايجاد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو تہ پوءِ بس رڳو اهو فرمائي ٿو تہ ”ٿيءُ“ تہ ٿي وڃي ٿو. (117) ۽ جيڪي ماڻهو ڄاڻ نٿا رکن ۽ چون ٿا تہ الله اسان سان ڇو نٿو ڪلام ڪري يا اسان ڏانهن (سڌي طرح) ڪا نشاني (آيت) ڇونہ ٿي اچي. اهڙي طرح هنن کان اڳ وارن ماڻهن بہ انهن وانگر چيو هيو. هنن سيني (اڳين توڙي موجوده) ماڻهن جون دليون پاڻ ۾ هڪجهڙيون آهن. بيشڪ اسان يقين وارن لاءِ چٽيون نشانيون (آيتون) کولي بيان ڪيون آهن. (118)

يهودين جي بدنصيبي ۽ بي دينيءَ جو داستان تہ ٻڌي چڪا آهيون. هاڻي عيسائين کان پڇو تہ اوهان کهڙي منهن سان خدا تي ايمان آڻڻ جي دعویٰ ڪري رهيا آهيو. جڏهن الله عزوجل جي ذات اقدس لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ متعلق اهڙو پست ۽ رقيق قسم جو اوهان تصور پيش ڪري رهيا آهيو تہ الله جو هڪ پٽ آهي، گويا اوهان خدا جي لاشريڪ ذات کي انسانن جي سطح تي آڻي ڇڏيو آهي. هو هن سطح کان گهڻو بلند بالاتر آهي ۽ اهڙي تصور کان گهڻو پري آهي. اهڙن باطل خيالن ۽ عقيدن بعد ذرا عيسائين کان تہ پڇو اوهان کهڙي

منهن سان چؤ تا تہ جنت ۾ رڳو اوهان عيسائي وجي سگهو ٿا، بيو ڪير بہ نہ ويندو يا چؤ ٿا تہ هدايت رڳو عيسائي پائي سگهن ٿا. حالانڪ جنهن خدا جي هٿ ۾ جنت ۽ هدايت آهي، ان بابت اوهان جو تصور ڪيترو نہ پست ۽ بي هودو آهي، جو اوهان چؤ ٿا تہ الله ڪي پٽ آهي جيڪو سيني انسانن جي گناهن جي معافيءَ جو ذميوار آهي، حالانڪ الله جي لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ ذات انهن شين ڪان پاڪ آهي، هي هڪ جان تہ ڇا، پر جو زمين ۽ آسمانن ۾ موجود آهي، اهو سڀ ڪجهہ سندس (مخلوق) آهي ۽ هر شي ان جي حڪم ۽ امر جي اطاعت گذار آهي. اوهان وٽ الله لا شريڪ له جو تصور هڪ عام انسان وارو يعني اولاد پيدا ڪرڻ (توليد) وارو آهي. پر الله تہ اهو آهي جيڪو زمين ۽ آسمانن جو پهرئين پيري عدم ڪان وجود ۾ آڻڻ وارو آهي، هو جڏهن بہ ڪنهن بہ شيءِ جي پيدا ڪرڻ جو فيصلو ڪندو آهي تہ بس اها شيءِ وجود ۾ اچي ويندي آهي تہ پوءِ اهڙي قادر مطلق ۽ تمام قوتن ۽ اختيارن جي ڌڻيءَ ڪي جو پوري ڪائنات "ڪُنۡ" سان پيدا ڪري سگهي ٿو، ان کي هڪ پٽ پيدا ڪرڻ جي ڪهڙي حاجت يا ضرورت آهي. مشرڪين عرب جهڙا عقل جا انڌا بيا اهڙا ماڻهو بہ آهن، جيڪي چون ٿا جيڪڏهن الله اهو سڀ ڪجهہ اسان جي هدايت ۽ رهبريءَ لاءِ ڪيو آهي تہ پوءِ هو اسان سان براهہ راست گفتگو ڪري. (البقره: 55/2، بني اسرائيل: 17/93-90) يا اسان جي اڏو ڪا اهڙي چٽي آيت يا نشاني چو نٿو ظاهر ڪري جنهن کي ڏسي اسان مڃي وجون تہ واقعي اهو حڪم خداوندي آهي. اهڙي بيجا دعویٰ ڪندڙ خدا جي وحي موڪلڻ واري پوري نظام ڪان آگاهہ نہ آهن. (الشوریٰ: 51/42) هي رڳو هنن جي ذهن جي اختراع نہ آهي، پر اهڙيون ڳالهيون هنن ڪان اڳ وارن ماڻهن بہ ڪيون آهن. هنن سيني اڳين ۽ پوين جا خيال هڪجهڙا آهن. (الذاريات: 52/51) حديث شريف ۾ آهي "مَنۡ تَشَبَّهَ بِقَوۡمٍ فَهُوَ مِنۡهُمۡ" (سنن ابوداؤد) جنهن ڪنهن قوم سان مشابهت ڪئي، تہ اهو بہ انهن مان آهي.

پر ان هوندي بہ جيڪڏهن هو واقعي يقيني نشانيءَ جا طلبگار آهن تہ پوءِ اکين تان هٺ ۽ حسد جا پردا هٽائي دل جي صداقت ۽ بصيرت سان نظر ڊوڙائين تہ يقين ۽ پڪو پختو ايمان رکندڙن لاءِ ڪيتريون ئي نشانيون نمايان طور ظاهر ڪيون آهن، جيڪي انفس ۽ آفاق تاريخ ۽ آثار ۾ واضح دليلن سان قرآن اندر موجود آهن، پر عقل جي انڌن ۽ ايمان جي انڪارين کي اهي نظر نٿيون اچن. (الڪهف: 29/18، الدهر: 3/76)

إِنَّآ أَرۡسَلۡنٰكَ بِالۡحَقِّ بَشِيۡرًا وَّ نَذِيۡرًا ۙ وَّلَا تُسۡـَٔلُ عَنۡ أَصۡحٰبِ الۡجَحِيۡمِ ﴿١١٩﴾ وَلَنۡ
تَرۡضٰى عَنۡكَ الۡيَهُوۡدُ وَلَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمۡ ؕ قُلۡ إِنَّ هُدَى اللّٰهِ
هُوَ الۡهُدٰى ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعۡتَ أَهۡوَآءَهُمۡ بَعۡدَ الَّذِيۡ جَآءَكَ مِنَ الۡعِلۡمِ ۙ مَا
لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿١٢٠﴾ اَلَّذِيۡنَ اٰتَيۡنٰهُمُ الۡكِتٰبَ يَتۡلُوۡنَهٗ حَقَّ
تِلَاوَتِهٖ ؕ أُولٰٓئِكَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ ؕ وَمَنۡ يَّكۡفُرۡ بِهٖ فَأُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿١٢١﴾ ع

وقف منزل

(اي نبي مُڪرّم خَاتَمُ النَّبِيِّيۡنَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ) بيشڪ اسان توکي حق (سچ) سان (چڱن ڪمن جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (برن ڪمن جي نتيجي ڪان) ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي. توڪان جهنمين بابت ڪابہ پڇا ڪانہ ٿيندي.(119) يهود ۽ نصاریٰ تيستائين توڪان خوش نہ ٿيندا، جيستائين تون انهن جي مذهب جي پيروي نٿو ڪرين. تون چؤ تہ الله طرفان عطا ٿيل هدايت ئي (اصل) هدايت آهي. پر (بالفرض) تو هن علم بعد جيڪو توکي (الله طرفان) عنايت ٿيو آهي، هنن جي خواهشن جي پيروي ڪئي، پوءِ توکي الله ڪان بچائڻ وارو نہ ڪوئي دوست هوندو، نہ مددگار.(120) (ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ آهن) جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي ۽ هو ان کي ائين پڙهن ٿا، جيئن پڙهڻ جو حق هوندو آهي، اهي ماڻهو ئي (ڪتاب تي) ايمان رکن ٿا، پر جيڪي انڪار ڪري رهيا آهن، اهي ئي نقصان برداشت ڪرڻ وارا آهن. (121)

اي رسول خدا عليه التحية والسلام! پنهنجي سنت ۽ اصول مطابق اسان توکي پيغام حق ڏئي هنن پليل ۽ پٽڪيل انسانن جي هدايت ۽ رهبري لاءِ موڪليو آهي. (البقره: 129/2، النساء: 79-80/4، الرعد: 40/13، سبا: 28/34، الفتح: 48/ 10-9-8) تون نيڪ

عملن ڪرڻ وارن کي سٺن نتيجن جي خوشخبري ۽ بشارت ڏيندڙ آهين ۽ برا ڪم ڪندڙن کي سندن برن عملن عيوض برن نتيجن کان آگاهه ڪندڙ آهين. توکي ماڻهن جي هدايت ۽ رهبريءَ لاءِ موڪليو ويو آهي ته جيئن هو عمل صالح اختيار ڪري بداعمالي جي برن نتيجن کان بچي سگهن. جيڪڏهن اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي هدايت لاءِ چٽي نشاني جي گهر ڪري رهيا آهن، انهن لاءِ تنهنجي هن همدردانه ۽ مخلصانه دعوتِ حق کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي نشاني ٿي سگهي ٿي، جيڪا هنن جا شڪ شبها دور ڪري، ڪين راهه راست تي آڻي. پر جن ماڻهن پنهنجي لاءِ دوزخ جي باهه جو انتخاب ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي شقاوت ۽ بدبختيءَ تي قائم آهن، ته توتي ڪابه حجت يا ميار ناهي. تون هنن جي بدبختيءَ جو ذميدار نه آهين. تنهنجو ڪم پيغام رساني هو ۽ اهو تو پوري طرح عملي طور هنن تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

برو هو پنيور، جو آرياڻيءَ اجاريو
لاتو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽي هور
ڇوريون ڇرڻ سڪيون، پنهونءَ ڪيائون پور
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏِک ويهاريون. (شاهه)

الله طرفان موڪليل آيت يا نشاني اها آهي ته حق ۽ سچائي جي طلب رکندڙن لاءِ خدا جو رسول اچي ۽ تعليم الٰهي ۽ هدايت خداوندي جو پنهنجي زندگيءَ ۾ عملي طور اظهار (مظاهرو) ڪري، اها ئي سنت الٰهي يا طريقِ خداوندي آهي. هن حقيقت کان پوءِ به هي يهودي ۽ عيسائي تنهنجي نصيحت قبول ڪرڻ لاءِ راضي نه آهن. هي توکان رڳو تڏهن راضي ٿي سگهن ٿا جڏهن تون پنهنجو دين حقيقي ڇڏي هنن جي باطل عقيدن ۽ مذهب يا ملت جي پيروي نه ڪرين. (الاعراف: 3/7، يونس: 109/10، الرعد: 37/13) ان ڪري تون هنن کي صاف صاف طور ٻڌائي ڇڏ ته حق ۽ هدايت وارو سڌو ۽ صحيح رستو اهو آهي، جيڪو وحي ذريعي خدا جي طرفان ٻڌايو ويو آهي، جنهن تي ايمان آڻڻ لازم آهي. ”مَا اٰمَنَ بِالْقُراٰنِ مَنِ اسْتَحَلَّ مَحَارِمَهٗ“ (جامع ترمذي) جنهن قرآن جي حرام ڪيل شيءِ کي حلال سمجهيو، ان جو قرآن تي ايمان ناهي. جيڪو اوهان جي ڪتابن ۾ مسخ، محو ۽ تبديل ٿي

چڪو آهي، پر هينئر صرف قرآن ۾ موجود آهي. جنهن جي پيروي ڪرڻ اسان سڀني لاءِ لازم آهي. اِنَّ الدِّيۡنَ عِنۡدَ اللّٰهِ الۡاِسۡلَامُ (آل عمران: 19/3) الله جي طرفان دين آهي ته فقط اسلام آهي. وَمَنۡ يَّبۡتَغِ غَيۡرَ الۡاِسۡلَامِ دِيۡنًا فَلَنۡ يُّقۡبَلَ مِنۡهُ (آل عمران: 85/3) يعني جيڪو شخص اسلام کان سواءِ ڪو ٻيو دين ڳوليندو ته اهو قبول نه ڪيو ويندو. هن چِٽي هدايت جي معلوم هجڻ ڪانپوءِ به جيڪڏهن تو هنن جي گمراهه ڪن خواهش جي پيروي ڪئي ته پوءِ اها خدا جي ٻڌايل سڌي رستي ۽ رهبري جي بلڪل برخلاف هوندي، ان کان پوءِ تو کي الله جي دوستي ۽ حمايت حاصل نه رهندي ۽ تباهيءَ کان بچائڻ لا ڪوئي ڪارساز ۽ مددگار نه هوندو. ياد رهي ته هي مذهبي ڏڙابنديون انسانن جي گمراهيءَ جون مختلف راهون آهن. هدايت جو رستو بس رڳو هڪڙو آهي جيڪو وحي الٰهيءَ جي اصل تعليم جو مظهر آهي. جيڪو ان رستي تي هلندو ته اهو ئي ڪاميابيءَ جون منزلون ماڻيندو، باقي ٻيا سڀ رستا گمراهيءَ جا رستا آهن. اهي ماڻهو جن کي اسان الڪتاب (قرآن يا توريت، انجيل) ڏنو آهي ۽ اهي هن جي پوري پوري اتباع ڪن ٿا ته اهي ماڻهو ئي خدا وٽ سچا مؤمن آهن، پر ان جي برعڪس جيڪي ان ڪتاب جي ٻڌايل رستي جا انڪاري آهن، اهي يهودي، نصاريٰ مشرڪ يا ٻيا ڪير به هجن، اهي خساري ۽ نقصان وارا آهن. (البقره: 26/2) خدا وٽ دراصل مقبول رڳو هن جي حڪمن جي سچي دل ۽ خلوص نيت سان عبادت ۽ اطاعت ڪرڻ آهي. ڪنهن به مذهب يا فرقي، نسل يا نسب، علائقي يا سر زمين سان عمل کان خالي نسبت نجات يا فلاح جو ڪارڻ نه آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنۡ بَطَّأَ بِهٖ عَمَلُهٗ لَمۡ يُسۡرِعۡ بِهٖ نَسَبُهٗ" (صحيح مسلم) جنهن جو عمل هن کي پٺتي ڪري ڇڏي، ان جو خاندان ڪيس اڳتي نه ڪندو. تنهنجو فرض منصبي دين اسلام جو پيغام پهچائڻ آهي. چڱن ڪمن جي نتيجي ۾ جنت جي بشارت ۽ برن ڪمن جي نتيجي ۾ دوزخ جو عذاب آهي. باقي هنن ماڻهن کي هدايت تي هر حالت ۾ وٺي آڻڻ تنهنجي منصب ۾ نه آهي، ان ڪري مؤمنن کي سندن عمل جو فائدو ۽ ڪافرن کي سندن ڪيتي تي پوڳڻ سندن اختيار ۽ ارادي جو ثمر آهي.

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جہنم بھی
یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری (اقبال)

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ۝١٢٢ وَاتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْــًٔـا وَّلَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّلَا تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ۝١٢٣

اي بني اسرائيل! منهنجي ان نعمت کي جيڪا مون اوهان تي ڪئي آهي، ان کي ياد ڪريو ۽ مون اوهان کي هن دؤر جي سمورن ماڻهن تي فضيلت ڏني آهي. (122) ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو، جڏهن ڪوبہ ماڻهو ڪنهن ٻئي جي بدلي ۾ نہ اچي سگهندو ۽ نہ وري ان کان سندس نجات لاءِ ڪو معاوضو قبول ڪيو ويندو ۽ نہ وري (الله جي اجازت کان سواءِ) سفارش سودمند ثابت ٿيندي ۽ نہ وري ڪا مدد ڏني ويندي. (123)

هن آيت جو مضمون هن کان اڳ آيت نمبر 48 ۾ اچي چڪو آهي. ياد رهي تہ پوين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو هو تہ يهود جي دين حق ۾ اچڻ جي رڪاوٽ اهو نسلي امتياز آهي تہ اسان حضرت ابراهيم ؑ جي اولاد مان آهيون، ان ڪري هدايت ۽ نجات صرف تڏهن ملندي، جڏهن يهود ۽ نصاريٰ مان ڪنهن جو دين اختيار ڪجي. هنن آيتن ۾ يهود ۽ نصاريٰ جي انهيءَ باطل زعم کي رد ڪرڻ لاءِ حضرت ابراهيم ؑ ۽ ان جي فرزندن جو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ اوهان جو اهو عقيدو باطل آهي. هاڻي بني اسرائيل کي ياد ڏياريو ٿو وڃي تہ "سنت الله" يعني قانون خداوندي مطابق قومن ۽ افراد جي جزا ۽ سزا ترقي ۽ زوال، ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جا نتيجا انهن جي اعمال جي روشنيءَ ۾ رونما ٿيندا آهن. اها ڳالهہ ڪيتري قدر حقيقت تي مبني آهي. ان سلسلي ۾ فرمان خداوندي آهي تہ اي بني اسرائيل! منهنجون اهي نعمتون ۽ نوازشون ياد ڪريو، جن سان مون توهان کي نوازيو هو ۽ اوهان کي ان وقت جي قومن تي برتري ۽ بالادستي عطا ڪئي هئي. پر جڏهن اوهان خدا جي قانون جي انحرافي ڪئي تہ خدا جي انهن نعمتن کان محروم ٿي ويا. جڏهن توهان ۾ نہ آئين ۽ قانون جو احترام باقي رهيو آهي ۽ نہ وري ڪو عدل و انصاف جو خيال رهيو

آهي. حق ۽ سچ جي راهہ کان دور رهڻ سبب توهان ۾ هر قسم جي خرابي چوٽ چڙهي وئي آهي. احتساب جو اهو ڏينهن ضرور اچڻو آهي، جتي هرهڪ کي الله جي حضور ۾ پيش ٿي مجرم جي حيثيت ۾ جواب ڏيڻو آهي. (الانعام: 6 / 165-164) هاڻي پنهنجي انهيءَ بداعمالي ۽ قانون شڪني جي مڪافات عمل واري ان ڏينهن کان ڊڄو ۽ بچڻ جي ڪريو جو هر حال ۾ اچڻو آهي ۽ جنهن ڏينهن هر شخص کي پنهنجن اعمالن جو حساب ڏيڻو آهي. ڪو شخص ڪنهن ٻئي شخص جي عذاب، سزا مان ڪجهہ ٽاري نہ سگهندو ۽ نہ وري سندس بدلي ۾ عيوض ٻيو ڪجهہ قبول ڪيو ويندو تہ ڪجهہ ڏيتي ليتي ڪري جان ڇڏائي سگهي ۽ نہ وري ڪنهن جي سفارش ڪو فائدو ڏئي سگهندي مطلب تہ ڪو بہ حيلو وسيلو ڪنهن صورت ۾ ڪم نہ ايندو ۽ نہ وري اهڙن ڏوهارين جي ڪٿان مدد ٿي سگهندي. (البقره: 2/123-48، لقمان: 33/31، الفاطر: 18/35، الشوريٰ: 42/ 47، المعارج: 70/ 8 کان 18، عبس: 80/ 34، الانفطار: 18/82) آخرت جي ڏينهن هي حساب ڪتاب جو سلسلو نہ رڳو بني اسرائيل، پر هر قوم هر فرد لاءِ يڪسان آهي، جنهن ۾ امت محمديه بہ شامل آهي.

حضرت ابراهيم عليه السلام کي حضرت بيبي هاجره مان حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ حضرت بيبي ساره مان حضرت اسحاق عليه السلام پيدا ٿيا ۽ بيبي قطوره مان اهل مدين پيدا ٿيا، جن ڏانهن حضرت شعيب عليه السلام نبي بڻائي موڪليو ويو، جنهن وٽ حضرت موسىٰ عليه السلام ڏهہ سال داماد ٿي رهيو "ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى" (طٰهٰ: 40/20) اي موسىٰ عليه السلام هاڻي ان اقدار تي پهچي چڪو آهين، جتي طورسينا تي ڪليميءَ جي اعزاز سان نوازيو وڃين.

اگر کوئی شعیب آئے مُیسّر    شبانی سے کلیمی دو قدم ہے    (اقبال)

وَاِذِ ابْتَلٰٓى اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ قَالَ اِنِّىْ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ
وَمِنْ ذُرِّيَّتِىْ ؕ قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً
لِّلنَّاسِ وَاَمْنًا ؕ وَاتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ
وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِىَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿١٢٥﴾

۽ (اهو وقت ياد ڪريو) جڏهن ابراهيم (عَلَيۡهِ السَّلَامُ) کي سندس رب ڪيترين ڳالهين ۾ آزمايو ته هن اهي سڀ پوريون ڪيون. تنهن تي سندس (پروردگار) فرمايو ته توکي نوع انسان جو امام (اڳواڻ) ڪنداسون، جنهن تي هن (ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَامُ) عرض ڪيو ته منهنجي اولاد مان به؟ (ها پر) منهنجو هيءُ وعدو ظالمن بابت نه هوندو. (24) ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان هن گهر (ڪعبة الله) کي نوع انساني لاءِ (سمورا اختلاف ڀُلائي) هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ ۽ امن و امان سان رهڻ جو مرڪز بڻايو ۽ حڪم ڏنوسون ته ابراهيم (عَلَيۡهِ السَّلَامُ) جي مقام کي مقامِ نماز بنايو ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل (عَلَيۡهِمَا السَّلَامُ) کي تاڪيد ڪيو ته منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن، اعتڪاف ڪندڙن ۽ رڪوع و سجود ڪندڙن جي لاءِ (ڪفر شرڪ ۽ غلط اعتقادات کان) پاڪ صاف رکو.(125)

مَثَابَةً: ثواب جو هنڌ يا ماڻهن جي وري وري اچڻ، گڏ ٿيڻ جو مقام.

يقين ڪريو ته هن قسم جي حق ۽ صداقت واري نظام کي مضبوط پيرن تي کڙو ڪرڻ لاءِ وڏي همت ۽ استقامت جي ضرورت آهي. جيڪو شخص مشڪلاتن ۽ رڪاوٽن جو مقابلو جرئت ۽ بهادريءَ سان ڪري ڪاميابي حاصل ڪري ٿو ته ان کي ڪيترو بلند مقام نصيب ٿي وڃي ٿو، جنهن جو بهترين مثال توهان جي مورث اعلىٰ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَامُ جي ڪوائفِ حيات مان چٽو موجود آهي. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَامُ کي اهڙي ارتقا واري آزمائش مان گذاريو ويو ته جيئن هو پنهنجي نبوت واري ان مقام تي پهچي وڃي، جنهن جي توقع آهي. خاندان، قوم، وطن کان هجرت، آگ نمرود، ذبح اسماعيل وڏا امتحان هئا، جن ۾ هو همت ۽ جرئت جو پيڪر ثابت ٿيو. (الصَّافَّات: 37/82-97) حضرت ابراهيم جي قائم ڪيل نظام جو مرڪزي مقام ڪعبة الله هيو، جتي مسلمان پنهنجا گروهي، مسلڪي، سياسي، سماجي اختلاف ختم ڪري نوع انساني جي وحدت ۾ اچي هر قسم جي خطرن کان محفوظ ۽ فيضياب ٿي ويندا "وَمَنۡ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا" ۽ "قِيَامًا وَ مَثَابَةً" يعني امن ۽ سڪون سان هجڻ، پاڻ پرئي هجڻ ۽ مضبوط ٿيڻ جو درجو آهي.

يهودين ۽ عيسائين لاءِ حضرت ابراهيم عليه السلام جي شخصيت نهايت برگزيده هئي. هو پاڻ کي ان جي اولاد مان هجڻ کي وڏي فخر سان پيش ڪندا هئا ۽ بار بار پنهنجي مذهب جو حوالو ان ڏانهن منسوب ڪندا هئا. حالانڪ سندن مذهبي ڪتاب توريت ۽ انجيل گهڻو بعد ۾ نازل ٿيا، اهڙي طرح مشرڪن وٽ بہ حضرت ابراهيم عليه السلام جو نالو وڏي عزت سان ورتو ويندو هو. هاڻي ايندڙ اٺ آيتن ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي صلاحيتن جي نکار لاءِ ڪيس آزمائش جي مختلف مرحلن مان گذارڻ، امامت جو منصب عطا ڪرڻ، نوع انسان جي اجتماعي ۽ مرڪزي اجتماع ۽ عبادت جي مقام ڪعبه جي تعمير ۽ اطاعت گذار امت جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ جيڪا پروردگار ڪان دعا گهري آهي، ان جو ذڪر آهي. ياد ڪيو تہ جڏهن ابراهيم عليه السلام پنهنجي پروردگار پاران ڪجهہ آزمائش بعد (الصٰفٰت: 107/37-102، الممتحنه: 4/60) پوري طرح نکري نروار ٿيو تہ ڪيس خدا فرمايو تہ هاڻي مان توکي نوع انسانن جي امامت عطا ڪيان ٿو. حضرت ابراهيم عليه السلام عرض گذار ٿيو تہ يا رب منهنجي اولاد مان بہ امام پيدا ڪر. ارشاد رباني ٿيو تہ اهو امام بنائڻ وارو منهنجو وعدو نيڪوڪار پرهيزگار ۽ خدا ترس ٻانهن لاءِ آهي، پر ظالمن، نافرمان ۽ حدون پار ڪندڙ انسانن لاءِ نہ آهي. (العنڪبوت: 27/29) ''مَنْ بَطَّأَ بِهٖ عَمَلُهٗ لَمْ يُسْرِعْ بِهٖ نَسَبُهٗ'' (صحيح مسلم) جيڪو عملن ۾ پٺتي رهجي ويو، ان کي نسب يا ذات اڳتي ڪونہ آڻيندي. (الحجرات: 13/49)

پاڻ ڪمائين ڪين ڪي، پڏائن ڏاڏا ۽ نانا
اهڙا وائي آنا، ڪکڙين ڪنا ڪيا

هت اهل ڪتاب مشرڪن ۽ مؤمنن لاءِ يڪسان طور خدا جو حڪم ۽ عمل جاري ساري آهي. خاص طور بني اسرائيل کي آگاهہ ڪيو ويو آهي تہ نسل ابراهيم عليه السلام مان هجڻ جي ڪري اوهان برگزيده قوم يا امامت جا حقدار نہ آهيو. امامت لاءِ نسل نہ پر ابراهيمي سنت ۽ صفات جي ضرورت آهي. هاڻي وري اهو بہ ياد ڪريو تہ اسان بيت الله (مڪه مڪرّمه ۾ موجود ڪعبه) کي بين الاقوامي اجتماع جو مرڪز (البقره: 130/2) ۽ هر خوف خطري، ڊپ ڊاءَ ۽ اهنج ايذاءَ کان نوع انساني لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جو مقام بنايو ۽ چيوسون، تہ مقام ابراهيم کي پنهنجو مصلو (عبادت جو مثالي نمونو) بڻايو. يهود ڪعبة الله جي بزرگي ۽ فضيلت جا قائل نہ هيا. حج بيت الله ۽ عمره کي جاهلن جي لغو حرڪت

سمجهندا هئا. چوندا هئا تہ اهو نہ حضرت ابراهيم جو طريقو هيو نہ وري حضرت ابراهيم هن کي تعمير ڪيو هو. هن کي عبادتگاهہ بنائڻ مشرڪن جو ڪم هيو. سندن انهيءَ ڳالهہ جو جواب ڏيندي چيو ويو تہ خانہ ڪعبہ، الله جي حڪم سان حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام تعمير ڪيو. اسان حضرت ابراهيم۽ حضرت اسماعيل عليه السلام کي حڪم ڪيو تہ اسان جي گهر بيت الله کي طواف ڪندڙن، اعتڪاف ڪندڙن، رڪوع ۽ سجدا ڪندڙن لاءِ پاڪ رکجو. يعني گند، غلاظت، بت پرستي ۽ هر غلط ۽ ناجائز عمل کان پاڪ صاف هجي. (آل عمران: 3/97-96، المائده: 5/97، ابراهيم: 14/36-35، الحج 22/26-25)

حضرت ابراهيم عليه السلام جو مڪي ۽ مدني 25 سورتن ۾ سندن نالي سان ذڪر آيو آهي. سندن عمر 175 سال هئي. ولادت 2160 قبل مسيح ۽ وفات 1985 قبل مسيح آهي. هڪ سو سال جي عمر ۾ حضرت ساره جي بطن مان حضرت اسحاق عليه السلام جنم ورتو.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ قَالَ وَمَنْ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ قَلِيْلًا ثُمَّ اَضْطَرُّهٗٓ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٢٦﴾

۽ جڏهن ابراهيم (عليه السلام) عرض گذار ٿيو تہ اي منهنجا پروردگار! هن کي امن وارو شهر بناءِ ۽ هن جي رهڻ وارن کي هر طرح جي ميون سان نواز، جيڪي انهن مان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻن. فرمان خداوندي ٿيو تہ جيڪي ڪفر اختيار ڪندا، تہ انهن کي بہ ٿورڙي مدت مال و متاع ڏيندس. ان کان پوءِ هنن جي ڪفر ڪرڻ سبب کين دوزخ جي عذاب طرف وڃڻ لاءِ مجبور ڪندس جيڪا نهايت بري جڳه آهي. (126)

حضرت ابراهيم عليه السلام هن گهر بيت الله جي بنياد رکڻ بعد دعا گهري تہ اي منهنجا پروردگار! هن شهر کي امن ۽ سلامتي جو هنڌ ڪر. (النمل: 27/91، العنڪبوت: 29/67،

التين: 3/95) جنهن ۾ سڪونت پذير هر شهري بنا ڪنهن خوف خطري جي آرام ۽ سڪون واري زندگي بسر ڪري سگهي. حضرت ابراهيم عليه السلام جنهن جاءِ تي مڪه مڪرّمه ۾ سڪونت پذير ٿيو، اهو هنڌ قانون شڪن ماڻهن جي يلغار ۽ ڦرلٽ جو هيو. ويرانگيءَ سان گڏ زندگيءَ جي سهولتن کان بہ خالي هيو، ان ڪري حضرت ابراهيم عليه السلام ڪعبة الله کي آباد ڪرڻ، امن جو مرڪز ڪرڻ ۽ رزق روزي جي فراوانيءَ جون دعائون گهريون، جيڪي سڀ اکر بہ اکر قبول ٿيون. (سبحان الله وبحمده) هاڻي انهن مان جيڪو تو الله تي ايمان رکندڙ ۽ آخرت جي ڏينهن تي يقين ڪندڙ هجي ان کي ميوات جي ڪثرت وارو جهجهو رزق عطا ڪر. (ابراهيم: 37/14، القصص: 57/28) الله تعالىٰ چيو تہ ها انهن کي سڀ ڪجهہ ملندو، (پر هتان جي رهائشين مان) جيڪڏهن ڪو ايمان نٿو آڻي ۽ يوم آخرت جي حساب ڪتاب ۾ يقين نٿو رکي تہ ان کي بہ هتان جي خوشحالي مان ٿورو ڪجهہ ملي ويندو. (بني اسرائيل: 20/17) پر آخرڪار ڪيس بيڪسي ۽ بي بسي جي حالت ۾ باهہ جي عذاب ۾ آندو ويندو ۽ ان جو هي ڪهڙو نہ برو نڪاڻو هوندو. وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا (هود: 6/11) ۽ الله هر جاندار جي رزق جو تہ يقين ڏياريو آهي پر ڪفر ۽ بداعمالي جي سزا جو بہ ٻڌايو آهي. ابراهيم عليه السلام مڪه مڪرّمه لاءِ خوشحاليءَ جي دعا گهري هئي. اهڙي دعا ٻنائي گهوٽ سڳوري سنڌ لاءِ بہ گهري ۽ پوري عالم لاءِ التجا ڪئي.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار  
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

وَاِذْ يَرْفَعُ اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَاِسْمٰعِيْلُ ؕ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ
السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٢٧﴾ رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً مُّسْلِمَةً
لَّكَ ۪ وَاَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَتُبْ عَلَيْنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٨﴾ رَبَّنَا وَابْعَثْ
فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ ؕ
اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٢٩﴾ ع

١٥ ع ٨/١٥

۽ (ياد ڪريو) جڏهن ابراهيم ۽ اسماعيل (عليهما السلام) بيت الله جو بنياد رکي رهيا هئا تہ ٻئي دعا گهري رهيا هيا تہ (يا الله! اسان جي هنن ناچيز ڪوشش کي شرف قبوليت عطا ڪر. بيشڪ تون (اسان جي نيڪ ارادن کي) خوب ٻڌڻ وارو ۽ خوب ڄاڻڻ وارو آهين. (127) اي اسان جا رب! اسان ٻنهي کي پنهنجو مطيع ۽ فرمانبردارڪر ۽ اسان جي اولاد مان امت کي پنهنجو خاص حڪمن جو تابعدار ڪر ۽ اسان کي (حج) ڪرڻ جا طريقا ٻڌاءِ. اسان تي نظرِ ڪرم ڪرڻ فرماءِ. بيشڪ تون ئي توبه قبول ڪرڻ وارو آهين. (128) اي اسان جا پروردگار! هنن ۾ انهن مان ئي اهو آخري رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله مبعوث ڪرڻ فرماءِ، جو هنن کي تنهنجون آيتون پڙهي ٻڌائي ۽ هنن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي. انهن کي (تمام ڪمزورين کان) پاڪ صاف ڪري نشوو نما ڏئي. بيشڪ تون ئي زبردست قوت وارو ۽ ڪمال حڪمت وارو آهين. (129)

انهن دعائن نيڪ تمنائن ۽ پروردگار پاران يقين دهانين بعد جڏهن ابراهيم عليه السلام پنهنجي فرزند اسماعيل عليه السلام سان گڏجي ڪعبة الله جو سنگ بنياد رکيو تي ۽ سندن هٿ گاري ۽ پٿرن ۾ هيا ۽ دل ۽ زبان تي اهو ورد جاري هيو تہ اي اسان جا پروردگار! اسان جي هن مخلصانہ حقير محنت کي پنهنجي بارگاهہ رباني ۾ قبوليت جو درجو عطا ڪر. بيشڪ تون اسان جون التجائون بہ ٻڌين ٿو ۽ اسان جي اندر جي خلوص ۽ سچائي کان بہ واقف آهين ۽ اهو بہ معلوم اٿئي تہ هي مقام ڪنهن جي تشريف آوري سان عالم انسانيت جو اجتماعي مرڪز ٿيڻو آهي. منهنجا رب پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان ٻنهي کي پنهنجو فرمانبردار ۽ اطاعت گذار ٻانهو بڻاءِ تہ جيئن اسان جا سر تنهنجي عبادت ۽ احڪام بجا آوري ۾ هميشه جهڪيل هجن ۽ اسان جي اولاد مان بہ اهڙي امت پيدا ڪر، جيڪا هميشه تنهنجي حڪمن آڏو سربسجود رهي.

" وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ " جي دعائيہ الفاظ ۾ مسلمان بنائي رکڻ جي التجا مان جيڪو سبق ملي ٿو (1) هڪ تہ جڏهن بہ عجز و انڪساري، تقوىٰ ۽ پرهيزگاريءَ سان دعا

گهري تہ سڀ کان اول پنهنجي پلائي ۽ اصلاح لاءِ استدعا ڪري. (2) ٻيو تہ حضرت ابراهيم ﷺ ڪيڏو نہ وڏو اولوا العزم پيغمبر آهي، پر پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد لاءِ مسلمان يعني الله جو فرمانبردار ٻانهو ٿي رهڻ جي درخواست ڪري ٿو. مسلمان هجڻ الله عزوجل جي وڏي مهرباني آهي. (3) ٿيون هن يهود ۽ نصاري ٿيڻ کان پناهہ گهري آهي، چوتہ اهي ٻئي طبقا مغضوب ۽ ضالّين ۾ شامل ٿيڻ وارا آهن. ”وَمِنۡ ذُرِّيَّتِنَآ“ ۾ ان وقت موجود حضرت اسماعيل ﷺ هيو، جنهن جي اولاد يعني حضور اڪرم ﷺ شامل آهن. ”مَنَاسِكَ“ مان قرباني، مقامِ قرباني، ارڪان حج ۽ عمره مراد آهن. ”وَتُبۡ عَلَيۡنَا“ ۾ ”تُبۡ“ سان ”عَنۡ“ ملائي ”عَلَيۡنَا“ استعمال ٿيو آهي ۽ ”اَللّٰهُمَّ تُبۡتُ اِلَيۡكَ“ ۾ تَابَ اِلىٰ سان آهي يعني رجوع ٿيڻ ٻنهي طرفن کان آهي. ”رَبَّنَا وَابۡعَثۡ فِيۡهِمۡ رَسُوۡلًا“ مان مراد نبي اڪرم ﷺ جن جي ذات اطهر آهي، جنهن لاءِ ابراهيم ﷺ جي دعا، موسىٰ ﷺ جي تمنا، عيسىٰ ﷺ جي بشارت، امان سانئڻ بيبي آمنه جو خواب آهي.

ابن مريم جي بشارت يا تمناءِ ڪليم
يا خليل الله جي دل جي دعا پيدا ٿيو.

(مشتاق سچاروي)

”آيَة“ عربي زبان ۾ اهڙي شيءِ ڪي سڏجي ٿو، جنهن سان ڪنهن جي نبوت جي تصديق لاءِ دليل قاطع هجي. قرآن حڪيم جي هر آيت دليل قاطع آهي. ”يُعَلِّمُهُمۡ“ مان مراد ”اَلرَّحۡمٰنُ ○ عَلَّمَ الۡقُرۡاٰنَ○“ واري تعليم آهي. ”اَلۡكِتٰبَ“ مان مراد قرآن مجيد، صحيفهِ شريعت ۽ ”اَلۡحِكۡمَةَ“ دين جي اصل حقيقت ايمان اخلاق ۽ جوهر آيات الهي جو بيان مراد آهي. ”يُزَكِّيۡهِمۡ“ مان مراد ڪنهن ڪي تمام ناپاڪ شين کان پاڪ صاف رکڻ ۽ ان جي خداداد صلاحيتن جي نشو ونما ڪري حدِ عروج تائين پهچائڻ آهي، جيڪو صرف هڪ وڏي حڪمت واري ۽ هر شيءِ تي غالب قدرت ۽ طاقت واري مالڪ جي هٿ وس آهي.

اسان کي انهن طور طريقن کان آگاهہ ڪر، جن سان اسان عظيم مقصد حاصل ڪري سگهون. اسان کي پنهنجي توفيق ۽ مدد سان نوازي اسان جي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کي درگذر ڪر. بيشڪ تنهنجي ذات پاڪ ئي توبه قبول ڪرڻ ۽ رحم ڪرڻ واري آهي. حضرت ابراهيم ﷺ پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد جي لاءِ امامت، امن، خوشحالي،

اطاعت گذاري ۽ شهر مڪه جي شاد آباد هجڻ جي مقبول دعائن گهرڻ بعد دست بدعا آهي ته اي منهنجا پروردگار! هن ڪعبي کي نوع انسان جي لاءِ هدايت رهنمائي ۽ اجتماعي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي مرڪز جو درجو عطا ڪري (آل عمران: 3/ 97-96) هتي انهن منجهان ئي اهڙو رسول (خاتم النبين ۽ سيد المرسلين) مبعوث ڪرڻ فرماءِ، جيڪو ماڻهن کي تنهنجون موڪليل آيتون پڙهي ٻڌائي، ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ۽ انهن کي پاڪ صاف بڻائي، سندن ڪاميابي ۽ ڪامراني جون راهون کولي صلاحيتن کي اجاگر ڪري، نشونما ڏئي. (الانعام: 6 / 114 کان 116) منهنجا رب! بيشڪ تنهنجي ذات ئي وڏي قوت ۽ حڪمت واري آهي. ابراهيم عليه السلام جي هي دعا اهل ڪتاب لاءِ هڪ اعلان هيو ته آخري رسول ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ايندو ۽ ڪعبة الله عالم اسلام جو مرڪز ٿيندو، جيڪو حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي بعثت سان سچ ثابت ٿيو. حديث شريف آهي: اِنَّ لِكُلِّ نَبِيٍّ وَلَاةٌ وَاِنَّ وَلِيِّيْ اَبِيْ وَ خَلِيْلُ رَبِّيْ عَزَّ وَجَلَّ (جامع ترمذي) هر نبي سڳوري جو نبين مان ڪو والي آهي ۽ منهنجو والي منهنجو ابو ۽ الله عزوجل جو خليل (حضرت ابراهيم عليه السلام) آهي. وڌيڪ ڏسو (البقره: 2/151-119، آل عمران: 3/164، الاعراف: 7/158- 157، سبا: 34/28، بني اسرائيل: 17/39، الحج 22/26، الاحزاب: 33/46- 45- 34، الفاطر: 35/4، الجمعه: 62/2) نبي اڪرم فرمايو ته مان حضرت ابراهيم جي دعا، حضرت عيسىٰ عليه السلام جي بشارت ۽ پنهنجي والده جو خواب آهيان. (الفتح الرباني)

ابن مريم جي بشارت يا تمنائي ڪليم
يا خليل الله جي دل جي دعا پيدا ٿيو. (مشتاق سچاروي)

وَمَنْ يَّرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ اِبْرٰهٖمَ اِلَّا مَنْ سَفِهَ نَفْسَهٗ ؕ وَلَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ۚ وَاِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗٓ اَسْلِمْ ۙ قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٣١﴾ وَوَصّٰى بِهَآ اِبْرٰهٖمُ بَنِيْهِ وَيَعْقُوْبُ ؕ يٰبَنِيَّ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى لَكُمُ الدِّيْنَ فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٣٢﴾

اهو ڪير هوندو، جيڪو ابراهيم (عليه السلام) جي دين کان منهن موڙي سواءِ ان شخص جي، جنهن پنهنجو پاڻ کي حماقت ۾ مبتلا ڪيو هجي. اسان هن کي يقينًا دنيا ۾ به منتخب ڪيو هو ۽ يقينًا آخرت ۾ به هو اسان جي صالح ٻانهن مان هوندو. (130) ۽ جڏهن به هن جي پروردگار هن کي حڪم ڏنو ته (منهنجي سامهون) سر تسليم خم ڪر ته عرض ڪرڻ لڳو ته مون تمام جهانن جي پالڻهار آڏو پنهنجو گردن (سر) جهڪايو آهي. (311) ۽ ابراهيم (عليه السلام) پنهنجن پٽن کي اهائي وصيت ڪئي هئي ۽ يعقوب (عليه السلام) پڻ اهو چيو هو ته اي منهنجا فرزندؤ! بيشڪ الله اوهان لاءِ هي دين (اسلام) پسند ڪيو آهي سو اوهان جو مسلمان جي حيثيت ۾ ئي موت ٿئي.(132)

يهودي ۽ عيسائي پنهنجي جنهن مذهب کي "دين ابراهيمي" سڏي رهيا آهن ۽ جنهن جا تنها دعويدار ٿي رهيا آهن، اهو غلط آهي. ابراهيم عليه السلام جو دين ته اهو آهي، جنهن جو ذڪر ٿي چڪو آهي، جيڪو صحيح صورت ۾ انهن جي آڏو پيش ڪجي ٿو ۽ ان تي هلڻ جو مطالبو ڪجي ٿو ته هو راهِ فرار اختيار ڪن ٿا انهن ماڻهن وانگر، جيڪي پنهنجي بيوقوفي ۽ ناداني جي ور چڙهي ويا آهن، ڀلا ٻيو ڪهڙو عقل ۽ بصيرت وارو ماڻهو هوندو، جو ملت ابراهيمي جهڙي سڌي طريقي کان منهن موڙيندو. حضرت ابراهيم عليه السلام ته هن دنيا ۾ به اسان جو منتخب ٿيل وڏي مانَ وارو رهيو ۽ آخرت ۾ به هن جو مقام صالحين ۽ خدا جي نيڪ ٻندن جي صف ۾ آهي، جنهن کي امامت ۽ پيشوائيءَ لاءِ منتخب ڪيو ويو، جيڪو فرمانبردار ۽ شڪرگذار ٻانهو هيو. (النحل: 16/121-122-120) جڏهن ابراهيم عليه السلام کي خدا جو حڪم ٿيو ته قانون الٰهي مطابق زندگي گذارڻ لاءِ سر تسليم خم ڪر ۽ هن جي هر حڪم جو اطاعتگذار ٻانهو ٿيءُ. هن ۾ باريڪ اشارو حضرت اسماعيل عليه السلام جي قربانيءَ ڏانهن آهي، جو هن بصد عجز و نياز چيو ته مان پنهنجي پالڻهار جي هر حڪم کي دل و جان سان تسليم ڪيان ٿو. اهو فرزند، جيڪو 87 سال جي عمر ۾ ڦهريون اولاد هيو، جڏهن هو 13 سالن جو ٿيو ۽ ابراهيم عليه السلام جي عمر 100 سال کي پهتي، تڏهن جوان پٽ کي الله جي راهه ۾ قربان ڪرڻ جو حڪم مليو، جنهن کي اسماعيل عليه السلام دل جي

گهراين سان قبول ڪيو. (الصّٰفّٰت:37/ 99 کان 111 تائين)

يہ فيضانِ نظر تھا یاکہ مکتب کی کرامت تھی
سکھائے کس نے اسماعیل کو آدابِ فرزندی (اقبال)

انهي دين متين جي هلڻ جي ابراهيم عليه السلام پنهنجن پٽن اسماعيل ۽ اسحاق عليهما السلام کي وصيت ڪئي هئي تہ اهڙي طرح سندس پوٽي يعقوب عليه السلام بہ پنهنجي اولاد کي وصيت ڪئي تہ منهنجا ٻچا (پٽ) الله تعالیٰ اوهان جي لاءِ "الدين" يعني دين اسلام جو انتخاب ڪيو آهي، ان ڪري اوهان انهيءَ دين تي زندگيءَ ڀر مضبوطي سان قائم رهجو ۽ ياد رکو تہ اوهان جو موت ان حالت ۾ ٿئي جو اوهان مسلمان يعني الله ۽ ان جي دين اسلام جا دل و جان سان قبول ڪندڙ آهيو. (آل عمران: 3/85، 19، القصص: 28/ 53-52، حٰمٓ السجده: 41/34، 33) "رَغِبَ يَرْغَبُ" معنیٰ منهن موڙڻ. جهڙيءَ طرح حديث ۾ آهي: "فَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِيْ فَلَيْسَ مِنِّيْ" (صحيح بخاري) جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو ۽ ترڪ ڪيو تہ اهو مون مان (يعني امت محمديه) نہ آهي. "رَغِبَ" رغبت جي معنیٰ ۾ بہ اچي ٿو.

اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ الْمَوْتُ ۙ اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِيْ ؕ قَالُوْا نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَاِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٣﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْئَلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٤﴾

ڇا اوهان (ان وقت) موجود هيا جڏهن يعقوب (عليه السلام) وفات پاتي. جڏهن هن پنهنجن پٽن کان پڇيو تہ اوهان منهنجي (مرڻ) بعد ڪنهن جي بندگي اختيار ڪندؤ تہ هنن جواب ڏنو تہ اسان تنهنجي معبود ۽ تنهنجي ابن ڏاڏن ابراهيم، اسماعيل ۽ اسحاق (عليهم السلام) جي معبود جي عبادت ڪنداسون، جيڪو هڪ الله آهي ۽ اسان سڀ ان جو حڪم مڃڻ وارا آهيون. (133) هيءَ هڪ

**جماعت هئي، جيڪا گذري چڪي، جيڪو هنن ڪمايو، اهو انهن لاءِ ئي هيو ۽ جيڪو اوهان ڪمايو، اهو اوهان جو آهي ۽ اوهان کان هنن جي اعمال جي پڇا نہ ڪئي ويندي. (134)**

ڇا اوهان ان وقت موجود هيؤ، جڏهن يعقوب عليه السلام تي موت اچڻ وارو هو. ان وقت هن پنهنجن پٽن کان پڇيو تہ منهنجي مري وڃڻ کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندو ۽ ڪنهن جي حڪمن مطابق زندگيءَ گذاريندؤ؟ هنن وراڻيو تہ اسان ان الله جي عبادت ڪنداسون جنهن جي عبادت تو پاڻ ڪئي آهي ۽ تنهنجي وڏڙن ابراهيم، اسماعيل ۽ اسحاق عليهم السلام ڪئي آهي. اهو ئي هڪڙو وحده لا شريڪ له رب آهي ۽ اسان انهيءَ جي آڏو ئي پنهنجي بندگيءَ جو اقرار ڪندي انهيءَ کي پنهنجو رب تسليم ڪندڙ ۽ مڃيندڙ مسلمان آهيون. حضرت يعقوب عليه السلام زندگيءَ جي آخري لمحات ۾ پنهنجي اولاد کي دين حق يعني دين ابراهيم عليه السلام تي زنده رهڻ ۽ مرڻ جي تلقين ڪئي آهي.

هت يهودين جو حقيقت حال ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي کين ٻڌايو وڃي ٿو تہ اوهان جي بزرگن حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت يعقوب عليهم السلام جو طريق حيات، ملت ۽ دين اهو هو، جيڪو بيان ٿي چڪو آهي، جنهن مطابق اسان توحيد جا مڃيندڙ ۽ اسلام کي دين جي حيثيت ۾ اختيار ڪندڙ آهيون. اهوئي سچو دين آهي. اوهان بہ پنهنجي نسبت انهن سان جوڙيندي چئو ٿا تہ اسان هنن ڀلارن جي اولاد آهيون، ان ڪري عمل کهڙا بہ ڪيون، پر هنن بزرگن جي ڪري بخشيا ينداسون. سندن هن غلط ۽ گمراهہ ڪن عقيدي جي جواب ۾ چيو وڃي ٿو تہ اوهان جي هنن سان نسبت ظاهر ڪرڻ مان اوهان کي ڪو بہ فائدو ڪو نہ ٿيندو. هي عمل جي دنيا آهي. انهن بزرگن جيڪي نيڪ ڪم ڪيا ۽ هليا ويا تہ انهن جو ڦَل يا نتيجو انهن کي ملندو، پر جيڪي اوهان ڪمايو ٿا ان جو نتيجو اوهان کي ملندو. اوهان جو اهو خيال غلط آهي تہ توهان جا بزرگ نبي ۽ ولي اوهان جا گناهہ بخشرائي ويا آهن ۽ هاڻي اوهان کان ڪو پڇاڻو نہ ٿيندو. اهو عقيدو محض وهم و خيال آهي. هنن جي اعمال ۾ اوهان جو ڪو بہ حصو نہ آهي. اوهان کان هنن جي اعمال بابت ڪو پڇاڻو ڪو نہ ٿيندو ۽ نہ وري اولاد هجڻ سبب هنن جي نيڪ عملن جو ڦل اوهان کي ملندو.

وَقَالُوْا كُوْنُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوْا ؕ قُلْ بَلْ مِلَّةَ اِبْرٰهٖمَ حَنِيْفًا ؕ وَمَا كَانَ
مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۳۵﴾ قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَ مَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ
وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ وَمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَعِيْسٰى وَمَآ اُوْتِيَ
النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۖ وَنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۱۳۶﴾

۽ هو (اهل ڪتاب) چون ٿا تہ يا يهودي يا نصراني ٿي وڃو تہ هدايت وارا هوندؤ. هنن کي چؤ تہ نہ پر اسان تہ ابراهيم (عليه السلام) جيڪو صرف الله طرف ئي متوجّه ٿيو، جو دين اختيار ڪيو آهي ۽ هو مشرڪن مان نہ هيو. (135) اوهان چؤ تہ اسان جو ايمان الله تي آهي ۽ جو (ڪتاب) اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ ان تي بہ جيڪو ڪجهہ ابراهيم، اسماعيل، اسحاق ۽ يعقوب (عليهم السلام) ۽ سندن اولاد ڏانهن نازل ڪيو ويو هو ۽ انهن (ڪتابن) تي بہ (ايمان آڻيون ٿا) جو موسىٰ ۽ عيسىٰ (عليهما السلام) کي عطا ڪيا ويا ۽ اهڙيءَ طرح جيڪو ٻين نبين (سڳورن) تي سندن الله پاران نازل ڪيو ويو هو، اسان انهن مان ڪنهن هڪ تي ايمان آڻڻ ۾ ڪابہ تفريق نٿا ڪريون ۽ اسان انهيءَ هڪ الله جا فرمانبردار ٻانها آهيون. (136)

يهودي مسلمانن کي چون ٿا تہ اوهان يهودي ٿي وڃو تہ پوءِ ئي هدايت يافتہ ٿي سگهندا. اهڙي طرح عيسائي چون ٿا تہ جيستائين عيسائي نہ ٿيندؤ، تيستائين اوهان هدايت حاصل ڪري نہ سگهندؤ. هنن هدايت ۽ نجات کي يهوديت ۽ نصرانيت سان مشروط ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا هنن جي غلط خيالي آهي. هنن کي ٻڌاءِ تہ هدايت ۽ نجات ڪنهن گروه بندي، فرقي يا قوم سان مخصوص ناهي. هدايت جي راهہ اها ئي آهي جيڪا ابراهيم عليه السلام واري راهہ آهي، جنهن ۾ يڪسوئي سان پاڻ کي الله سان جوڙڻو آهي. هو شرڪ ڪندڙ نہ هو ۽ نہ يهودي هو ۽ نہ عيسائي (3/94، 3/95-67) پر اوهان تہ انسانن وانگر الله جا پٽ ۽ ڌيئرون ناهي ڇڏيا آهن. شرڪ جهڙي هيڏي وڏي گستاخي ۽ ناقابل معافي

گناهه کان پوءِ بہ اوهان پاڻ کي الله جي پياري مان پياري مخلوق ۽ بهشت جا اڪيلا حقدار سمجهو ٿا. هن ڪان اڳ اهو اڳيو مضمون آيت نمبر 111 ۾ بہ آيو آهي.

مسلمانؤ! اوهان هن گمراهہ ٽولي کي ٻڌايو تہ اسان الله تي ايمان آندو آهي ۽ جيڪي اسان ڏانهن نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي ذريعي قرآن نازل ٿيو آهي، ان تي ۽ جيڪي ڪجهہ حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت اسحاق، حضرت يعقوب عليهم السلام ۽ سندس اولاد طرف نازل ڪيو ويو، جيڪو موسىٰ ۽ عيسىٰ عليهما السلام کي ڏنو ويو ۽ جيڪو ڪجهہ سندن رب پاران ٻين نبين سڀني کي ڏنو ويو، ان سڀ تي ايمان آڻيو ٿا، اسان هنن مان ڪنهن بہ هڪ جي تفريق نٿا ڪريون تہ هن کي مڃون ٿا ۽ هن کي نٿا مڃون. اسان الله طرفان موڪليل سمورن نبين ۽ رسولن ڏانهن خدا طرفان موڪليل هدايت کي يڪسان طور سچو ۽ صحيح تسليم ڪيون ٿا ۽ ان تي ايمان آڻيون ٿا ۽ ان جي حڪمن آڏو سر تسليم خم ڪريون ٿا، نہ هو مشرڪن مان هيو ۽ نہ وري اسان مشرڪن مان آهيون، اسان پڪا پختا مسلمان آهيون. (البقره: 285/2)

فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِيْ شِقَاقٍ ۚ فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٣٧﴾ صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ۫ وَّنَحْنُ لَهٗ عٰبِدُوْنَ ﴿١٣٨﴾ قُلْ اَتُحَآجُّوْنَنَا فِي اللّٰهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۚ وَلَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۚ وَنَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ﴿١٣٩﴾

پوءِ (اي مسلمانو) جيڪڏهن اهي (يهود ۽ نصارىٰ) بہ اهڙيءَ طرح ايمان اختيار ڪن، جهڙيءَ طرح اوهان ايمان آندو آهي، تڏهن هو هدايت وارا هوندا. پر جيڪڏهن هو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪن (منهن موڙين) تہ سمجهو تہ هو رڳو مخالفت ڪري رهيا آهن. الله توکي هنن جي شرڪ کان بچائڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ هو (الله) خوب ٻڌڻ وارو ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. (137) هنن کي چؤ تہ اسان تي الله جو رنگ چڙهي چڪو آهي. ڀلا ٻيو ڪنهن جو رنگ آهي، جو الله جي رنگ

**كان بهتر آهي. اسان انهيءَ (الله) جا عبادت گذار آهيون. (138) (اي نبي ڪريم ﷺ! هنن کي) چئو تہ ڇا الله جي باري ۾ اوهان اسان سان جهڳڙو ڪري رهيا آهيو (يا اجايو بحث ڪيو ٿا)، حالانڪ اهوئي اسان جو پروردگار آهي تہ اوهان جو رب بہ آهي. اسان پنهنجي اعمال جا جوابده آهيون ۽ اوهان پنهنجي اعمال جا ذميدار آهيو. اسان تہ مڪمل طور خالص ان (الله) جا ٿي ويا آهيون. (139)**

اي مسلمانؤ! اوهان اهل ڪتاب جي آڏو انبياءِ بني اسرائيل جي طريقي ۽ تعليم جو بيان ۽ پنهنجي عقيدي ۽ ايمان جو داستان کولي کولي ٻڌائي ڇڏيو آهي، هاڻي جيڪڏهن اهل ڪتاب بہ اهڙي طرح ايمان آڻين ٿا جهڙي طرح اوهان ايمان آندو آهي (البقره: 91/2، آل عمران: 199/3، النساءِ: 170/4، المائده: 104/5، الاعراف: 157-158/7، محمد: 2/47) تہ پوءِ اوهان جي درميان سمورا اختلاف ۽ جهڳڙا ختم ٿي ويا ۽ سمجهو تہ هي بہ هدايت واري واٽ تي اچي ويا آهن. پر جيڪڏهن اوهان جي آڇ نہ مڃين ۽ ان کان منهن موڙي ڦري وڃن تہ سمجهو تہ هو ضد ۽ هٺ ڌرمي ۾ مبتلا آهن.

گزشتہ آيتن ۾ دين ابراهيميءَ جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ جي دعوت بہ ان ابراهيمي دين جي اتباع ۽ دين اسلام ۽ اطاعت حق ۾ آهي. سمورن نبين سڀني جو اهو هڪ دين رهيو آهي، جنهن جو اعلان حضور اڪرم خاتم النبيين ﷺ ڪيو آهي. ان ڪري يهوديت ۽ نصرانيت جي باطل عقيدن کان روڪي فقط دين اسلام قبول ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. هٽ ڪافرن، يهودين ۽ عيسائين کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ جيڪڏهن اوهان پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ ۽ سندس اصحاب سڀني وانگر اسلام قبول ڪيو تہ الله وٽ اسلام جو رڳو اهو نمونو قبول آهي، باقي ٻيا سڀ طريقا گمراهي آهن، ان ڪري اي پيارا حبيب! هنن جي انهيءَ انڪار تي رنجيده خاطر نہ ٿجو. هنن جي مقابلي ۾ الله اوهان جي حمايت لاءِ ڪافي آهي. هو توهان کي ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهن، ڇو تہ الله تعالىٰ سڀ ڪجهہ ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. حديث پاڪ آهي: ”اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَشْهَدُوْا اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ“ يعني جيستائين هي ڪافر،

يهود ۽ نصاريٰ توحيد ۽ منهنجي رسالت قبول نٿا ڪن، تيستائين انهن سان جنگ ڪريان، يعني ڪي رسالت تي ايمان آڻڻ، توحيد وانگر لازم آهي. عيسائي دعويٰ ڪن ٿا ته اسان وٽ اصطباغ بپتسمه يعني رنگ چاڙهڻ واري رسم آهي، جيڪا اسان جي نجات جي ضامن آهي. هنن کي ٻڌاءِ ته هدايت ۽ نجات جو رستو ڪنهن رنگ چاڙهڻ واري رسم ۾ نه آهي. اهو رنگ ڪنهن ڪم جو ناهي. اصل رنگ ته الله جو رنگ آهي ۽ جنهن کي الله پنهنجي نوازشن ۽ نعمتن سان رنگي ڇڏي ته اهڙي رنگ کان ٻيو ڪهڙو رنگ بهتر ٿي سگهي ٿو. ان ڪري اسان ان جا ئي عبادتگذار آهيون ۽ ان جي رنگ ۾ رچي ويا آهيون. اي پيغمبر خاتم النبيين ﷺ! هنن کي ٻڌائي ڇڏ ته اسان سان اوهان جي مخاصمت ۽ جهيڙو ان ڪري آهي جو اسان الله جي هيڪڙائيءَ ۾ ايمان رکون ٿا ۽ ان جي عبادت ڪريون ٿا. حالانڪ اسان جو ۽ اوهان جو اهو ئي پالڻهار آهي، جيڪو اسان کي آهستي آهستي حد ڪمال تي پهچائي ٿو. اسان پنهنجن اعمال جي نتيجن جا پاڻ ذميوار آهيون ۽ اوهان پنهنجي اعمال جي نتيجن جا ذميوار پاڻ آهيو، اسان خلوص دل سان ان جا عبادت گذار آهيون. هن آيت کي آيت نمبر62 سان گڏ پڙهي ڏسو ته بهتر آهي.

اَمْ تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا
اَوْ نَصٰرٰى ؕ قُلْ ءَاَنْتُمْ اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً
عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۰﴾ تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ۚ
لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ ۚ وَلَا تُسْئَلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۱﴾ ع ۱۶

چا اوهان جو اهو چوڻ آهي ته ابراهيم، اسماعيل، اسحاق ۽ يعقوب (عليهم السلام) ۽ انهن جو اولاد سڀ يهودي يا نصاريٰ هيا. ڪين چؤ ته اوهان وڌيڪ ڄاڻو ٿا يا الله؟ ڀلا هن (شخص) کان وڌيڪ ظالم ڪير هوندو، جو هو ان شهادت کي لڪائي، جيڪا هن وٽ الله جي طرفان (نازل ڪيل ڪتاب ۾) موجود آهي.

ياد رکو الله اوهان جي ڪمن کان بيخبر ناهي.(140) هو هڪ جماعت هئي، جيڪا گذري وئي، جو ڪجهه ان ڪمايو، اهو ان لاءِ هيو ۽ جيڪو ڪجهه توهان ڪمائيندؤ اهو توهان لاءِ هوندو ۽ اوهان کان هنن جي اعمال جي پڇا ڪانه ڪئي ويندي. (141)

ايتري قدر وضاحت جي باوجود به جيڪڏهن هو پنهنجي باطل عقيدن ۽ خيالن تي اڙيل رهن ٿا ته پوءِ هنن کي چؤ ته اي اهل ڪتاب يعني يهودي ۽ عيسائي! ڇا اوهان اهو چؤ ٿا ته ابراهيم، اسماعيل، اسحاق ۽ يعقوب عَلَيْهِمُ السَّلَامُ ۽ انهن جي اولاد، جن ۾ نبي ۽ رسول به آهن، اهي سمورا يهودي هئا يا نصراني هئا. اوهان جي اها دعوىٰ غلط آهي. ڪين ٻڌاءِ ته انهن جي دين ۽ ملت جي طريقي کي اوهان زياده ڄاڻو ٿا يا الله وڌيڪ ڄاڻي ٿو. اوهان جي ڪتاب ۾ اهو چڱيءَ طرح لکيل آهي ته اهي سمورا الله جا فرمانبردار، صالح ۽ نيڪ انسان هئا. اوهان ان ثبوت کي لڪائي غلط بياني ڪريو ٿا. ٻڌايو ته پلا ان کان وڌيڪ ڪير ظالم ٿي سگهي ٿو جو اهڙي چٽي شاهديءَ کي لڪائي، جيڪا الله جي طرفان آيل هجي، اوهان جي ڪتابن ۾ اڳين نبين، رسولن جو ذڪر به وضاحت سان آيل آهي ته نبي آخر زمان خَاتَمُ النَّبِيِّينَ صَلَّى اللهُ تَعَالَىٰ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جي آمد ۽ بعثت جي بشارت به موجود آهي، جا لڪائڻ سان لڪي نه سگهندي. اوهان جيڪي به ڪريو ٿا، الله تبارڪ وتعالىٰ ان کان پوري طرح آگاهه آهي، جنهن جي سزا اوهان کي ضرور ملندي، ڇو ته حق ۽ سچائي کي ڄاڻي واڻي لڪائڻ الله وٽ سڀ کان وڏو گناهه آهي. هنن تمام حقائق جي اچڻ بعد به توهان جو پنهنجن وڏڙن (اسلاف) بابت اجان به اهو ئي خيال آهي ته پوءِ ان سان حقيقت حال ته تبديل ڪا نه ٿيندي. اهي جيئن به هئا هو پنهنجي اعمال ۽ انهن جي نتيجن جا پاڻ ذميوار آهن ۽ اوهان پنهنجي اعمال ۽ انهن جي نتيجن جا ذميوار آهيو. اوهان کان هنن جي عملن بابت ڪو پڇاڻو ڪو نه ٿيندو. ان ڪري اوهان پنهنجي عاقبت جو خيال ڪريو. اسان ته "وَنَحۡنُ لَهٗ مُسۡلِمُوۡنَ" يعني الله جي حڪمن جي بجاآوري ڪرڻ وارا آهيون. "وَنَحۡنُ لَهٗ مُخۡلِصُوۡنَ" ۽ ان جي عبادت ۽ تسليم ۾ مخلص آهيون، جنهن ۾ ذرا پير شڪ يا ريا جو گمان نه آهي. حديث شريف ۾ آهي: "مَنۡ صَلّٰى يُرَائِيۡ

فَقَدۡ اَشۡرَكَ مَنۡ صَامَ يُرَائِيۡ فَقَدۡ اَشۡرَكَ مَنۡ تَصَدَّقَ يُرَائِيۡ فَقَدۡ اَشۡرَكَ" (مسند احمد) جنهن ڏيکاءَ لاءِ نماز پڙهي، تہ ان شرڪ ڪيو، جنهن ڏيکاءَ لاءِ روزو رکيو تہ هن شرڪ ڪيو ۽ جنهن ڏيکاءَ لاءِ صدقو خيرات ڪيو تہ هن شرڪ ڪيو.

اتي ئي آهين، جتي اوهان چڏيون
اکيون عبداللطيف چئي، ماڳ نہ مٽائين،
جي ٻيو در واجهائين تہ ڪڏي ڪانگن کي ڏيان. (شاهہ ﷫)

حديث شريف ۾ آهي: "مَنۡ بَطَّأَ بِهٖ عَمَلُهٗ لَمۡ يُسۡرِعۡ بِهٖ نَسَبُهٗ" (صحيح مسلم) جنهن کي هن جي عملن پٺتي ڪيو ان کي ان جو نسب اڳتي نہ آڻيندو. يهود ۽ نصاريٰ جي انهن اختلافي رقيق نظرين، عقيدن ۽ اعتقادن کي ڏسي مسلمانن کي سوچڻ گهرجي تہ اسان مسلمان آهيون، يعني دين اسلام جا اطاعت گذار آهيون يا پنهنجي مسلڪن، ديوبندي، بريلوي، اهل حديث، شيعا آهيون. اسان پنهنجي مسلڪ کي دين جو درجو ڏئي، دين اسلام کان دوري ڪئي آهي. "وَمَنۡ اَحۡسَنُ قَوۡلًا مِّمَّنۡ دَعَاۤ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِيۡ مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ" (حٰم السجده: 33/41) "فَلَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا وَاَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ" (البقره: 132/2) يعني اوهان جو مسلمان جي حيثيت ۾ موت ٿئي. اهڙيءَ طرح "وَنَحۡنُ لَهٗ مُسۡلِمُوۡنَ" (البقره: 133/2) يعني اسان سڀ ان جو حڪم مڃڻ وارا آهيون. اسان کي مسلمان سڏائڻ تي فخر هئڻ گهرجي. پر اسان مسلڪن کي دين جو درجو ڏئي، دين کان منهن موڙيو آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو: "وَاَنَّ الۡمَسٰجِدَ لِلّٰهِ" (الجنّ: 72 /18) هاڻي مسجدون بہ اهل حديثن، شيعن، ديوبندين ۽ بريلوين جون ٿي ويون آهن ۽ مسلڪ جا اختلاف ڪفر جون فتوائون ڏين ٿا، حالانڪ اسان الله عزوجل کي رب العالمين سمجهون ٿا، ڪنهن هڪ مسلڪ کي پنهنجو معبود نٿا سمجهون.

چڏ ڪفر جون فتوائون، مسلمان رهڻ ڏي
هن سادڙي انسان کي انسان رهڻ ڏي
اسلام جي نالي ۾ نوان فتنا نئين سج
اي شيخ! گنهگار جو ايمان رهڻ ڏي. (مشتاق سچاروي)